اطلاعات کاتو
حڪومتِ سنڌ

ماهوار

# پيغام

ڪراچي

جنوري 2023ع



سنڌ جو ناميارو شاعر ۽ اديب: مختيار ملڪ



جس دهج سي ڪوئي مقتل ۾ گيا!



ڊجيٽل تعليم ڪيئن مفيد آهي؟



اڻون اياز ميلو: هڪ اهم علمي ادبي ثقافتي سرگرمي




پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين ۽ پاڪستان جي پرڏيهي معاملن جو وزير بلاول ڀٽو زرداري
لاڙڪاڻي ۾ چانڊڪا ميڊيڪل سول اسپتال ۾ تازو تعمير ٿيل ايمرجنسي ريسپانس سينٽر جي دوري بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي.




پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين ۽ پاڪستان جي پرڏيهي معاملن جي وزير بلاول ڀٽو زرداري
جو لاڙڪاڻي جي چانڊڪا ميڊيڪل سول اسپتال ۾ تازو تعمير ٿيل ايمرجنسي ريسپانس سينٽر جي دوري ڪرڻ دوران
ريسڪيو 1122 ورڪرن سان گڏ ڪڍرايل گروپ فوٽو

ماهوار پيغام ڪراچي

جنوري 2023ع

اطلاعات کاتو
حڪومتِ سنڌ

# ماهوار پيغام ڪراچي

**جلد 26، شمارو 13، جنوري 2023ع**

نگران اعليٰ

**شرجيل انعام ميمڻ**

صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران

**عمران عطا سومرو**

سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ

چيف ايڊيٽر

**منصور احمد راجپوت**

ڊائريڪٽر پبليڪيشن

ايڊيٽر

**علاب علي ڏيٽو**

انفارميشن آفيسر

اسسٽنٽ ايڊيٽر

**ثناءُ الله سومرو**

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| نئون سال: نوان جذبا ۽ نيون اُميدون! | ايڊيٽوريل | 02 |
| جس دهج سي ڪوئي مقتل ۾ گيا! | شرجيل انعام ميمڻ | 3 |
| انساني حقن جو عالمي منشور ۽ اسان جون ذميواريون | پروفيسر لطافت علي جوهر | 6 |
| غربت جو خاتمو ممڪن آهي | شبير احمد مغيري | 10 |
| ڊجيٽل تعليم ڪيئن مفيد آهي؟ | شاهينہ هاشم | 13 |
| سکر بئراج: ڪالهہ ۽ اڄ | حبدار علي | 15 |
| سنڌ اسيمبليءَ مان هارين لاءِ منظور ڪرايل ڀھريون قانون | سنڌيڪار: فرحان تنيو | 17 |
| ملڪ ۾ زرعي سڌارن جي ضرورت | اسحاق سومرو | 20 |
| سنڌ لينڊ ايلينيئشن بل بابت سنڌ قانونساز اسيمبليءَ جي ڪارروائي(تاريخي دستاويز) | عبدالستار بلوچ | 23 |
| ٻولين جي اهميت ۽ ذميواريون | رياض حسين مسڻ | 28 |
| رابندرناٿ ٽئگور ۽ شانتي نڪيتن | هدايت الله سومرو | 34 |
| ناميارو شاعر، اديب ۽ ليکڪ مختيار ملڪ | عطا حسين زين سولنگي | 46 |
| مولانا غلام محمد گرامي | سيد شاهد حسين | 49 |
| يڪتاري ۽ چپڙي جو ٻي تاج بادشاهہ جلال چانڊيو جون ساروڻيون | حبيب الرحمان چنو | 53 |
| قومن جي عروج ۽ زوال جا سبب | نعمت الله سومرو | 55 |
| اٺون اياز ميلو | علي محمد سومرو | 57 |
| سمارٽ فون (ڪهاڻي) | محمد علي پناڻ | 60 |

رابطي لاءِ:

www.information.sindh.gov.pk/publications
publication.sid@gmail.com
www.twitter.com/Publication_sid
www.facebook.com/publication.sid
021-99202610

**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ،**
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ B-4، ڪراچي، 74200.

**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
9 ماڙ، آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي.

## ايڊيٽوريل

# نئون سال: نوان جذبا ۽ نيون اُميدون!

نئون سال 2023ع جو سج پنهنجي نواڻ ۽ تازگيءَ سان اُڀري چڪو آهي. هونئن ته اهو منظر هر سال جو معمول آهي پر سوچيندڙ ذهن لاءِ اهو هڪ نهايت اهم لمحو ۽ وقت آهي. ڇاڪاڻ ته هر گذرندڙ وقت ڪي يادون، ڪي نتيجا ۽ سبق ڇڏي ويجي ٿو جڏهن ته ان سان گڏ اسان جي من ۾ هر ايندڙ لمحي لاءِ هي اُميدون، اُمنگون ۽ احساس پڻ ڇوليون هڻندا رهندا آهن. دانائيءَ جي تقاضا اها آهي ته اميدن، امنگن، احساسن ۽ خوابن جي ساڀيان جي اوسيئڙي کان اڳ اسان کي گذريل وقت ۾ پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو هڪ انصاف پسند محتسب وانگر جائزو وٺڻ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي.

گذري ويل سال 2022ع ۾ اسان جو ملڪ پاڪستان عام طور ۽ سنڌ صوبو خاص طور برساتن ۽ ٻوڏن جي ور چڙهيل رهيو جنهن جي نتيجي ۾ تمام وڏي تباهي آئي. انساني جانيون ضايع ٿيون، رهائش، زراعت، مال متاع ۽ تعليم سميت زندگيءَ جو هر شعبو نهايت شديد نموني متاثر ٿيو. جنهن ڪري سنڌ جي معيشت کي ڪاپاري ڌڪ رسيو. ان باوجود سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي عوام ان مصيبت مان آجپي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ۽ اسين ڏسون ٿا ته سنڌ جو عوام هڪ قدرتي آفت جي تباهه ڪندڙ اثرن مان نڪري رهيو آهي ۽ زندگي معمول مطابق اچي رهي آهي.

انساني تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته قومن جي زندگيءَ ۾ زلزلا، ٻوڏون ۽ ٻيون آفتون ايندڀون رهنديون آهن پر زنده قومون انهن مان ڪي سبق سکنديون آهن ۽ پوءِ وري اهي غلطيون ورجائڻ کان بچنديون آهن. ڪمين ڪوتاهين جو ازالو ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪنديون آهن. ڪي نوان رستا ۽ نيون راهون اختيار ڪنديون آهن. دراصل دنيا ۾ اڳتي وڌڻ جو عمل علم حاصل ڪرڻ، تجربن ۽ مشاهدن آڌار ڪي حڪمت عمليون جوڙڻ سان مشروط آهي.

انفراديت کان اجتماعيت ۽ قوميت کان بين الاقواميت جون منزلون علم ۽ عمل جي ڳانڍاپي ۽ تسلسل کان سواءِ ممڪن نه آهن. ”جٽادار ترقي“ بهتر تعليم کان سواءِ ممڪن نه آهي ۽ تعليم جو نظام سائنس کان سواءِ اڻپورو آهي. هنر ۽ فن اڄڪلهه ”ٽيڪنالاجي“ جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي. ان جي عمل دخل کان زندگيءَ جو ڪو به شعبو خالي نه آهي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اڄوڪي دنيا جي حيرت انگيز ترقي جي پٺيان صدين جي محنت، پورهئي ۽ ڄاڻ جو عمل دخل آهي، پر انفارميشن ٽيڪنالاجي جي سهوليت وقت ۽ فاصلي جي وٿيءَ کي گهٽي حد تائين گهٽائي ڇڏيو آهي. اڄوڪي گلوبل وليج بڻيل دنيا جي اها هڪ اهم خوبي آهي ته اسين سموري دنيا جي تجربن، مشاهدن ۽ عملي نتيجن مان پليءَ پٽ مستفيد ٿي سگهون ٿا.

ترقي هڪ گهڻ پاسائون عمل آهي. انتظامي ۽ اقتصادي مامرا هجن يا تعليم جو عمل، ايجادن جي تخليق هجي يا سار سنڀال ۽ پرگهور جون ذميواريون، ڏٺو وڃي ته زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اجتماعي ترقيءَ لاءِ رضاڪاراڻو جذبو ئي محنت، مشقت، کوجنا ۽ تحقيق جو مُحرڪ ۽ سبب بڻبو آهي.

نئين سال جا روشن ڪرڻا اسان جي روشن مستقبل جا ضامن بڻجي سگهن ٿا، بشرطيڪ اسين وقت جي تقاضائن موجب پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي ضرورتن کي محسوس ڪندي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پنهنجي ڪارڪردگيءَ کي اڃا وڌيڪ بهتر بڻايون.

**منصور احمد راجپوت**

چيف ايڊيٽر

# جس دهج سي ڪوئي مقتل ۾ گيا!

**شرجيل انعام ميمڻ**
(وزير اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ، سنڌ حڪومت)

اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو 95 هون جنم ڏينهن آهي. 5 جنوري 1928ع تي سرشاهه نواز خان ڀٽو جي گهر ۾ سون جو چمچو ڪٽي جنم وٺندڙ شهيد ڀٽو 4 اپريل 1979ع تي پاڪستان جي غريب عوام لاءِ پنهنجي سڀ کان وڏي ميراث جان قربان ڪري ڇڏي. اهوئي سبب آهي جو هو نه رڳو هن خطي جو پر سموري عالمي انساني تاريخ جو هڪ لازوال ۽ لافاني ڪردار بڻجي چڪو آهي. شاهي خاندان ۾ اکيون کوليندڙ شهيد ڀٽو جو سياسي فلسفو هو ته "ننگي پير عوام جي نقش قدم تي هلو ته اوهان ڪڏهن به نه لڏندؤ." هڪ تمام امير خاندان جي ياتيءَ غريبن لاءِ پنهنجي جان خطري ۾ وجهڻ جو سوچيو. ڇو؟ ان جو سبب شهيد ڀٽو پاڻ بيان ڪري ٿو. ڊيٿ سيل مان شهيد ڀٽو پنهنجي ڌيءَ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي هڪ خط لکيو، جيڪو "منهنجي سڀ کان پياري ڌيءَ" جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو آهي. هو هن خط ۾ پنهنجي ڌيءَ کي مخاطب ٿيندي لکي ٿو ته "تنهنجي ڏاڏي مون کي فخر سان سياست سيکاري ۽ تنهنجي ڏاڏي مونکي غربت جي سياست سيکاري. مان انهن ٻنهي کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکيو آهي ته جيئن



قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو

انهن ٻنهين کي ملائي سگهان. پياري ڌيءَ! آءٌ توکي صرف هڪ پيغام ڏيان ٿو. هي پيغام ايندڙ ڏينهن جو پيغام ۽ تاريخ جو پيغام آهي. فقط عوام تي يقين رک. انهن جي نجات ۽ برابري لاءِ ڪم ڪر. الله پاڪ جي جنت تنهنجي ماءُ جي پيرن هيٺان آهي ۽ سياست جي جنت عوام جي پيرن هيٺان آهي.“ شهيد ڀٽو ننڍپڻ کان ئي ذهين هو. آڪسفورڊ ۽ هارورڊ يونيورسٽين جهڙين دانش گاهن مان تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن وطن واپس پهتو ته هو دنيا جي سياسي حلقن ۾ هڪ عظيم سياسي دانشور طور پنهنجو پاڻ کي مڃرائي چڪو هو. فيلڊ مارشل ايوب خان جڏهن سندس بابت ٻڌو ته کيس پنهنجي ڪابينا ۾ شامل ڪري صنعت جو وزير بڻايو. هو 30 سالن جي عمر ۾ ڪابينا جو سڀ کان ننڍي عمر وارو وزير هو. وفاقي ڪابينا جي ميمبر جي حيثيت سان شهيد ڀٽو پنهنجي ڀرپور صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو ۽ صرف 4 سالن بعد يعني 34 سالن جي عمر ۾ پاڪستان جو پرڏيهي وزير بڻجي ويو. اڄ به ڪجهه سطحي سوچ رکندڙ حلقا انهيءَ بيوقوفيءَ واري منطق جو سهارو وٺندي چون ٿا ته شهيد ڀٽو پنهنجي سياست جي شروعات هڪ فوجي ڊڪٽيٽر جي ڪابينا ۾ شامل ٿي ڪئي ان ڪري هو اسٽيبلشمينٽ جي پيداوار آهي. اهي حلقا تاريخ کان واقف ناهن. حقيقت اها آهي ته ان وقت ڪا به جمهوري حڪومت نه هئي ۽ آمريتي حڪومت پاڪستان کي دلدل ۾ ڌڪي رهي هئي. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي آزاد نه هئي ۽ ان جو بنيادي مقصد خطي ۾ صرف آمريڪي مفادن جي خدمت ڪرڻ هو. شهيد ڀٽو به ايوبي ڪابينا ۾ وزير جي حيثيت سان پنهنجي ويزن تي ڪم ڪيو ۽ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي کي هڪ طرفي سوچ مان ڪڍي هڪ آزاد پرڏيهي پاليسي جو بنياد رکيو. ذوالفقار علي ڀٽي پهريون ڀيرو چين ۽ روس سان لاڳاپا قائم ڪيا ۽ انهن سان مختلف معاهدا ڪيا. اها پرڏيهي پاليسي ۾ وڏي تبديلي هئي. شهيد ڀٽو ايران ۽ ترڪي سان پاڪستان جا لاڳاپا مضبوط ڪيا ۽ انهن سان گڏجي ”ريجنل ڪوآپريشن فار ڊولپمينٽ“ (RCD) نالي هڪ تنظيم قائم ڪئي. اها پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جي هڪ ٻي وڏي ڪاميابي هئي. شهيد ڀٽو ”غير اتحادي تحريڪ“ کي به منظم ڪيو ۽ علائقائي بلاڪ ناهڻ لاءِ ڪم ڪيو. جڏهن ايوب خان ۽ سندس عالمي آقائن کي اهو احساس ٿيو ته شهيد ڀٽو پاڪستان کي ڪنهن ٻئي طرف وٺي وڃي رهيو آهي ته ايوب خان شهيد ڀٽو کي پنهنجي ڪابينا مان برطرف ڪري ڇڏيو. ان وقت شهيد ڀٽو ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ٽين دنيا جي قومن جو رهبر بڻجي چڪو هو. انهن قومن کي اهو محسوس ٿي چڪو هو ته ڀٽو صاحب هڪ سامراج مخالف، عوام دوست ۽ قومن جي آزادي ڏياريندڙ اڳواڻ آهي. برطانيه جي عظيم سياسي دانشور برٽرينڊ رسل شهيد ڀٽو کي ايوب ڪابينا مان هٽائڻ تي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمي اڳواڻن کي احتجاجي خط لکيا، جن ۾ چيو ويو ته ڀٽو هڪ عظيم قومپرست سياسي اڳواڻ آهي. اهو ٽئين دنيا جي قومن جو آواز آهي. هن جي برطرفي سامراجي منصوبابندي آهي. پر اهڙن اڳواڻن جو رستو هاٽي روڪي نٿو سگهجي. پاڪستان جي عوام کي به احساس ٿيو ته ذوالفقار علي ڀٽو اهو اڳواڻ هو جنهن کين ۽ ملڪ کي حقيقي آزادي ۽ خودمختياري ڏني. ڀٽو صاحب جڏهن عوام وٽ پهتو ته عوام سندس ڀرپور ساٿ ڏنو. شهيد ڀٽو هاڻي پنهنجي سياسي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جمهوريت جو رستو اختيار ڪيو ۽ پاڪستان ۾ هڪ وڏي جمهوري تحريڪ هلائي. ان دوران هن 30 نومبر 1967ع تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد رکيو. جيڪا جلد ئي پاڪستان جي مقبول ترين سياسي پارٽي بڻجي وئي.

جڏهن پاڪستان آمرانه حڪومتن جي غلط پاليسين سبب تباهيءَ جو شڪار ٿيو ۽ سقوط ڍاڪا جو سانحو پيش آيو ته پاڪستان کي هڪ ڀيرو ٻيهر شهيد ڀٽو جي ضرورت پئي. شهيد ڀٽو پنهنجي ڌيءَ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نالي لکيل پنهنجي خط ۾ وڌيڪ لکي ٿو ته ”مان ان وقت گڏيل قومن ۾ هئس ۽ هڪ ناممڪن صورتحال کي بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو هوس. جنرل يحيٰ خان ٿيل تباهيءَ جو جائزو ورتو ۽ کيس شڪست جو پورو يقين ٿي ويو ۽ اهو امڪان پيدا ٿي ويو ته ڪجهه به واپس نه ٿي سگهندو. جيڪو ٿورو بچيو آهي سو به خطري ۾ آهي، سو هن هڪ خاص جهاز موڪليو ۽ مون کي واپس پاڪستان اچڻ جي دعوت ڏني. 20 ڊسمبر 1971ع تي هن مون کي چيو ته هو بُري طرح ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ مون کي شڪست کاڌل پاڪستان جي چارج وٺڻ گهرجي. اهو انڪري جو مون ۾ ئي باقي ملڪ کي بچائڻ جي صلاحيت آهي. انهن ناسازگار حالتن ۾ مون سوائين ٻارهين وڳي پاڪستان جي صدر جي حيثيت سان حلف کنيو. هو اڳتي لکي ٿو



شرجيل انعام ميمڻ (وزير اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ، سنڌ حڪومت)

تہ ”مون سيني محاذن تي وڏي سرگرميءَ سان اڳڀرائي ڪئي. مون اتفاق راءِ سان آئين جي منظوري لاءِ ڪم شروع ڪيو تہ جيئن پريشان ڪندڙ صوبائي خودمختياري جي سوال تي جمهوري اتفاق راءِ سان آئين پاس ڪيو وڃي. مون اقتصاديات کي گڏ ڪيو. مون اهم سماجي ۽ معاشي سڌارا ڪيا. مون بنگلاديش جو مسئلو حل ڪيو. مون هندستان سان شملا معاهدو ڪيو جنهن ۾ ڪا بہ راز واري شق نہ هئي، ۽ سنڌ ۽ پنجاب جي 5000 چورس ميلن کان وڌيڪ ايراضي پاڪستان لاءِ واپس وٺي ڇڏيم. مون 90 هزار جنگي قيدين کي عزت سان واپس آندو ۽ انهن تي جنگي ڪيس بہ نہ ٿيا. مون لاهور ۾ اسلامي سربراهي اجلاس منعقد ڪئي. مون آمريڪا طرفان هٿيارن جي فراهمي تي لاڳو پابندي ختم ڪرائي. مون هٿياربند فوجن کي جديد بڻايو. مون ملڪ کي واپس رستي تي آندو. ملڪ جي بحالي حيرت انگيز هئي. مون کي سڀ کان وڌيڪ اطمينان ان ڳالھ جو آهي تہ مون جمهوري طريقي سان ملڪ کي آئين ڏنو.“ اڄ بہ پاڪستان کي شهيد ڀٽو جي ضرورت آهي. پاڪستان سمورن بحرانن مان تڏهن ئي نڪري سگهي ٿو جڏهن شهيد ڀٽو جي آزاد ۽ غير جانبداري واري پاليسي تي عمل ڪيو وڃي. اها پرڏيهي پاليسي آمريڪا، روس، چين سميت دنيا جي سيني طاقتن سان ٽڪراءَ کان بچڻ ۽ انهن سان دوستاڻا لاڳاپا قائم ڪرڻ آهي. هيءَ پرڏيهي پاليسي سمورن پاڙيسرين سان گڏيل عملن تي ٻڌل آهي. هي پرڏيهي پاليسي سڄي دنيا ۾ جمهوريت ۽ آزاديءَ جي تحريڪن جي حمايت ڪرڻ آهي. سندن اندروني پاليسي عوام جي ڀلائي، خوشحالي ۽ انصاف لاءِ ڪم ڪرڻ آهي.

محترمہ بينظير ڀٽو ۽ پيپلز پارٽي جي هزارين ڪارڪنن شهيد ڀٽو جي ان ئي ويزن تي عمل ڪندي پنهنجون جانيون قربان ڪيون. اڄ بہ پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪن ان ئي ويزن تي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اڄ بہ ان عزم کي ورجائين ٿا تہ هو ڪنهن بہ قربانيءَ کان پٺتي نہ هٽندا.

جس دهج سي ڪوئي مقتل ۾ گيا
وہ شام سلامت رهتي هي
يہ جان تو آني جاني هي
اس جان کي تو ڪوئي بات نهين

# انساني حقن جو عالمي منشور ۽ اسان جون ذميواريون

پروفيسر لطافت علي جوهر

انسان آزاد ڄائو آهي ۽ اَزل کان ئي آزاد رهيو آهي. آزاد رهڻ سندس فطري ۽ بنيادي حق آهي. هر باشعور انسان شخصي توڙي قومي سطح تي آزادي جو حامي ۽ متوالو هوندو آهي، هن جي نظر ۾ غلامي کان وڏيڪ ٻي ڪا لعنت نہ هوندي آهي. غلاميءَ خلاف جنگ جوٽڻ ۽ پنهنجا غضب ٿيل حق حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو جذبو ۽ آزادي سان جيئڻ جي خواهش، آس، اُميد، عزم ۽ ارادو هر شهري ۽ ذميدار انسان جو وڙ هوندو آهي.انساني حق اُهي حق آهن جيڪي سماج جي هر فرد مرد توڙي عورت، ڇوڪرو توڙي ڇوڪري ۽ ننڍڙي ٻار توڙي ٻڍڙي پيرسن سيني کي حاصل هوندا آهن صرف ۽ صرف انهيءَ بنياد تي تہ اُهي انسان آهن، انساني حقن جي حيثيت ڏاڍي وسيع ۽ ڪشادي هوندي آهي.

انسانن جا بنيادي حق ڪنهن جا بخشش ڪيل، عطا ڪيل، بطور انعام ڏنل، امداد يا خيرات ڪيل يا نوازيل نہ هوندا آهن پر اِهي انسان جو پيدائشي حق آهن ۽ پيدا ٿيندي ئي اِهي حق ڪيس حاصل ٿيو وڃن ۽



انسان ڄمندي ئي انهن جو دعويدار ٿيو وڃي ۽ جيستائين توهان انسان آهيو اِهي حق وڃائي نٿا سگهو ۽ ڪير بہ توهان کان اِهي حق ڦري ۽ ڦٻائي نٿو سگهي.

انساني حقن کي ورهائي بہ نٿو سگهجي. انساني حقن جي تاريخ هزارين سال پراڻي آهي ۽ انهيءَ جو بنياد دنيا جي مختلف مذهبن، عقيدن، ثقافتن، فلسفن ۽ قانوني نظرين تي ٻڌل آهي. آڳاٽن قانوني قاعدن، قديم دستاويزن، مذهبن ۽ فلسفن ۾ مختلف تصور موجود آهن جن کي انساني حق (Human Rights) چئي سگهجي ٿو.

انساني حق بنيادي طور تي ٽن شين جان، مال ۽ مذهب سان لاڳاپيل هوندا آهن ۽ باقي انهن جي ئي تحت اچيو وڃن.

اسان جي مذهب اسلام شهرين جي حقن کي مڪمل تحفظ ڏنو آهي. هتي شهري مان مراد ڪنهن ملڪ يا رياست ۾ رهندڙ اهو هر شخص آهي جنهن کي ملڪ ۾ قانوني طور تي رهڻ جا حق حاصل هجن. شهري جي لفظي معنيٰ هوندي تہ شهر جو رهندڙ آهي پر قانوني اصطلاح ۾ شهري ڪنهن ملڪ ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ کي چيو وڃي ٿو پوءِ اُهو شهر ۾ رهندڙ هجي يا ڪنهن ڳوٺ واهڻ يا وستي جو رهواسي هجي يا خانہ بدوش/لاڏائو/بي گهر هجي اِهي سڀ ملڪ جا شهري سڏبا آهن. انهيءَ ۾ نہ رنگ ۽ نسل جو فرق آهي نہ مذهب ۽ عقيدي جو پر هر اُهو شخص جيڪو هڪ ملڪ يا رياست جي حدن ۾ رهندڙ هجي ۽ ملڪي قانون کي قبول ڪندڙ هجي اُهو ان ملڪ جو شهري آهي. جيڪڏهن هو حڪومت جي اجازت سان وقتي طور تي ڪنهن ڏورانهين ملڪ هليو وڃي ٿو تہ بہ هو پنهنجي ملڪ جو شهري آهي يعني ملڪي شهريت (Citizen Ship) رکندڙ هر شخص شهري آهي. شهرين جي حقن کي چئن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) مذهبي حق (2) سياسي حق (3) اقتصادي حق (4) سماجي حق.

ڏنو وڃي تہ سماجي حق سڀني کان وڌيڪ اهم آهن. هڪ اسلامي رياست پنهنجي هر شهري جي جان جي حفاظت جي ذميوار آهي. اسلام جان جي حفاظت لاءِ باقاعدي قانون جوڙيا ۽ سخت سزائون مقرر ڪيون آهن جنهن جي وضاحت لاءِ اسان جي آڏو نبي آخرالزمان حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن جو حجتہ الوداع وارو آخري خطبو حاضر آهي جيڪو حضور پاڪ صلي الله عليہ وسلم 9 ذوالحج 10 هہ تي مڪي ۾ حج جي موقعي تي ڏنو هو. اِهو خطبو انساني حقن جو ڪليل پڌرنامو هو. اُن ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم مسلمانن کي هڪ ٻئي جي جانين، لَڄن ۽ ملڪيتن جي احترام رکڻ جي تلقين ڪيائون. ٻانهن سان شفقت، يتيمن سان مهرباني ۽ مسڪينن جي سنڀال ۽ عورتن سان عدل انصاف ۽ سندن حقن جي حرمت جي تاڪيد ڪيائون. وڌيڪ چيائون تہ آئون اڄوڪي ڏينهن جاهليت جون سموريون رسمون پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيان ٿو. الله تعاليٰ اوهان کان جاهليت جون گمراهيون پري ڪيون ۽ نسبي فخر ختم ڪري ڇڏيائين، مومن عزت وارو ۽ فاجر ذليل آهي. اڄ کانپوءِ عربي کي عجمي ۽ عجمي کي عربي، گوري کي ڪاري تي ڪاري کي گوري تي ڪا بہ فوقيت ۽ فضيلت ناهي سواءِ تقويٰ ۽ پرهيز گاري جي. سمورا مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڀائيچاري جو رشتو آهي. ڪنهن مسلمان جي مال تي ٻئي مسلمان جو ان وقت تائين حق ناهي جيستائين راضپي سان اهو مال ڪيس نہ ڏنو وڃي. سڀئي انسان آدم جو اولاد آهن ۽ آدم کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو هو. اي انسانو! پنهنجي ٻانهن/غلامن جو خيال رکو جيڪو اوهين کائو سو کين کارايو ۽ جيڪو اوهين پهريو سوئي هنن کي پهرايو. شيطان کان خبردار رهو اهو توهان جي دين جو دشمن آهي. عورتن جي معاملي ۾ خداوند ڪريم کان ڊڄندا رهو. عورتن تي اوهان جا ۽ هنن جا اوهان تي حق آهن. اوهان جون جانيون ۽ اوهان جا مال هڪٻئي تي اهڙي طرح حرام ڪيا وڃن ٿا جهڙي طرح اڄوڪي ڏينهن هن شهر ۾ خون خرابو حرام ٿيل آهي.

آئون اوهان وٽ هڪ اهڙي شيءِ ڇڏي وڃي رهيو آهيان جيڪڏهن ان کي مضبوطيءَ سان جهليندا تہ ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيندا ۽ اهو آهي الله جو پاڪ ڪتاب (قرآن شريف). قرض ادا ڪريو اُڌاري شيءِ واپس ڏني وڃي ۽ ضامن قرض پري ڏيڻ لاءِ پابند آهي. خبردار متان مون کانپوءِ گمراهہ ٿي وڃو ۽ هڪٻئي جون سِسيون لاهيندا رهو. اوهان کي الله جي دربار ۾ حاضر ٿيڻو آهي. اُهو اوهان جي عملن بابت پڇاڻو ڪندو. ڏوهاري پنهنجي ڏوهہ لاءِ پاڻ ذميوار آهي. پيءُ جي ڏوهہ لاءِ پٽ ۽ پٽ جي ڏوهہ لاءِ پيءُ ذميوار نہ آهي. جيڪڏهن ڪو رنگ جو بہ ٻنهہ ڪارو شخص اوهان جو امير هجي ۽ اوهان کي الله جي ڪتاب مطابق هلائي تہ ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪريو. پنهنجي خالق ۽ پالڻهار جي عبادت ڪريو. پنج وقت نماز پڙهو رمضان جا روزا رکو ۽ ديني حڪمن جي اطاعت ڪريو جيئن الله تعاليٰ جي جوڙيل جنت ۾ داخل ٿي سگهو.



مذهب ۾ انتهاپسندي کان ڊڄندا رهو ڇو تہ اوهان کان اڳيون قومون بہ انهيءَ ڪري ٽوليون ٽوليون ٿي تباهہ ٿي ويون.

انساني تاريخ جي انهيءَ بي مثال خطاب عالم اسلام جي مسلمانن ۽ پوري دنيا جي ٻين مذهبن کي جيترو متاثر (Impact) ڪيو ۽ ان خطبي ۽ تقرير عالم انسانيت کي جيترو فيضياب ڪيو ايترو فيض اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بي تقرير/خطبي مان حاصل نہ ٿيو آهي.

1945ع ۾ ليگ آف نيشنز (League of Nations) جي جاءِ تي اقوام متحده (U.N.O) گڏيل قومون جو ادارو وجود ۾ آيو. اقوام متحده جي اداري پوري انسان ذات لاءِ بين الاقوامي انساني حقن ٺاهڻ لاءِ مکيہ ڪردار ادا ڪيو.

اقوام متحده ۽ ان جي ميمبر ملڪن گڏجي بين الاقوامي قانون ۽ انساني حقن سان لاڳاپيل قاعدا ۽ ضابطا تيار ڪيا ۽ اڳيان هلي انساني حقن جو عالمي منشور (United Deceleration of Human Rights) پيش ڪيو جنهن جا اهم نُڪتا هيٺيان آهن:

- سمورا انسان پيدائشي طور آزاد ۽ برابر آهن. برابري، عزت ۽ وقار رکن ٿا.
- نسل، رنگ، مذهب، زبان، جنس، سياسي سوچ يا قومي سڃاڻپ، غربت يا ڪنهن پيدائشي فرق کانسواءِ سمورا حق انسان کي حاصل آهن.
- هر شخص کي زندگي آزادي سان گذارڻ ۽ پنهنجي تحفظ جو حق حاصل آهي.
- هر شخص کي انفرادي يا اجتماعي ملڪيت جو حق حاصل آهي.
- هر شخص کي پنهنجي ضمير مطابق فڪري ۽ مذهبي آزادي حاصل آهي. هُو پنهنجي مذهب تي عمل ڪرڻ، انهيءَ جي تبليغ ڪرڻ ۽ انهيءَ مطابق عبادت ڪرڻ جي آزادي رکي ٿو.
- هر شخص کي اظهار جي آزادي جو حق حاصل آهي.
- هر شخص کي اهڙي معياري زندگي جو حق حاصل آهي جنهن موجب سندس صحت لاءِ بهتر خوراڪ، رهائش، لباس، طبي/علاج جون سهولتون ۽ ٻيون سماجي ضرورتون شامل هجن.
- ماءُ ۽ ٻار جي خاص نگراني کي هڪ حق تسليم ڪيو ويو آهي.
- هر شخص کي سماج ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو حق آهي. شروعاتي/پرائمري تعليم مفت ۽ لازمي هوندي.
- هر شخص کي پنهنجي سماج جي ثقافتي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جو حق آهي.
- هر شخص جون سماج ۾ ڪجهہ ذميواريون آهن جنهن ۾ سندس شخصيت جي مڪمل ۽ آزاداڻي جوڙجڪ ٿئي ٿي.
- حقن ۽ فرض جي معاملي ۾ هر شخص جي آزادي جون ڪجهہ حدون مقرر هونديون آهن جنهن جو مقصد ٻين جي حقن ۽ آزاد جو تحفظ هوندو.

متي ڄاڻايل انساني حقن جي عالمي منشور کي تسليم ڪندي حڪومت پاڪستان 1973ع جي آئين ۾ بنيادي حقن جو پورو باب شامل ڪيو آهي، جيڪو هيٺئين ريت آهي. 1973ع جي آئين جي شق نمبر 8 کان 28 ۾ انساني حقن جي ضمانت ڏني ويئي آهي:

- واضح سبب ٻڌائڻ کانسواءِ ڪنهن بہ شخص کي گرفتار نہ ڪيو ويندو ۽ هُو پنهنجي مرضي جو وڪيل ڪرڻ لاءِ آزاد

هوندو.

- قانوني تقاضا پورا ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن کي آزاديءَ ۽ زندگيءَ کان محرم نٿو ڪري سگهجي.
- غلامي منع ٿيل آهي، ڪنهن به انسان کي وڪرو يا خريد ڪرڻ ۽ مٿس ظلم ۽ جبر ڪرڻ منع ٿيل آهي.
- چوڏهن سالن کان گهٽ ڄمار جي ٻار کان ڪو به پورهيو ۽ سخت محنت نٿي وٺي سگهجي.
- هر شخص کي پُرامن احتجاج جو حق حاصل آهي.
- هر شخص کي انجمن/يونين سازي جو حق حاصل آهي.
- هر شخص کي اظهار جي آزادي جو حق حاصل آهي ۽ پريس آزاد آهي.
- هر شخص کي پنهنجي مذهب تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي تبليغ ڪرڻ جو حق آهي.
- ڪنهن شخص کان جبري طور اهڙو ٽيڪس نٿو وٺي سگهجي جيڪو ٻئي مذهب جي فائدي لاءِ استعمال ٿئي. ڪنهن کي به ٻئي مذهب جي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ انهيءَ جي عقيدن تي عمل ڪرڻ لاءِ مجبور نٿو ڪري سگهجي. سمورن مذهبن کي پنهنجن ادارن ۾ پنهنجي مذهبي تعليم ڏيڻ جو حق حاصل آهي.
- هر شخص کي ملڪيت رکڻ جو حق حاصل آهي ۽ قانوني تقاضا پورا ڪرڻ بنا ڪيس ملڪيت کان محروم نٿو ڪري سگهجي.
- قانون موجب سڀني شهرين کي تحفظ جو حق برابر طور حاصل آهي. ملازمت/نوڪري لاءِ ڪنهن کي مذهب، ذات، جنس، ڄاءِ پيدائش يا رهائش جي بنياد تي ترجيح/اوليت نه ڏني ويندي.
- سمورن شهرين کي پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي ثقافت جي واڌاري لاءِ ادارا قائم ڪرڻ جي آزادي حاصل آهي.

انساني حقن جي پوري اڀياس ۽ بحث ڪرڻ بعد اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته اسان جي مذهب، اسان جي آئين ۽ بين الاقوامي قانونن اسان کي ڪافي حق ڏنا آهن. هاڻ انهن حقن تي عمل ڪرڻ جو جائزو وٺون ته گذريل ڏهاڪي کان پاڪستان جي حڪومت انساني حقن جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ نمايان ڪوششون ۽ سنا اُپاءَ ورتا آهن. جنهن سبب دنيا ۾ پاڪستان جي عزت ۽ وقار بلند ٿيو آهي.

سنڌ صوبي ۾ انساني حقن جي حوالي سان سنڌ حڪومت موثر اُپاءَ ورتا آهن جن ۾ انساني حقن جي وزارت، سيڪريٽريٽ، ڊپارٽمينٽ ۽ ڊائريڪٽوريٽ قائم ڪيا ويا آهن.

سنڌ حڪومت انساني حقن جي پاليسي منظور ڪئي ۽ ان جي نفاذ لاءِ هڪ ايڪشن پلان جو اعلان پڻ ڪيو ۽ انهيءَ تي عملدرآمد لاءِ هڪ ٽاسڪ فورس پڻ قائم ڪري رهي آهي ۽ ضلعي سطح تي انساني حقن جون ڪميٽيون پڻ تشڪيل ڏيڻ جو پروگرام شامل آهي، جنهن تحت سرڪاري ادارن سان گڏ سول سوسائٽي کي نمائندگي ڏني ويندي. سرڪاري ملازمن ۽ آفيسرن کي تربيت فراهم ڪرڻ لاءِ سمورين پروفيشنل ايڪيڊميز ۽ ٽريننگ سينٽرن ۾ انساني حقن جي تعليم کي لازمي قرار ڏنو ويو آهي. جيئن سرڪاري عملدار انساني حقن کان واقف ٿي سگهن. نصاب ۾ پڻ انساني حقن جي حوالي سان تبديلي آندي پئي وڃي. سنڌ حڪومت انساني حقن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ ۽ پٺ تي پيل ڏورانهين علائقن ۾ ڀهراڙين لاءِ ليبر پاليسي، سوشل ويلفيئر پاليسي، گهريلو عورتن، زراعت پيشه عورتن ۽ ڪاٽيج انڊسٽري ۾ عورتن تي تشدد جي روڪٿام لاءِ پاليسيون جوڙيون آهن. سنڌ حڪومت غريب عورتن، نياڻين، ٻارن ۽ اقليتن جي حقن لاءِ ۽ ڪين بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪجهه قانون ۽ ضابطا ناهيا آهن. اقليتن کي خودمختيار بڻائڻ لاءِ هڪ پئڪيج جوڙيو ويو آهي جنهن تحت اقليتي برادري لاءِ تعليمي ادارن ۾ داخلائون ۽ نوڪرين ۾ ڪوٽا پڻ متعارف ڪرائي وئي آهي.

انساني حقن جي وفاقي وزير عالمي معاهدن جي رپورٽنگ کي بهتر ڪرڻ لاءِ هڪ ويب پورٽل جو افتتاح ڪيو آهي، جنهن تحت حڪومت عام ماڻهوءَ تائين جلد پهچندي ۽ آئين ۾ ڏنل حقن جي فراهميءَ کي يقيني بڻائيندي.

مٿي ڄاڻايل ڪاميابين باوجود اڃا گهڻو ڪجهه ڪرڻ لاءِ باقي آهي. اسان کي ملڪ مان جاگيرداري سماج ۽ سرمائيداراڻي نظام جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي جيئن سماج جي سمورن طبقن کي برابري جي بنياد تي ترقي ۽ خوشحالي جا موقعا حاصل ٿي سگهن ۽ هڪ اهڙو سماج قائم ڪري سگهجي جنهن ۾ آباد سمورن ماڻهن کي بنيادي انساني حق حاصل هجن.

# غربت جو خاتمو ممڪن آهي!

**شبير احمد مغيري**

"غربت" جي خاتمي لاءِ ضروري آهي تہ اسان ان جي سببن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. معاشيات ۽ سماجيات جي ماهرن غربت جي سببن ۾ انتظامي ناهمواري، سماجي نظم و ضبط جي اٿهوند، تعليم ۽ تربيت جي کوٽ کي خاص طور بيان ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ دنيا ۾ حڪومتون ۽ ادارا تہ ڪوششون ڪري رهيا آهن پر اها ڳالهہ نهايت اهم آهي تہ دنيا ۾ ڪجهہ اهڙا فرد بہ رهيا آهن (۽ اڃا بہ دنيا انهن کان خالي ناهي) جن انفرادي ڪوشش سان غربت جي خاتمي لاءِ اهڙا اپاءَ ورتا جن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ "غربت" جو خاتمو ممڪن آهي.

ستر واري ڏهاڪي ۾ بنگلاديش جون حالتون انتهائي ابتر هيون. تڏهن



بنگلاديش جائي ڊاڪٽر محمد يونس ان معاشي انقلاب جي ابتدا ڪري ورتي هئي. هي اهو ئي ڊاڪٽر محمد يونس آهي جنهن کي سندس نئين معاشي فارمولي تي 2006ع ۾ امن جي نوبل انعام سان نوازيو ويو. اهو سندس ان جديد معاشي فارمولي جو نتيجو ئي آهي جو اڄڪلهه دنيا جون بهترين ملٽي نيشنل ڪمپنيون بنگلاديش ۾ سيڙپڪاري ڪري رهيون آهن. سندس ان نئين طرز جي معاشي ماڊل جو نالو "سوشل بزنس" آهي.

اين.جي.اوز هجن يا بينڪنگ جو ميدان هجي، "سوشل بزنس" جي هن نئين فارمولي بنگلاديش جو پراڻو ۽ فرسوده نظام تبديل ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. اڄڪلهه ته پوري دنيا ۾ ان نظام کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪوششون هلي رهيون آهن.

سوشل بزس ۽ عام بزنس ۾ فرق ڪجهه هن ريت آهي ته عام بزنس ۾ سيڙپڪار صرف اهو ئي سوچي ٿو ته مون هيترا پئسا سيڙايا ۽ مونکي مقرر عرصي ۾ ڪيترو منافعو ٿيو ۽ ايندڙ وقت ۾ وڌ ۾ وڌ ڪيترو منافعو ڪمائي سگهجي ٿو ۽ ان بزنس کي اڳي کان وڌيڪ ڪيئن ڪجي جو ٻيڻ تي منافعو ڪمائي سگهجي. ظاهر آهي ته اهو منافعو صرف ۽ صرف سندس ذات لاءِ ئي آهي، جيڪو عام طور تي هن بزنس جو اهم اصول به آهي. جڏهن ته سوشل بزنس ۾ ان ڳالهه کي ڌيان ڏنو وڃي ٿو ته مون هيترا پئسا سيڙايا ته ان سان هيترن ضرورتمندن کي فائدو ٿيو. هي فارمولا سرڪاري توڙي غير سرڪاري سماج سڌارڪ ۽ غربت جي خاتمي لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن ۽ اهڙن ڪاروباري ماڻهن لاءِ جيڪي واقعي پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي غربت کان آجو ڏسڻ چاهين ٿا هڪ بهترين فارمولو آهي. ان سان هڪ ته ٻاهرين امداد جو اوسيئڙو به لهي ٿو ۽ پاڻمرادو ئي معاشري جي بهتري لاءِ گهڻو ڪجهه ڪرڻ جو ذريعو پڻ بڻجي ٿو.

"سوشل بزنس" کي متعارف ڪرائيندڙ "گرامين بينڪ" آهي، جنهن جو بنياد 1983ع ۾ ان دور جي پراڻي ۽ فرسوده بينڪنگ سسٽم کان باغي ٿي ڊاڪٽر محمد يونس گرامين بينڪ رکيو. جيتوڻيڪ پراڻي سسٽم ۾ غريب ماڻهو بينڪ کان قرض کڻڻ جو اهل نه هو ۽ اڄ به ائين ئي آهي. پر گرامين بينڪ جي قاعدن ۽ قانون تحت ان بينڪ مان صرف ۽ صرف غريب ئي قرض کڻڻ جو اهل آهي. جنهن قرض مان ماڻهو ڪو نه ڪو ننڍي پيماني تي ڪاروبار ڪري گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو ۽ پنهنجي ٻارن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهي. گرامين بينڪ هڪ فلاحي بينڪ هجڻ جي ڪري جاري ٿيل قرضن تي عام بينڪن جي مقابلي ۾ تمام گهٽ منافعو رکي ٿي جنهن جي ڪري ڪيترائي ضرورتمند فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. مائڪرو ڪريڊٽ ۽ سوشل بزنس جي باني ڊاڪٽر محمد يونس گرامين بينڪ مان نه صرف غريب ماڻهن لاءِ قرض جاري ڪيا پر هن سندس قرضدارن جي ٻارن کي تعليم ڏانهن به راغب ڪيو. گرامين بينڪ مان قرض وٺڻ وقت هڪ شرط جيڪو هر ڪنهن تي لاڳو ڪيو ويو اُهو اهو هو ته هر قرضدار پنهنجي ٻارن کي تعليم ضرور ڏياريندو. ۽ هن جي چوڻ مطابق اڄ گرامين بينڪ جي سو سيڪڙو قرضدارن جا ٻار اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين تائين به تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

گرامين بينڪ جو بنياد هڪ نان پرافٽ بينڪ جي تحت رکيو ويو. اچرج ۾ پوڻ جهڙي ڳالهه آهي ته بينڪ ۽ نان پرافٽ؟ گرامين بينڪ نان پرافٽ هن ريت آهي ته جڏهن ڪنهن ضرورتمند کي قرض ڏنو ويو ته ان ڳالهه کي مٿس واضح ڪيو ويو ته ان قرض جي وصولي هفتيوار ٿيندي. جيڪي پئسا قرض ڏيئي سيڙايا ويا سي اهڙا جا اهڙا واپس ايندا ۽ انهن ئي پئسن کي بئنڪ پاران ڪنهن ٻئي ضرورتمند کي قرض طور ڏنو ويندو. ان قرض تي جيڪو ٿورو گهڻو منافعو يا بينڪنگ جي اصطلاحن ۾ انٽريسٽ ريٽ ورتو ويو سو واپس انويسٽمينٽ جي طور تي ئي استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان مان واضح ٿيو ته ان پئسي جو ڪو انت ناهي. اهو پئسو پيو ضرورتمندن کي ڪم ايندو پيو ريسائيڪل ٿيندو. اهو ئي آهي "سوشل بزنس" ڊاڪٽر محمد يونس جي ايجاد ۽ گرامين بينڪ جو طريقيڪار. ڪيس گرامين بينڪ جي ذريعي ٿيندڙ ڪيترن ئي فلاحي ڪمن ۽ غربت جي خاتمي ۽ هر غريب تائين تعليم، اٽي ۽ اجهي ۽ ٻين بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ جهڙي عظيم ڪارنامي جي ڪري جڏهن ڪيس نوبل انعام سان نوازيو ويو ته سڄي دنيا جون نظرون بنگلاديش تي پئجي ويون. اڄ گرامين بينڪ جي شراڪتداري ۾ ڪيترين ئي ملٽي نيشنل ڪمپنيون "سوشل بزنس" جي تحت مختلف ميدانن ۾ ڪاروبار ڪري رهيون آهن جن مان فائدو نه گرامين بينڪ ٿي کڻي نه ئي اهي ڪمپنيون پر اهو فائدو صرف ۽ صرف غريب ماڻهوءَ کي ئي ٿئي ٿو. اها سيڙپڪاري هڪ نيڪ مقصد لاءِ جاري آهي. هن وقت گرامين بينڪ جي انگن اکرن مطابق گرامين



بينڪ جا 60 سيڪڙو اهڙا غريب ماڻهو آهن جن ضرورت تحت قرض ڪنيا سي اڄ غربت جي دائري کان ٻاهر آهن. تازوئي هڪ ٽُوِٽر تي ڊاڪٽر محمد يونس هڪ انڪشاف ڪيو ته مائڪرو ڪريڊٽ ۽ سوشل بزنس جي استعمال سان بنگلاديش ۾ هن وقت مجموعي طور تي غربت ۾ چار سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي.

ڪيترن ئي ملڪن جي سربراهن ڊاڪٽر يونس ڪي سندس ان نئين نظام جي لاڳوڪرڻ لاءِ سندس سهائتا سان اهڙي نوعيت جي بينڪن جي شروعات پڻ ڪري ورتي آهي. 2007 ۾ جنرل مشرف پڻ ڊاڪٽر يونس جي ان بينڪنگ سسٽم مان فائدو وٺڻ لاءِ ڪيس پاڻ وٽ دعوت ڏني. جنهن تحت پاڪستان ۾ غربت جي خاتمي لاءِ 1991ع کان ڪم ڪندڙ هڪ سرڪاري تنظيم اين_ آر_ ايس_ پي نيشنل رورل سپورٽ پروگرام ۾ گرامين بينڪ جي نوعيت جهڙيون تبديليون آڻي ان جي وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ جوڙجڪ ڪئي ويئي جيڪا اڄ پوري پاڪستان ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ان کان علاوه هڪ ٻيو ادارو پي_پي_آءِ_ايف پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ پڻ ان ميدان ۾ حڪومت ۽ ورلڊ بينڪ جي تعاون سان ڪم ڪري رهيو آهي. تنهن کانپوءِ گرامين بينڪ جي ئي سوشل بزنس واري ماڊل تي ڪم ڪندڙ هڪ غير سرڪاري تنظيم "ڪشف فائونڊيشن" پڻ غربت جي خاتمي لاءِ پوري ملڪ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. پر هن فائونڊيشن جي سنڌ ۾ فقط هڪ شاخ ڪراچي ۾ آهي جيڪا ظاهر آهي صرف ڪراچي شهر تائين محدود آهي.

مٿي بيان ڪيل صرف ٽي تنظيمون پاڪستان ۾ غربت جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن جيئن ته اهي ناڪافي آهن. تنهن ڪري ڪوششون ڪرڻ جي باوجود به غربت گهٽائڻ ۾ پاڪستان ڪي اڃا ان ليول تائين نه پهچائي سگهيون آهن جنهن ليول تي صرف هڪ گرامين بينڪ بنگلاديش ڪي پهچايو آهي.

عام بزنس ۾ نقصان جو انديشو ته هر سيڙپڪار ڪي رهي ٿو پر سوشل بزنس ۾ نقصان جو ڪو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. اهڙا ڪاروباري ماڻهو جن پنهنجي اڻٿڪ محنتن سان پنهنجي ڪاروبار ڪي ڪٿي کان ڪٿي پهچائي ڇڏيو تن ڪي پنهنجي ڪاروبار جو هڪ حصو ضرور سوشل بزنس جي نالي ڪرڻ گهرجي. جنهن سان ظاهر آهي سندن ڪاروبار جي منافعو ڪمائڻ واري حصي تي ڪو به اثر نه پوندو پر مورڳوئي سندن ڪمپنيءَ جي ڀلائيءَ جي ڪم ڪرڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ مشهوري پڻ ٿيندي. سوشل بزنس صرف بينڪن جي قرض ڏيڻ تائين ئي محدود ناهي، پر غريب ۽ پٺتي پيل ڳوٺن تائين نيوٽريشن سان ڀرپور کاڌو پهچائڻ کان وٺي تعليم، ماحول جو تحفظ، صحت ۽ بي روزگاريءَ جهڙن مسئلن ڪي پڻ هن نظام سان بهتر کان بهتر ڪري سگهجي ٿو.

غربت واقعي هڪ وڏو مسئلو آهي پر ان جو حل تمام آسان آهي ۽ غربت جو خاتمو بالڪل ممڪن آهي. غريب ماڻهو پاڻ ئي پنهنجي غربت کان آجي دنيا ناهي سگهي ٿو. جيڪڏهن هن وقت ملڪ ۾ موجود ڪيترن ئي اين جي اوز ۽ ڪاروباري ماڻهن ڪي سوشل بزنس جي اهميت ۽ معاشري ۾ ان جي پوندڙ مثبت اثرن جي باري ۾ سوچن، ان جي فارمولي ڪي سمجهن ۽ اجتماعي ڪوشش سان گڏجي ڪري سوشل بزنس ڏانهن لاڙو ڪن ۽ ان ڪي هٿي وٺرائن ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن اسين به غربت کان آجي دنيا ۾ ساهه کڻڻ جي قابل ٿي ويندا سين.

# ڊجيٽل تعليم ڪيئن مفيد آهي؟

شاهينہ هاشم

علم تلوار کان وڌيڪ طاقتور آهي، تنهن ڪري پنهنجي ملڪ ۾ علم کي وڌايو توهان کي ڪو بہ شڪست ڏئي نٿو سگهي. تعليم جو مقصد هر فرد ۾ سٺيون خوبيون پيدا ڪرڻ ۽ اعليٰ صلاحيتون پيدا ڪرڻ آهي.

انسان کي تعليم ڏيڻ جو مقصد صرف علم، مهارت ۽ تنقيدي سوچ سيکارڻ آهي. اهو هڪ شخص کي سٺي ۽ خراب جي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي قابل بڻائي ٿو. جديد دور ڊجيٽل دور ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. ننڍن ڪارخانن، دڪانن کان وٺي وڏين سرڪاري آفيسن تائين، تقريبن سڀ ڪم ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جي استعمال سان ٿي رهيا آهن. تعليمي نظام بہ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جي دائري ۾ اچي ويو آهي.

ڊجيٽل سکيا اهو اصطلاح آهي





جيڪو سيني آن لائين سکيا جي طريقن ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ڊجيٽل سکيا هڪ قدم پري آهي روايتي تدريس جي طريقن کان، جيڪي ٽيڪنالاجي سان ضم ٿيل آهن. تدريسي عمل جي ذريعي جيڪي ٽيڪنالاجي جو مؤثر استعمال ڪن ٿا - ڊجيٽل سکيا تعليم ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڊجيٽل سکيا شاگردن ۾ تخليقيت ۽ دلچسپي آڻڻ جي طاقت رکي ٿي. سکيا جا اوزار ۽ ٽيڪنالاجي شاگردن کي پاڻ ۾ موثر سکيا جي صلاحيتن کي ترقي ڪرڻ جي قابل بڻائي ٿي.

ڪرونا وائرس سبب نه صرف شاگرد، ڪاروباري طبقو والدين، استاد پريشان آهن پر ملڪ جو هر فرد پريشان آهي، هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ان صدمي تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڇا ڪيو وڃي؟ موجوده حالتن ۾ تعليم ڏيڻ جو بهترين ذريعو آهي. يعني ڊجيٽل تعليم انهن مسئلن ۾ تبديلي آڻي رهي آهي جيڪي ڪرونا وائرس جي ڪري پيش اچي رهيا هئا. خير، اهڙا ڪيترائي طريقا آهن پر انهن طريقن سان توهان کي خبر پوندي ته ڊجيٽل تعليم سڄي دنيا ۾ تعليمي نظام کي درست ڪري رهي آهي.

عمر جي لحاظ کان، تقريبن هر سمارٽ فون پرپور آهي. اهڙيءَ طرح سکيا ته ڪيئن اسان جي تدريس جي طريقن کي تبديل ڪري ٽيڪنالاجي کي شامل ڪري هن وقت اسان جي شاگردن جي زندگين ۾ روشني آڻڻ جو واحد طريقو آهي. اهو معلوم ٿئي ٿو ته شاگردن جو حوالو ڪهڙن ذريعن مان آهي. آن لائين ۽ آن دي وي ويب سائيٽون بهترين معلومات پيش ڪن ٿيون. ۽ شاگردن جي رهنمائي ڪرڻ جو هڪ بهترين طريقو ٿي سگهي ٿو. وقت بوقت آن لائين ٽيسٽنگ ذريعي مضامين جي تربيت شاگردن لاءِ سنو سکيا وارو ماحول پيدا ڪري سگهي ٿي. شاگردن کي آن لائين سوال ۽ جائزو ڏئي سگهجن ٿا جيڪي اهي گهر ۾ ويهي وٺي سگهن ٿا. اهو عام هوم ورڪ کي تبديل ڪري ٿو جيڪو اهي مفت ۾ ڪندا آهن. ڪتاب هاڻي بين ٽيب ڏانهن منتقل ڪيا پيا وڃن. انهن کي پي ڊي ايف فارميٽ ۾ نوٽس، حوالا، ڪتاب ۽ بيون معلومات مهيا ڪيون وينديون آهن. ليپ ٽاپ، موبائيل ۽ ٽيبليٽ تي آساني سان پهچ، اهي شاگردن کي بهتر مطالعو ڪرڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪرڻ جو هڪ بهترين طريقو آهي.

ڪلاس روم، نوٽ بڪ، وائيٽ بورڊ، چاڪ ۽ مارڪر ماضي جون شيون آهن. پر هاڻي استادن کي پروجيڪٽر استعمال ڪرڻ ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي. ڊجيٽل طور تي اپڊيٽ ڪيو پيو وڃي.

هاڻي ڪتابن کي PDF ۾ تبديل ڪرڻ، آن لائن ٽيسٽ جي حوصلا افزائي ڪرڻ، آن لائن ويب سائيٽ جو مطالعو ڪرڻ. هر قسم جو مطالعو مواد ۽ ڪتاب آن لائن دستياب آهن ۽ اهو پڻ مفت ۾. مختلف ٻولين جهڙوڪ انگريزي، اردو، ڪنڙ، گجراتي، ننين ڪلاسن کان وٺي وڏن ڪلاسن تائين. ان کان علاوه مقابلي جا امتحاني ڪتاب پڻ آن لائن دستياب آهن. ٽيڪنالاجي جي لحاظ کان، مذهب ڪيئن عملي آهي ڊجيٽل دنيا کان وٺي شاگردن لاءِ اسڪولن کي هاڻي مفت اوزار ۽ ٽيب نوٽس لاءِ پيش ڪيا ويا آهن. هيءَ وقت آهي ٽيڪنالاجي سان تدريس جي طريقن کي سپورٽ ڪرڻ ۽ ڪلاس روم سيشن کي تيز ۽ وڌيڪ دلچسپ بڻائڻ جو. ٿنهنڪري اچو ته ڊجيٽل تعليم سان پنهنجا خواب پورا ڪريون.

# سکر بئراج: ڪالهہ ۽ اڄ

حبدار علي

سکر بئراج پاڪستان جي صوبي سنڌ جي شهر سکر جي ويجهو سنڌو درياءَ تي هڪ بئراج آهي. اهو بئراج 1923ع کان 1932ع تائين برطانوي راڄ دوران ٺاهيو ويو ۽ ان جو نالو لائيڊ بئراج رکيو ويو. سکر بئراج، پاڪستان جي آبپاشي نظام جو فخر آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو دنيا ۾ پنهنجي قسم جو سڀ کان وڏو اڪيلو آبپاشي نيٽ ورڪ آهي. اهو اتر سنڌ ۾ سکر ضلعي کان وٺي سنڌ جي ڏکڻ ۾ ميرپورخاص/ ٿرپارڪر ۽ حيدرآباد ضلعن تائين، صوبي جي لڳ ڀڳ سڀني حصن کي سيراب ڪري ٿو. اهو ڪراچي کان اٽڪل 300 ميل اتر اوڀر ۾، ريلوي پل يا سکر گارج کان 3 ميل هيٺ آهي. بئراج تي ڪنٽرول ٿيل آبپاشي نظام متعارف ڪرائڻ جي نتيجي ۾ پاڪستان جي صوبي سنڌ جي موجوده آباد علائقن لاءِ وڏيڪ وقت تي پاڻي جي فراهمي ٿي.

سنڌ لڳ ڀڳ مڪمل طور تي سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ تي زندهہ رهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اتي زير زمين يعني جر جو پاڻي تمام محدود




آهي. صوبي ۾ سراسري طور تي 100 ۽ 200 ملي ميٽر في سال برسات پوي ٿي. جڏهن تہ بخارن جي شرح 1,000 ۽ 2,000 ملي ميٽر جي وچ ۾ آهي. اهڙيءَ طرح سنڌ بنجر آهي ۽ سنڌوءَ ئي سنڌ جي بنجر زمينن کي سيراب ڪري ٿي. صوبي ۾ زير زمين پاڻي جي دستيابي جو جائزو وٺڻ لاءِ باقاعده سروي نہ ڪيو ويو آهي. مختلف ذريعن جو اندازو آهي تہ ان جو مقدار 3 کان 5 MAF جي وچ ۾ سنڌ جي جاگرافيائي علائقي جي 28 سيڪڙو ۾ پکڙيل آهي. بهرحال، ڪجھ ماهرن جو مشورو آهي تہ اهو انهن اندازن کان گهٽ هجڻ گهرجي. هي پاڻي گهڻو ڪري سنڌوءَ جي واٽر چينلن سان ۽ ڪجھ قدرتي زير زمين وهڪرن ۾ ملي ٿو.

سکر بئراج جو تصور مسٽر C.A. Fife سال 1868ع ۾ ڏنو هو. پر ان منصوبي کي آخرڪار 1923ع ۾ منظور ڪيو ويو. اهو سر چارلٽن هيريسن، CIE جي چيف انجنيئر جي مجموعي هدايتن هيٺ تعمير ڪيو ويو. جڏهن تہ سر آرنلڊ مسٽو CIE اسڪيم جو آرڪيٽيڪٽ ۽ انجنيئر هو. هيڊ ورڪس ۽ ڪئنال 1932ع ۾ مڪمل ٿيا. ان جي مڪمل ٿيڻ تي هندستان جي وائسراءِ لارڊ ولنگڊن ان جو افتتاح ڪيو. اها اسڪيم بمبئي جي گورنر، سر جارج امبروز لائيڊ (بعد ۾ لارڊ لائيڊ جي نالي سان مشهور) شروع ڪئي هئي ۽ ان جو نالو سندس اعزاز ۾ مٽس رکيو ويو.

ان جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت ۽ ورڇ جي ڪارڪردگيءَ کي بحال ڪرڻ لاءِ، حڪومت پاڪستان سکر بئراج جي بحاليءَ جو وڏو ڪم شروع ڪيو. اهو ڪم پاڪستان آرمي انجنيئرنگ ڪور ۽ فرنٽيئر ورڪس آرگنائيزيشن (FWO) پاران 22 نومبر 2004ع تي شروع ڪيو ويو ۽ صرف 15 ملين آمريڪي ڊالرن (آمريڪي ڊالرن) جي لاڳت سان جولاءِ 2005 ۾ آخري وقت کان اڳ مڪمل ڪيو ويو. ماهرن جو خيال آهي تہ بئراج جي بحاليءَ ان جي ڪارڪردگيءَ کي وڌيڪ 60 کان 70 سالن تائين وڌايو آهي.

سکر بئراج کي سنڌو درياھ ۾ پاڻي جي وهڪري کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ آبپاشي جي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. هي بئراج، جيڪو سڄي ملڪ جي معيشت جي ريڙھ جي هڏي آهي، پاڻي کي وهڻ جي قابل بڻائي ٿو جيڪو اصل ۾ ستن واهن جو هڪ نيٽ ورڪ 6,166 ميل (9,923 ڪلوميٽر) ڊگهو هو. جيڪو دنيا جي سڀ کان وڏي آبپاشي نظام تي مشتمل هو. جنهن ۾ 7.63 ملين ايڪڙ فوٽ کان وڌيڪ پاڻي آهي. آبپاشي واري زمين جيڪا ملڪ جي ڪل واهن جي آبپاشي واري علائقي جو لڳ ڀڳ 25 سيڪڙو بڻجي ٿي. بئراج جي برقرار رکڻ واري پٽ کي 66 اسپن (آٽوتفال گيٽ) آهن. هر هڪ 60 فوٽ (18 ميٽر) ويڪر ۽ 50 ٽن وزني آهي.

نارا ڪئنال جيڪو هن بئراج مان نڪرندڙ 7 واھ مان هڪ آهي، هن ملڪ جو سڀ کان ڊگهو واھ آهي. جيڪو تقريباً لنڊن جي ٿامس نديءَ جي برابر آهي ۽ ان جي ويڪر 346 فوٽ آهي، سويز ڪينال جيترو وڏو. اصل ۾ نارا ڪينال ڪو انسان جو بڻايل واھ نہ آهي. چاڪاڻ تہ اهو هاڪڙو نديءَ جو ڏاڪڻون حصو هو جيڪو ستلج جي پيرن ٽڪرين مان



نڪرندو هو جيڪو پنجاب مان گذرڻ کان پوءِ بهاولپور جي ميدانن مان گذرڻ بعد برساتي نديءَ ذريعي نارا ۾ شامل ٿيندو هو جنهن جا آثار اڃا تائين نڪرندا پيا وڃن. گهوٽڪي تعلقي ۾ هي ڪينال 2.3 ملين ايڪڙ ايراضيءَ کي سيراب ڪري ٿو.

ٻيو وڏو ڪينال روهڙي ڪينال آهي، جيڪو نارا ڪينال کان ٿورڙو ننڍو هجڻ باوجود اڳئين کان گهڻو پاڻي کڻي رهيو آهي. ان ۾ 2.6 ملين ايڪڙ زرعي ايراضي آبپاشي لاءِ آباد ٿيل آهي. ڪپھ، ڪڻڪ ۽ ڪمند هن ڪينال سسٽم تي پوکيل مکيہ فصل آهن. ڪاٻي پاسي وارا چار واھ ۽ سنڌو نديءَ جي ساڄي ڪناري تي ٻہ واھ ساليانو واھ آهن، جيڪي سڄو سال آبپاشي جو سامان پهچائين ٿا. ستون واھ يعني ساڄي پاسي رائس ڪينال هڪ موسمي واھ آهي، جيڪو صرف خريف جي موسم ۾ وهندو آهي ۽ چانورن جي پوک لاءِ تهيل هوندو آهي. N.W. ساڄي ڪناري وارو ڪئنال 965,000 (0.965 ملين) ايڪڙ ايراضيءَ لاءِ دائمي آبپاشي فراهم ڪري ٿو جنهن مان 184,000 ايڪڙ زمين بلوچستان صوبي ۾ آهي.

سنڌو درياءَ جون ڊولفن ڪڏهن ڪڏهن بئراج جي مٿانهين وهڪري ۾ نظر اينديون آهن.

# سنڌ اسيمبليءَ مان هارين لاءِ منظور ڪرايل پهريون قانون

سنڌيڪار: فرحان تنيو

سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي 26 مارچ 1941ع واري اجلاس ۾ سنڌ ۾ جاگيرداري نظام جي خاتمي ۽ هارين جي حقن بابت قانون پاس ڪرائڻ لاءِ بحث ڪيو ويو، جيڪو سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهم جڳهه والاري ٿو. هيٺ ان جو ترجمو پيش ڪجي ٿو.

اسيمبليءَ جي سيڪريٽريءَ ڄاڻايو:

جناب نهچلداس سي وزيراڻي: هي بل گذريل اجلاس ۾ پيش ڪيو ويو هو جڏهن پهريون پاسو ڪيو ويو ۽ پوءِ ايوان جي خواهش موجب، بل کي عوام جي راءِ حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. عوام جي راءِ حاصل ڪئي وئي آهي ۽ عوام جي اڪثريت هن بل جي حق ۾ آهي. آئون هن بل جي ٻيو پيرو ريڊنگ پيش ڪندس ۽ رڳ ايوان ۾ پيش ٿيڻ ڪانپوءِ



مختصر حقيقتون پڻ پيش ڪندس ۽ عوام جي راءِ جو حوالو ڏيڻ ڪانپوءِ هي ايوان بل تي غور ڪندو.

مير بنده علي خان ٽالپر:

جناب اسپيڪر، آءٌ انڪري اٿي بيٺو آهيان ته بل نمبر: LVII 1940ع، بمبئي لينڊ روينيو ڪوڊ 1879 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ لاءِ سنڌ صوبي جي درخواست تي اينڊڙ اجلاس ۾ بيو پيرو پڙهيو وڃي. جيڪڏهن سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ جو اجلاس اچوڪي تاريخ کان ڪجهه مهينن ڪانپوءِ طلب ٿي سگهي، منهنجي هن ترميم ڪي پيش ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته راءِ حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن مهينن جو عرصو ايترو مختصر هو ته اهڙي اهميت ڪي يقيني بڻايو وڃي.

اسپيڪر سنڌ قانونساز اسيمبلي:

مون معزز وزير صاحب جي تحريڪ ايوان اڳيان نه رکي آهي، جڏهن اها رکندس ته معزز ميمبر ترميم پيش ڪري سگهي ٿو.

مسٽر جي. فريزر: اسپيڪر صاحب، آئون، اعتراض واري نقطي تي ڳالهائڻ چاهيان ٿو.

اسپيڪر: مون اڃا اها رٿ پيش نه ڪئي آهي، پهرين اها مون ڪي ايوان ۾ پيش ڪرڻ ڏيو. نهراءِ اهو آهي ته بل نمبر LVII آف 1940، سنڌ صوبي جي درخواست تي بمبئي لينڊ روينيو ڪوڊ 1879 ۾ وڌيڪ ترميم جو بل بيو پيرو ايوان ۾ پڙهيو وڃي.

مسٽر جي فريزر: اسپيڪر صاحب، آئون اعتراض واري نقطي ڪي اٿاريندي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته هن بل جو انچارج محترم روينيو وارو وزير قاعدي نمبر 152 (3) جي شرطن ڪي پورو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪو آهي. بل ڪي قاعدي 152 (4) جي مطابق ڊيل ڪيو وڃي.

اسپيڪر: پيچڪڙي کهڙي ٿي آهي؟

مسٽر جي فريزر: پيچڪڙي اها آهي ته بل بابت عوام جي راءِ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، انچارج ميمبر ڪي هڪ ڪم ڪرڻ گهرجي ته ان بل ڪي سليڪشن ڪميٽي حوالي ڪيو وڃي يا هو پنهنجي استحقاق واري اختيار ڪي استعمال ڪندي اسپيڪر ڪي درخواست ڪري ها پر انچارج وزير ان تي عمل نه ڪيو آهي ان ڪري بل تي قاعدو 152 (4) لاڳو ڪيو وڃي.

مانوارا سائين،هن بل ايوان جي اندر توڙي ٻاهر تمام گهڻيون پريشانيون پيدا ڪيون آهن ۽ جڏهن ان جو غور سان مطالعو ڪيو ويندو ته معلوم ٿيندو ته ان ۾ هڪ خاص طبقي جي ماڻهن سان نااانصافي ڪرڻ جا وڏا امڪان موجود آهن.

اسپيڪر: اعزازي ميمبر ڪي ميرٽ ۾ نه وڃڻ گهرجي پر هن جي طرفان اٿاريل قانوني نقطي سان معاملو حل ڪرڻ گهرجي.

مسٽر جي فريزر: آئون دليلن سان چوان ٿو ته مان هن نقطي ڪي چو اٿاري رهيو آهيان. هڪ عام قانون سازيءَ ۾ جيڪڏهن اهو نقطو اٿاريو وڃي ها ته شايد رڳو هڪ رنڊڪ هجي، يا ٿي سگهي ٿو ته اها بيوقوفي هجي، پر سنڌ جي حوالي سان. ڳڻتي آهي ته هي بل قانون سازي جو سڀ کان اهم حصو آهي،جيڪو اسيمبليءَ ۾ پيش ٿي چڪو آهي.

مسٽر آر ڪي سڌوا: پوائنٽ آف آرڊر چا آهي؟

مسٽر جي فريزر: جيڪڏهن توهان انچارج وزير جي قاعدي 152 (3) جي شرطن ڪي پورو ڪرڻ ۾ ناڪامي تي افسوس ڪيو ۽ اهو بل قانون بڻجي وڃي ته توهان اڻڄاڻائيءَ ۾ حڪومت جي مدد ڪئي، مان چوان ٿو ته هن بل اندر ڪيترن ئي ماڻهن سان نااانصافي پيدا ڪرڻ لاءِ وڏي صلاحيت شامل آهي.

نهچلداس سي وزيراڻي: مان معزز ميمبر جو ٿورائتو آهيان. جي فريزر جو دل سان شڪريو ادا ڪيان ٿو پر گڏوگڏ آئون هتي قاعدو 152 (3) پڙهندس جيڪو چوي ٿو ته: "جتي ڪا رٿ جيڪا ڪنهن بل بابت راءِ حاصل ڪرڻ جي مقصد لاءِ پيش ڪئي وڃي، ان تي قانون ۾ ڏنل هدايت مطابق عمل ڪيو وڃي ۽ مقرر مدي اندر رايا حاصل ڪيا ويا هجن،انچارج ميمبر، جيڪڏهن هو ان ڪانپوءِ بل تي عمل ڪرڻ چاهي ته، بل ڪي سليڪشن ڪميٽي حوالي ڪيو وڃي، جيستائين اسپيڪر، هن شق ڪي معطل ڪرڻ جي پنهنجي اختيار جي استعمال ۾، هڪ تحريڪ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو ته بل ڪي ايوان اندر بيو پيرو پڙهيو وڃي.

قاعدي نمبر 152 (4) ۾ لکيل آهي ته : "جيڪڏهن قاعدي جي ڏيلي شق (3) تحت نهراءَ تي عمل نه ڪيو ويو ته پوءِ جاٽايل بل رد سمجهيو ويندو".

سائين هاڻي اصل موقف هي آهي ته قاعدي نمبر 152 جي ذيلي قاعدي (2) تحت مون لاءِ ٻه ڪورس ڪليل رهجي ويا هئا يا ته بل بيو پيرو ايوان ۾ پڙهڻ لاءِ توهان ( اسپيڪر ) کان اجازت ورتي وڃي يا سڌو سنئون چونڊ ڪميٽي لاءِ رٿ اماڻي وڃي. جيڪڏهن مان فيصلو ڪريان ها ته سڌو سنئون چونڊ ڪميٽيءَ لاءِ تحريڪ پيش ڪريان ها، ته اهو ضروري نه هجي ها ته توهان ڪي ٻڌايان ته مان



بل پيو پيرو ايوان ۾ پڙهڻ جو ارادو رکان ٿو. ان جو مقصد اهو هو تہ توهان پنهنجي طاقت کي استعمال ڪندي هن شق کي معطل ڪيو ۽ مون کي اجازت ڏيو تہ بل کي پيو پيرو پڙهڻ لاءِ منتقل ڪريان. مون کي افسوس آهي تہ مون اهو موقف بلڪل واضح نہ ڪيو ۽ انڪري محترم ميمبر جي فريزر جي تنقيد کي مڪمل طور تي درست سمجهان ٿو. مون کي تسليم ڪرڻ گهرجي تہ مون کي اهو بلڪل واضح ڪرڻ گهرجي ها. پر منهنجو معزز دوست جيڪڏهن ذيلي ضابطي (4) جي تشريح ڪري ٿو تہ تمام گهڻو غلط آهي چاڪاڻ تہ هن جي ذيلي قاعدي (4) جي تشريح غلط آهي ڇو تہ اها رڳو رد نہ ڪئي وئي آهي. هن لاءِ اهو چوڻ تہ سمورو بل هليو ويو آهي، هي هڪ مختصر بل هجڻ جي ڪري مون ڪا خاص درخواست نہ ڪئي هئي. پر سائين توهان کي ياد هوندو تہ مون اهو بہ شامل ڪيو آهي تہ ان کان اڳ جو پيو پيرو پڙهڻ جي اجازت لکت جي صورت ۾ رکي وڃي. مان حقيقتون بيان ڪندس ۽ هر شيءِ کي بيان ڪندس جيڪو ڪيو ويو آهي. اعتراض اهو هو تہ انهن حقيقتن کي نظر ۾ رکندي توهان شقن کي معطل ڪرڻ جي صلاح تي غور ڪري سگهو ٿا. هن مرحلي تي توهان جي اڳيان منهنجي صرف اها درخواست آهي تہ توهان انهن شقن کي معطل ڪيو جن ۾ بل کي سليڪشن ڪميٽي ڏانهن رجوع ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو آهي. يقيناً جيڪڏهن توهان منهنجي درخواست کي رد ڪيو تہ پوءِ مان هڪ ٻي استدعا ڪندس تہ بل کي سليڪشن ڪميٽيءَ جي حوالي ڪيو وڃي. هن مرحلي تي آئون توهان کي عرض ڪري رهيو آهيان تہ ذيلي ضابطي (3) جي شقن کي معطل ڪيو وڃي. مسٽر آر ڪي سڌوا: جناب اسپيڪر، محترم روينيو واري وزير جي مڪمل حمايت ڪندي، مان نہ ٿو سمجهان تہ محترم ميمبر صاحب جيڪو اهو نقطو اٿاريو آهي، جنهن ۾ هو صرف اهو چئي سگهيو تہ اجازت نامون اسپيڪر کان حاصل ڪيو وڃي. تنهن ڪري توهان کي پوائنٽ آف آرڊر تي ڪو بہ فيصلو نہ ڏيڻو آهي ڇو تہ اتي ڪو بہ پوائنٽ آف آرڊر ناهي. قاعدو چوي ٿو تہ توهان کي معافي ڏيڻ گهرجي ۽ پيو پيرو پڙهڻ جي رڳو سان اتفاق ڪريو ٿا، تنهنڪري هاڻي معزز وزير صاحب توهان کان اجازت گهري آهي تہ جيئن بل تي بحث ڪري سگهجي، تنهنڪري مهرباني ڪري اهو واضح ڪري ڇڏيو تہ حڪم جو ڪو بہ نقطو ناهي.

توهان جي اڳيان سوال هاڻي اهو آهي تہ توهان مهرباني ڪري هن بل کي هتي بحث ڪرڻ جي اجازت ڏيندا ڇاڪاڻ تہ اهڙي اجازت ڏيڻ توهان جي اختيار ۾ آهي. (هلندڙ)

# ملڪ ۾ زرعي سڌارن جي ضرورت

اسحاق سومرو

زرعي سڌارن ڪانسواءِ ملڪ ۾ سياسي ۽ سماجي استحڪام ناممڪن آهي. زمين جي غير منصفاڻي ورهاست جي ڪري سماجي نا انصافي ۽ معاشي ناهموارين ۾ بہ اضافو ٿي رهيو آهي. پاڪستان جي قيام کانپوءِ ملڪ ۾ ستت ئي زرعي سڌارن تي ڪم شروع ڪيو ويو. 1948ع "۾ هاري انڪوائري ڪميٽيءَ" پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ انهن عملن جي نشاندهي ڪئي جن سان جاگيردار ۽ زميندار هارين جو سماجي ۽ معاشي استحصال ڪندا هئا. پاڪستان ۾ ان وقت زميني ملڪيت جا هڪ ئي وقت ڪيترا نظام هلي رهيا هئا جن ۾ سڀ کان اهم "بيگار سرشتو" هو. بيگار سرشتي ۾ جاگيردار ۽ زميندار غريب هارين کي ڏمڪائي ۽ ڊيڄاري



بغير ڪنهن معاوضي جي پنهنجي زمينن ۾ ڪائڻ ڪم ڪرائيندا هئا يا هاري زميندار وٽ تمام گهٽ معاوضي تي ڪم ڪندا هئا. انهي ڪانسواءِ هڪ ٻيو نظام "بٽئي سرشتو" به هو. هن نظام تحت هاريءَ کي فصل جو ٿورو حصو معاوضي طور ملندو هو باقي سڄو فصل زميندار پاڻ کڻندو هو. حڪومت اهڙي صورتحال کي سامهون رکندي 1959ع ۾ زرعي سڌارن جو اعلان ڪيو. ان کان اڳ 1948ع ۾ "هاري انڪوائري رپورٽ" ۽ 1949ع واري "پاڪستان مسلم ليگ جي زرعي ڪميٽي" جي رپورٽ جي روشنيءَ ۾ 1959ع جي زرعي سڌارن لاءِ هڪ بنياد فراهم ڪيو ۽ ملڪي تاريخ جا پهريان زرعي سڌارا 1959ع ۾ عمل ۾ آيا.

پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ ملڪ ۾ به وڏيون تبديليون رونما ٿيون. جن موجب 1955ع ۾ ملڪ کي انتظامي طور ون يونٽ ۾ شامل ڪرڻ ۽ 1958ع ۾ مارشل لا جو نافذ ٿيڻ هو. 1958ع واري مارشل لا حڪومت، سياسي طور ملڪ لاءِ بدناميءَ جو باعث بڻي، پر مارشلا دوران 1959ع وارا زرعي سڌارا آندا ويا، جن ۾ پوين ۽ وڏين ربورٽن جن ۾ انهن عملن جي وڌيڪ وضاحت سان نشاندهي ڪئي وئي، جن جي ڪري زميني ملڪيت هئڻ ڪري طاقت جو توازن وقت گذرڻ سان گڏ هڪ مخصوص طبقي طرف وڃي رهيو هو ۽ اهي سمورا ماڻهو جن وٽ زميني ملڪيت نه هئي، اهي معاشري ۾ ٻئي ۽ ٽئين درجي جا شهري بڻجي رهيا هئا. 1959ع وارن زرعي سڌارن ۾ جيڪي اهم نقطا درج ڪيا ويا سي هن ريت هئا: جاگيرن ۽ سمورين اضافي زمينن کي حڪومتي تحويل ۾ ورتو ويندو، جنهن جي بدلي ۾ حڪومت ڪو به معاوضو ادا نه ڪندي.

هاري جنهن زمين ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، اها زمين يا هاري وٽ موجود زمين تي ڪيس مستقل مالڪاڻا حق فراهم ڪيا ويندا جنهن سان انهن سمورن هارين کي بيدخليءَ کان تحفظ فراهم ڪيو ويندو، جيڪي ڪرائي (مسواڙ) جي زمين تي فصل پوکين ٿا.

حڪومتي سطح تي ان ڳالهه جو مڪمل انتظام ڪيو ويندو ته ڪو به بيگار جهڙيون خدمتون هارين کان نه وٺي سگهي، ڇو ته حڪومتي سطح تي ان تي مڪمل پابندي هوندي. زمين کي ننڍن ٽڪرن ۾ وڪڻڻ ۽ تحفي طور ورهائڻ تي مڪمل پابندي هوندي.

انفرادي طور هڪ زميندار 500 ايڪڙن کان وڌيڪ نهري ۽ 1000 ايڪڙن کان وڌيڪ باراني (برسات تي مدار رکندڙ) زمين نه رکي سگهندو.

زمين جي مالڪي حڪومت وٽ هوندي ۽ جيڪي زمينون هارين جي استعمال هيٺ هونديون، تن کي حڪومت هارين ۾ منصفانه طور ورهائيندي. ٻي زمين هارين کي بنا معاوضي زمين ڏيڻ جو انتظام ڪيو ويندو.

انهي سان گڏ 1959ع وارن زرعي سڌارن ۾ هيٺين سفارشن کي پڻ شامل ڪيو ويو:

زميندارن لاءِ مقرر زمين جي مالڪيءَ جي حد ۾ 150 ايڪڙن تي ڦهليل باغ، انهيءَ قاعدي ۾ شامل نه هوندا. زميندار زمين جو ڪجهه حصو پنهنجي گهر ٺاهڻ لاءِ به رکي سگهندو، جيڪو قانوني وارثن ۾ ورهائي سگهندو.

اهي سموريون زمينون جيڪي ڪنهن فلاحي، مذهبي، تعليمي ۽ تحقيقاتي اداري جي ملڪيت هونديون، انهن کي مقرر قاعدي کان آجو قرار ڏنو ويندو.

1959ع وارا زرعي سڌارا پاڪستاني تاريخ ۾ هڪ وڏو قدم هئا جنهن جاگيرن تي مالڪاڻو حق ختم ڪري انهن زمينن کي حڪومت جو حصو بڻايو ۽ جاگيرداري نظام کي ڌڪ رسيو پر اهي زرعي سڌارا هن جاگيرداري نظام کي مڪمل طور ختم ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا.

1960 ۾ زرعي سبز انقلاب جي شروعات ٿي، سبز انقلاب جي زماني ۾ مشين جي ذريعي پوک ۽ وڌيڪ پيداوار ڏيڻ وارن ٻجن جون اهڙيون جنسون ايجاد ڪيون ويون جن سان في ايڪڙ پيداوار ۾ وڏو اضافو ٿيو.

1972 ۾ ذوالفقارعلي ڀٽي جي دور ۾ زرعي سڌارن جو اعلان ڪيو ويو جنهن تحت نهري زمين جي حد گهٽائي 150 ايڪڙ ڪئي وئي. باراني زمين جي حد 300 ايڪڙ مقرر ڪئي وئي. ان کان وڌيڪ زمين رکندڙن زميندارن کان زمين واپس وٺي ٻي زمين هارين ۾ ورهائي وئي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت 1977 ۾ ٻيهر زرعي سڌارن ذريعي زمين جي حد ۾ اڃا به گهٽتائي آڻي نهري زمين 100 ايڪڙ ۽ باراني زمين جي حد 150 ايڪڙ رکي. 1959 جي زرعي سڌارن ۾ پوري ملڪ جي 101 ملين ايڪڙ زمين زميندارن ۽ جاگيردارن کان واپس ورتي وئي. جنهن مان صرف 0.5 ملين ايڪڙ پوک لائق هئي، 1972 جي زرعي سڌارن ۾ 1.3 ملين ايڪڙ زمين واپس ورتي وئي جنهن ۾ پڻ 0.7 ملين ايڪڙ پوکي لائق هئي. انهن ٽنهي ڪيل زرعي سڌارن دوران زميندارن کان مجموعي طور تي

صرف 8 سيڪڙو پوک واري زمين ورتي وئي. جنهن جو صرف اڌ حصو بي زمين هارين ۾ ورهايو ويو. انهي زمين مان فائدو وٺندڙ هارين جو صرف هڪ سيڪڙو هوجن کي واقعي ٻه زمينون ملي سگهيون. تنهنڪري انهن ڪيل زرعي سڌارن جا سياسي ۽ سماجي اثر نالي ماتر پئجي سگهيا.

2000ع جي "زراعت شماري" مطابق پوک لائق زمين جو 50 سيڪڙو کان ٻه وڌيڪ حصو 10 سيڪڙو زميندارن ۽ وڏن جاگيردارن وٽ آهي. جيڪا صورتحال 1960 ۾ به ساڳي هئي. ان ۾ ڪا به نمايان تبديلي نه اچي سگهي آهي،زرعي سڌارن سان جيڪو معاشي ۽ سماجي اڻ برابري ۾ گهٽتائي جو خواب هواهو ساپيان نه ٿيو. ناقص ۽ غير محفوظ هاري ۽ زميندار جي وچ ۾ ٿيل معاهدن جي ڪري هاري جي زندگي ۾ ڪا به تبديلي نه ٿي. وڏي زميندداري رکڻ وارن جي سماجي حيثيت ۽ سياسي طاقت ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي. انهن هارين لاءِ ڪو به "سماجي سيفٽي نيٽ ورڪ" نه آهي.

1972ع ۽ 1977 وارا زرعي سڌارا يقينن پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ان جي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي جو ڪارنامو هئا،جنهن کي باقائدہ قومي اسيمبلي اڪثريت سان منظور ڪيو هوا يستائين جو ان وقت جي مذهبي جماعتن توڙي پ پ ۽ ٻين جماعتن جي جاگيردار ميمبرن به ان زرعي سڌارن واري قانون سازي جي حمايت ڪئي.

انهي تاريخي قانون پاس ٿيڻ جي ڪجه مهينن کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت کي جنرل ضياءُ الحق ختم ڪري ڪيس ڦاسي تي چاڙهي ڇڏيو بعد ۾ هن پنهنجي اقتدار کي برقرار رکڻ لاءِ سپريم ڪورٽ کان نظرئي ضرورت تحت تحفظ ورتو ۽ شريعت ڪورٽ جو بنياد وڌو. مذهب جي آڙ ۾ قائم ڪيل شريعت ڪورٽن ذريعي من پسند فيصلا ڪيا ويا. اهوئي سبب هوجو ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪيل 1977 جي زرعي سڌارن کي شريعت اپيلٽ ڪورٽ غير اسلامي قرار ڏيئي رد ڪري ڇڏيو ۽ اڄ ڏينهن تائين انهن زرعي سڌارن تي عمل نه ٿي سگهيو.

پاڪستان جي نامور قانوندان ۽ ورڪرس پارٽي جي اڳواڻ عابد حسين منٽو ۽ سول سوسائٽي جي ڪجه تنظيمن ۽ فردن سپريم ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي ته شريعت اپيلٽ ڪورٽ کي 1977 جي زرعي سڌارن کي، جن کي قومي اسيمبلي جي طرفان منظور ڪيو هوتن کي شريعت اپيلٽ ڪورٽ طرفان غير اسلامي قرار ڏئي رد ڪري ڇڏڻ جو اختيار نه آهي ڇاڪاڻ ته اسيمبلي مان ڪيل قانون سازي کي آئين ۾ مڪمل تحفظ آهي تنهنڪري سپريم ڪورٽ آف پاڪستان انهي شريعت اپيلٽ ڪورٽ جي فيصلي تي پنهنجو موقف ڏئي ان کي غير قانوني قرار ڏي ته جيئن قومي اسيمبلي طرفان ڪيل زرعي سڌارن واري قدم تي عمل درآمد ٿي سگهي.

زرعي سڌارن واري انهي داخل ڪيل پٽيشن جي مخالفت ۾ جاگيردارن جي ناهيل "فارمرز فورم" جنهن جي نمائندگي ڏکڻ پنجاب سان تعلق رکندڙ تحريڪ انصاف جو وائيس چيئرمين شاه محمود قريشي ۽ جهانگير ترين ڪري رهيا آهن. پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت 2010 ۾ 18 ترميم جي ذريعي اهڙي قانون سازي جا اختيار صوبن کي ملي چڪا آهن.

تنهنڪري پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت پنهنجي باني چيئرمين ذوالفقار علي ڀٽي جي 1977 ۾ ڪيل زرعي سڌارن کي سنڌ اسيمبلي مان قانون سازي ذريعي عمل ڪرائي جاگيردارن کان واڌو زمينون وپس وٺي سنڌ جي غريب ۽ بي زمين هارين ۾ ورهائي زرعي سڌارن تي حقيقي انداز ۾ عمل ڪرائي سگهي ٿي. 1972ع جي پهرين زرعي سڌارن جي نتيجي ۾ ذوالفقارعلي ڀٽي جي خاندان جي پڻ 50 هزارايڪڙ زرعي زمين بي زمين هارين ۾ ورهائي وئي هئي. بينڪي نظام جي خاتمي لاءِ به اپاءُ ضروري آهن. هڪ زمين جي ورهاست ۽ جاگيرداري جو خاتمو ۽ بيوتعليم جو لازمي ۽ عام هجڻ آهي، بدقسمتي سان پاڪستان ٺهڻ کان وٺي نه ته تعليم عام ٿي سگهي آهي نه ئي جاگيردارن جي زمين ۾ ڪمي آئي آهي. بلڪ ڪيترن ئي جاگيردارن جي زمينن ۽ جائدادن ۾ اضافو ٿيو آهي. گذريل ڏهن سالن کان وٺي عابد حسين منٽو ۽ سول سوسائٽي جي فردن طرفان داخل ڪرايل پٽيشن تي ڪا به شنوائي نه ٿي رهي آهي. ان ڪانسواءِ 2013 ۾ زرعي سڌارن تي عمل ڪرائڻ لاءِ "ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ" ۾ استدعا ڪيل آهي پر ان کي اجا تائين ايجنڊا ۾ ئي شامل نه ڪيو ويو آهي. ان لاءِ ضرورت آهي ته ملڪ ۾ حقيقي تبديلي ۽ نظام جي تبديلي لاءِ مڙني جمهوريت پسند ، ترقي پسند، قوم پرست جماعتون گڏجي ملڪ ۾1977 ۾ ڪيل زرعي سڌارن لاءِ جاکوڙين ۽ سنڌ جي سطح تائين اسيمبلي مان زرعي سڌارن لاءِ قانون سازي ڪرائڻ لاءِ پنهنجو رول ادا ڪن.

# سنڌ لينڊ ايلينيئشن بل
# بابت سنڌ قانونساز اسيمبليءَ جي ڪارروائي

(تاريخي دستاويز)

سنڌيڪار: عبدالستار بلوچ

1947ع کان اڳ سنڌ ۾ لينڊ ايلينيشن جو مسئلو سنڌ جي زرعي معيشت لاءِ هڪ نهايت اهم مسئلو هو. ان سلسلي ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي 15 مارچ 1943ع واري اجلاس ۾ بل نمبر: 1943ع – XVIII(لينڊ ايلينئيشن بل) تي هيٺئين ريت بحث ڪيو ويو:

خانبهادر محمد ايوب کهڙو: سائين، آئون هيءُ بل نمبر: 1943ع – XVIIIجي پهرين پڙهڻي جي اجازت گهران ٿو. جيڪو سنڌ صوبي ۾ زرعي زمينن جي منتقلي بابت آهي.

اسپيڪر: بل پڙهڻ جي اجازت ڏجي ٿي.

خانبهادر محمد ايوب کهڙو: سائين، آئون هيءُ بل مِوو ڪريان ٿو جيڪو بل نمبر: 1943ع – XVIIIآهي. هيءُ بل سنڌ صوبي ۾ زرعي زمينن جي منتقليءَ کي پابند ڪرڻ جو آهي ۽ پهريون پيرو پيش ڪيو پيو وڃي.

ڏيئل مل دولترام: آئون هن بل جي پيشڪار معزز ميمبر کي گذارش ڪندس ته هو ايوان آڏو اسان کي هن بل بابت کولي ٻڌائي.

نهچلداس وزيراڻي: انهيءَ کان اڳ آئون هڪ نڪته اعتراض (پوائنٽ آف آرڊر) اُٿارڻ گهران ٿو. جيتوڻيڪ اهو ورجاءُ ٿيندو پر آئون توهان کي ٻيهر گذارش ڪندس ته هن بل بابت پنهنجي رولنگ ڏيو. ڇو ته اڳوڻي بل بابت توهانجي رولنگ آيل آهي، جنهن ۾ توهان ڇٽي نموني چيو هو ته هيءَ بل اڻ تڪراري آهي ۽ ان حوالي سان توهان پنهنجا صوابديدي اختيار ڪتب آڻي پيا سگهو. پر هن مامري ۾ ٻنهه معقول بنيادن جي باوجود توهان پنهنجا صوابديدي اختيار ڪتب ڇو نه آندا. اهي بنياد هي آهن:

(1) توهان سيئي چڱيءَ ريت ڄاڻو ٿا ته لفظ "ڪابينا" جو مطلب "گڏيل ذميواري" آهي. معزز ميمبر راءِ صاحب گوڪلداس هڪ اخباري بيان وسيلي اهو واضح ڪيو هو ته اسيمبليءَ جي هاڻوڪي اجلاس ۾ هيءَ بل نه آندو ويندو. هاڻي اها واعدي جي ڀڃڪڙي ٿي رهي آهي، منهنجو پهريون نڪتو اهو آهي.

(2) ٻيو نڪتو هيءَ آهي ته فيڊرل ڪورٽ هن بل کي هڪ طبقاتي قانونسازي طور "متڀيد" وارو بل قرار ڏيئي چڪي آهي. تنهن ڪري هيءَ بل نرالي نوعيت جو ۽ مت ڀيد واري قانونسازي آهي. تنهن ڪري، هر ماڻهو لاءِ ۽ هر چونڊيل نمائندي لاءِ ٻنهه ضروري آهي ته هن بل تي غور ڪان اڳ ان کي روڪڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري.

(3) منهنجو ٽيون نڪتو نوٽيس بابت آهي. ان حوالي سان آئون توهان آڏو رول نمبر: 143 ۽ رول نمبر: 144 رکان ٿو:

"143 ـ جيئن ئي ڪو بل متعارف ڪرايو ويندو ته اهو بل اعتراضن ۽ سببن سميت اهڙين مقامي ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويندو جيڪي اسپيڪر ضروري سمجهندو ۽ اهو ترجمو گزيٽ ۾ شايع ڪيو ويندو.

144 ـ گورنر ڪنهن به بل کي اعتراضن ۽ سببن سميت گزيٽ ۾ شايع ڪرڻ جو حڪم ڏيئي سگهي ٿو چاهي بل متعارف ڪرائڻ دوران ڪو به موشن نه آندو ويو هجي. ان حوالي سان بل پيش ڪرڻ دوران موشن ضروري نه هوندو ۽ جيڪڏهن ان ڪانپوءِ بل پيش ٿي وڃي ٿو ته پوءِ ان کي ٻيهر شايع ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي."

ان ڪانپوءِ ميمبرن کي نوٽيس ڏنو وڃي ٿو. طريقيڪار اهو آهي ته ايوان آڏو ايندڙ هر بل ڇاپيو ويندو. هاڻي لفظ "ڇاپڻ" مشهوري جي معنيٰ طور ڪتب اچي ٿو. جيڪڏهن ڪو بل گورنمينٽ پرنٽنگ پريس ۾ ڇپيو آهي پر عام ماڻهوءَ تائين نه پهتو آهي يا وري اهڙي مناسب وقت تي نه ڇپيو آهي جو عوام تائين پهچي سگهي ته پوءِ جيتوڻيڪ اهو ٽيڪنيڪي طور رولز سان ٺهڪي ٿو پر اهو

آبجيڪٽ نہ هوندو جنهن سان اهو رول تهيل آهي. چو تہ ٻي صورت ۾ ڪو بہ اهڃاڻ نہ هوندو ۽ ان ڪانپوءِ اهو رول ضروري نہ هوندو. هڪ ٻيو رول چوي ٿو تہ بل ايوان ۾ پيش ڪرڻ کان اڳ ميمبرن کي ٽن کان ستن ڏينهن وچ ۾ ملڻ گهرجي پر اهو قاعدو رڳو ميمبرن جي فائدي ۾ ڪونهي. سرڪاري گزيٽ ۾ انهيءَ جو ڇپجڻ عوام جي آگاهيءَ لاءِ هجي ٿو. هاڻي، هن مامري ۾، هيءَ بل ڪمشنريٽ جي پرنٽنگ پريس ۾ ڇنڇر واري ڏينهن ڇپيو هو ۽ اسان ان ڏينهن منجهند جو ڪٿان ان جا نقل هٿ ڪيا هئا. ان ڏينهن ٿورو اڳ صبح جوئي گزيٽ پرنٽنگ پريس مان اماڻي ويئي هئي. ائين آچر واري ڏينهن رڳو ڪجھ ميمبرن/ماڻهن وڏي ڏکيائيءَ سان بل جا نقل حاصل ڪيا ۽ اهو سنڌ جي عام ماڻهو لاءِ ناممڪن هو تہ هو پنهنجي چونڊيل نمائندي سان سومر واري ڏينهن کان اڳ ملاقات ڪري سگهي. آئون چوان ٿو اهو بلڪل ناممڪن آهي. تنهنڪري، ڀلي هن قاعدي کي پنهنجي حقيقي ۽ سڌي معنيٰ ۾ ڪنيو وڃي پر اهو نٿو چئي سگهجي تہ هيءَ بل ماڻهن جي جاڻ لاءِ پڌرو ڪيو ويو آهي ۽ اهي انهي پوزيشن ۾ آهن جو پنهنجي چونڊيل نمائندن سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهن.

سائين، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ ٻين لاڳاپيل قاعدن جيان هتي بہ اسپيڪر ميمبرن کي ٽن ڏينهن جي اجازت ڏيڻ جو اختيار رکي ٿو پر يقيني طور ان صورت ۾ قاعدي ۾ لچڪ ڏيکاري سگهجي ٿي. جڏهن هيءَ بل ڇنڇر ڏينهن هٿيڪو ڪري (پڇن هول ۾) رکيو وڃي ها ۽ آچر جي وقفي ڪانپوءِ سومر جي ڏينهن آڏو آندو وڃي ها ۽ پوءِ اهو چئي سگهجي ها تہ انهيءَ کي ٽي ڏينهن ٿي چڪا آهن.

(4) چوٿين ڳالھ اها تہ آئون اهو رڪارڊ تي آڻڻ چاهيان ٿو تہ هيءَ هڪ طبقاتي قانونسازي آهي ۽ انهيءَ ۾ ٽڙ ٽڪڙ نہ ڪرڻ گهرجي جيئن هن وقت ڪئي پئي وڃي. قلم جي هڪ ڌڪ سان 30 لک مسلمانن منجهان 27 لکن کان وڌيڪ مسلمان زرعي زمين خريدڻ جي اهل ٿي ويندا ۽ 10 لک هندن منجهان 9 لک 70 هزار هندو زمين خريدڻ کان محروم ٿي ويندا. تنهن ڪري هي بلڪل هڪ طبقاتي قانونسازي آهي ۽ اهو بنھ پڌرو آهي.

اسپيڪر: ڇا معزز ميمبر گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ جي ڪنهن اهڙي شق جو حوالو ڏيندو جيڪا سندس هن دليل جو بنياد هجي؟

نهچلداس وزيراڻي: ڪهڙو دليل سائين؟

اسپيڪر: اهو ئي تہ هيءَ هڪ طبقاتي قانونسازي آهي.

نهچلداس وزيراڻي: ”فيڊرل ڪورٽ رولنگ، 1942ع سنڌ.“ جيڪڏهن توهان چاهيو تہ آئون انهيءَ جو نقل ڏيئي سگهان ٿو.

اسپيڪر: هن (معزز ميمبر) کي ضرور ڪجھ حوالا ڏيڻ گهرجن جن تحت چيئر (اسپيڪر) هن بل کي قانون جي اُبتڙ قرار ڏيئي سگهي.

خانبهادر الهہ بخش گبول: سائين، هي (معزز ميمبر) قانون جو غلط حوالو ڏيئي رهيو آهي. (ٺهڪ)

نهچلداس وزيراڻي: آئون اهو نہ ٿو چوان تہ هيءَ بل رد ٿيڻ گهرجي.

اسپيڪر: مون سمجهيو.

نهچلداس وزيراڻي: منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ اسپيڪر کي پنهنجو صوابديد استعمال نہ ڪرڻ گهرجي ۽ پورن ستن ڏينهن تائين انهيءَ کي التوا ۾ رکڻ گهرجي آئون رڳو اهو ڏيکارڻ لاءِ سڀيئي نڪتا نروار ڪري رهيو آهيان تہ هيءَ هڪ تڪراري بل آهي، هيءَ هڪ طبقاتي قانونسازي آهي ۽ هيءَ بل متڀيد تي ٻڌل آهي. وڌيڪ اهو تہ، اسان کي انهيءَ جو نقل ڇنڇر ڏينهن منجهند جو مليو هو اهو نٿو چئي سگهجي تہ عوام پنهنجي نمائندن تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ اهو مهلائتو حاصل ڪيو ۽ جيئن مون چيو اها هڪ طبقاتي قانونسازي آهي، جيڪا 10 لک هندن مان 9 لک 70 هزار هندن کي زميندار ي زمين جي منتقلي ۽ قبولي زمين جي خريداري کان محروم ڪندي، اها قطعي طور بنھ گهاءُ ڏيندڙ ڪردار واري هڪ طبقاتي قانونسازي آهي.

پير الاهي بخش: اهو درست بيان ڪونهي.

نهچلداس وزيراڻي: اهو بلڪل درست بيان آهي. جيڪڏهن توهان لفظ ”ايگريڪلچرسٽ“ جي وصف ڏسندا تہ هتي هر هاري ايگريڪلچرسٽ آهي ۽ انهن ۾ اڪثريت مسلمانن جي آهي.

ان کان سواءِ پورن ستن ڏينهن لاءِ رٿ مهمل ڪرڻ جو هڪ ٻيو جواز بہ آهي. اقليتن جا اڌ کان وڌيڪ ميمبر حفاظتي اُپائن تحت نظربند آهن. هاڻي، مون هيءَ نڪتو ان وقت اٿاريو آهي جڏهن پاڪستان جي ٺهراءُ بابت بحث ٿي رهيو آهي ۽ توهان اها درست نشاندهي ڪئي آهي تہ اهو فقط مسلمانن جي خواهش جو اظهار آهي ۽ هندن جي انهي سان ڪا ڏيٺي ونٺي ڪانهي پر هن قانونسازيءَ

بابت ايئن نٿو چئي سگهجي ۽ جيئن تہ هيءَ هڪ قانوني مامرو آهي تنهن ڪري آئون سمجهان ٿو تہ توهان پورن ستن ڏينهن واري نوٽيس کي ڦاڙي ڦِٽو ڪرڻ وارو پنهنجو اختيار استعمال نہ ڪندا. جيڪڏهن معزز ايوان پاران ستن ڏينهن واري نوٽيس بابت قاعدي ۾ ڪا ترميم يا معنيءَ ۾ ڪا تبديلي ڪي منظور ڪيو ويو تہ آئون انهي قاعدي جي حمايت ڪندي اهو هن بل تي لاڳو ڪرڻ جي گذارش ڪندس. پر جيڪڏهن اهو قاعدو هن بل تي، جيڪا حقيقت ۾ هڪ طبقاتي قانونسازي آهي، لاڳو نٿو ٿي سگهي تہ آئون مودبانہ گذارش ٿو ڪريان تہ مون کي ايندڙ وقت ۾ ٻيو ڪو اهڙو بل نٿو سُجهي جيڪو انهي قاعدي جي گُهرجن تي پورو لهندڙ هجي. تنهن ڪري، آئون احترام سان عرض ٿو ڪريان تہ هيءَ اهڙو بل ڪونهي جنهن بابت توهان پنهنجو صوابديد ڪتب آڻيندي ست پورن ڏينهن واري نوٽيس کي رد ڪري ڇڏيو.

سر غلام حسين هدايت الله: سائين، مون پنهنجي معزز دوست مخالف ڌر جي اڳواڻ کي غور سان ٻڌو آهي. پر بل جي پيشڪار کي ٻڌڻ لاءِ وٽس ڪا سهپ ڪونهي. بل جو پيشڪار هن معزز ايوان کي يقين ڏياريندو تہ هو هن وقت رڳو بل پڙهي ٻڌائيندو ۽ عوام کي پنهنجا اعتراض جمع ڪرائڻ لاءِ ٻن مهينن جو وقت ڏيندو، جنهن عرصي ۾ بل عوامي راءِ لاءِ سرڪيوليٽ ٿيندو. پوءِ اهو بل هڪ چونڊ ڪاميٽي ڏانهن ايندو ۽ ان ڪانپوءِ اهو مڙني ترميمن سان ايوان ۾ آندو ويندو. تنهنڪري، منهنجي دوست (مخالف ڌر اڳواڻ) کي سهپ جو مظاهرو ڪندي بل جي پيشڪار کي ٻڌڻ گهرجي. سندس هر اعتراض تي غور ڪبو، يعني عوامي راءِ کي اهميت ڏني ويندي ۽ مسودي ۾ ٿيندڙ سموري ڦير ڦار (ترميمن) کي چونڊ ڪاميٽي آڏو رکيو ويندو. سندس ٻيون اعتراض اهو آهي تہ پيش ڪيو ويندڙ بل هڪ طبقاتي قانونسازي آهي. سائين، هن سدائين طبقاتي ۽ مت ڀيد واري قانونسازيءَ جا خواب ڏٺا آهن. هتي هر ڪنهن کي اهو حق حاصل آهي تہ هو زراعت سان واڳيل ماڻهن کي تحفظ ڏيئي، چاهي اهي هندو هجن يا عيسائي يا وري مسلمان. (ايوان ۾ گوڙ ٿئي ٿو)

اسپيڪر: آرڊر، آرڊر.

سر غلام حسين هدايت الله: مون کي افسوس آهي جو هي هڪ مسلمان صوبي ۾ رهندي بہ سُست رويءَ جو شڪار آهي. هي هندو اقليت جو بچاءُ ڪندڙ اڳواڻ طور اخبار جي وڏين سرخين جي زينت بڻجڻ ٿو چاهي. پر آئون معزز ايوان کي يقين ڏيارڻ ٿو چاهيان تہ هندو طبقي جا مفاد بہ اسان کي اوترا ئي عزيز آهن جيترو مسلمان طبقي يا ڪنهن ٻي ڌُر جا آهن. آئون ڪيس يادگيري ڏيارڻ ٿو چاهيان تہ هيءَ اهو ساڳيو قانون آهي جيڪو هن پاڻ اڳيرو آڻڻ تي چاهيو.

نهچلداس وزيراڻي: مون کي اعتراض آهي! اهو درست بيان ڪونهي.

سر غلام حسين هدايت الله: افسوس! هڪ مسلمان صوبي ۾ رهندي، ڇا هو زراعت پيشہ ماڻهن کي تحفظ ڏيڻ نٿو چاهي جن جي اُپت تي هر ماڻهو جيئرو آهي؟ تنهن ڪري، آئون سمجهان ٿو، ساڻس صلاح مشورو بهتر طريقو هوندو. منهنجو معزز ساٿي (کهڙو) پهرين پڙهڻي جي منظوريءَ ڪانپوءِ عوامي راءِ کي نروار ڪرڻ لاءِ رٿ آڻيندو. ان ڪانپوءِ بل چونڊ ڪاميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو، جتي هر ڪنهن کي مسودي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڦير ڦار واسطي رٿ پيش ڪرڻ جي اجازت هوندي.

راءِ صاحب گوڪلداس ميولداس: سائين، معزز ميمبر نهچلداس منهنجو حوالو ڏيندي چيو آهي تہ مون هڪ اخباري بيان جاري ڪيو آهي. پر آئون ڪيس يقين ڏياري سگهان ٿو تہ هو شين کان ڀلي ڀت واقف آهي. هن لاڳيتو نمائندگي ڪئي آهي ۽ ڪالهہ اخبارن وسيلي صوبي جي هندن کي اپيلون ڪيون آهن تہ اهي سندس رهائشگاهہ يا وري شڪارپور جي پنچائت هال ۾ گڏجن. هو انهن ڳالهين کان ڀلي ڀت واقف آهي. مون کيس ويهہ ڏينهن اڳ ڄاڻ ڏنو هو تہ اهو بل هن سيشن ۾ آندو ويندو. انهي وقت ڪيترائي معزز ماڻهو ۽ هندو مها سڀا جا ميمبر پڻ اتي موجود هئا. اهي سڀ حقيقتون ڄاڻندي ڪيس ٿورائتو هجڻ کپي ها. بهرحال، اهو سڀ ڪجهہ ٿيڻ ڪانپوءِ معزز وزير صاحب پنهنجي پوزيشن چٽي ڪئي تہ بل بابت عوامي راءِ ورتي ويندي ۽ انهي مقصد لاءِ ٻن مهينن جو وقت ڏنو ويندو. آئون سمجهان ٿو تہ معزز وزير صاحب کي پنهنجي بيان لاءِ پهرين وقت ڏيڻ گهرجي ها. آئون بلڪل سمجهي سگهان ٿو تہ معزز ميمبر نهچلداس جا اهڙا بيان فقط پريس ۾ پروپيگنڊا ڪرڻ ۽ عوامي همدردي ماڻڻ لاءِ آهن. نہ تہ معزز ميمبر بخوبي ڄاڻي ٿو تہ روينيو کاتي جي وزارت وٽس هجڻ واري وقت سندس پاران تيار ڪيل بل ننڍن ڪاتيدارن کي تحفظ ڏيندڙ آهي.

نهچلداس وزيراڻي: انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي.

راءِ صاحب گوڪلداس ميولداس: هن بل جو پهريون نڪتو ننڍن ڪاتيدارن کي

تحفظ ڏيڻ آهي جيڪي بئراجي زمين ۾ 50 ايڪڙ ۽ باراني زمين ۾ 100 ايڪڙ رکندڙ آهن. انهيءَ ۾ اهم ڳالهه فقط هي آهي ته اهي ڪاتيدار جيڪي بئراجي زمين جا 1000 ايڪڙ ۽ باراني زمين جا 2000 ايڪڙ رکندڙ آهن، سي پنهنجي زمين ٻئي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي حوالي نه ڪري سگهندا جيڪو زراعت سان واڳيل/ايگريڪلچرسٽ ناهي. هتي ڪو به مت ڀيد ڪونهي ته ڪو هندو زميندار ڪنهن مسلمان آبادگار کي زمين وڪرو نه ڪري يا ڪو مسلمان زميندار ڪنهن هندو آبادگار کي وڪرو نه ڪري. منهنجو معزز دوست پلي پت واقف آهي ته هاڻي لفظ "ايگريڪلچرسٽ" جي وصف تبديل ٿي چڪي آهي، بهرحال جيڪڏهن مخالف ڌر پاران يا معزز ميمبر نهچلداس طرفان، يا وري عوام وٽان ڪا به سٺي تجويز آڏو اچي ٿي، جيڪڏهن اها اقليتن جي مفاد وٽان هوندي، ته اسان بيشڪ انهيءَ جي حمايت ڪنداسين. پر هن موقعي تي محترم وزير صاحب کي ٻڌڻ کانسواءِ، اهو چوڻ ته مون هڪ اخباري بيان جاري ڪيو آهي ته آئون هن بل سان سهمت ناهيان، اها مون سان بلڪل بيواجبي آهي. هن بل بابت مختلف رايا آهن. معزز ميمبر پاڻ محترم وزير صاحب ۽ ٻين سرڪاري ميمبرن ڏانهن ويو هو ۽ چيائين ته مون هڪ اخباري بيان ڏنو هو ته آئون بل جي حمايت ڪندس. تنهن ڪري آئون انڪار ڪيئن ٿو ڪري سگهان ته اهڙو بل نه اچڻ گهرجي. الٽو هن اهڙو بل آڻڻ لاءِ معزز سرڪاري ميمبرن تي زور وڌو هو.

نهچلداس وزيراڻي: مون کي اعتراض آهي!

راءِ صاحب گوڪلداس ميوالداس:

ان ڪانپوءِ هو ڪجهه مسلمان ميمبرن سان مليو. نيٺ هن ٻنهي ڌرين جو سهڪار ماڻي ورتو. آئون انهيءَ کان انڪار نٿو ڪريان ته سهڪار کان سواءِ گهٽو ڪجهه ڪري نٿو سگهجي. پنهنجي طبقي جي ڀلائيءَ لاءِ سندس تجويزن جي آجيان ڪجي ٿي. جيستائين منهنجو لاڳاپو آهي، ته آئون يقينن ڪنهن سٺي تجويز تي غور ڪندس. هاڻي انهيءَ تي وڌيڪ محترم وزير صاحب ئي ڳالهائيندو.

خانبهادر محمد ايوب کهڙو:

سائين، هن قانونسازيءَ جي حمايت ۾ منهنجي پاران ڪجهه لفظ چوڻ کان اڳ، انتظام طور انهيءَ بابت بحث جي هيءَ هڪ ننڍي ڪوشش هئي. هاڻي توهان سمجهي ويا هوندا ته معزز ميمبر نهچلداس کي دلئون طور هن بل تي ڪو اعتراض ڪونهي. سندس پاران اٿاريل اعتراض (پوائنٽ آف آرڊر) بلڪل بي ڍنگو ۽ اجايو هو. آئون انهي بابت ڪجهه وضاحت ڪرڻ ٿو گهران. هن چيو ته ڪيس چنچر ڏينهن هن بل جو نقل هٿو هٿ مليو. ان ڪانپوءِ انهي بل کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ وٽس چنچر جواڏ ڏينهن ۽ آچر وارو سڄو ڏينهن هو. هو هڪ قانوندان ۽ تجربيڪار ماڻهو آهي ۽ مونکان اڳ ۾ هن کاتي جو وزير رهي چڪو آهي. کاتو هلائيندي ڪيس هنن ڪاڳر پٽن ۽ ٻين شين جي پلي پت جاڻ آهي. معزز قائد ايوان وضاحت ڪري چڪو آهي ته ڪيس هيءَ بل اسيمبليءَ مان تڪڙو منظور ڪرائڻ جي نيت ڪونهي. آئون هن صوبي جي عوام، چاهي اهي هندو هجن يا مسلمان. يا اجا ٿين ٻي ڪا ڌر هجي، کي هر ممڪن موقعو ڏيڻ گهران ٿو ۽ گڏوگڏ مخالف ڌر کي به پنهنجي خيالن جي اظهار جو ڀرپور موقعو ڏيڻ ٿو چاهيان. اهو چوڻ ته هن قسم جي قانونسازي مت ڀيد تي ٻڌل آهي ۽ اها هڪ طبقاتي قانونسازي آهي جنهن جو مقصد رڳو هڪ ڌر کي فائدو پڄائڻ آهي، اهو بلڪل غلط ۽ حقيقت جي اُبتڙ آهي. يقينن معزز ميمبر (نهچلداس) هيءَ فائيل نظرن مان ڪڍيو هوندو جنهن وقت پاڻ روينيو وزير هو. اهو پڙهندي ڪيس انهن ڏکيائين جو اندازو ٿيو هوندو جيڪي هن بل بابت بمبئي سرڪار ۽ ڪائونسل ميمبرن وچ ۾ مختلف وقتن تي ٿيندڙ لکپڙهه ۾ مختلف انڪوائرين سبب آڏو آيون. هيءَ هڪ ٻنهه اهميت جوڳو قانون آهي ۽ آئون سمجهان ٿو سائين ته صوبي جا آبادگار گهٽ ۾ گهٽ 15 يا 16 سالن کان هن قسم جي قانونسازيءَ لاءِ بيتاب رهيا آهن جيڪا سندن تحفظ جي ضامن آهي. اهو هڪ الميو آهي ته سنڌ کي بمبئيءَ سان ڳنڍيو ويو.

اسپيڪر: معزز وزير صاحب کي هاڻي بل جي خوبين جي وضاحت جي ضرورت ڪانهي. آئون چاهيان ٿو ته ڀيرين هن پوائنٽ آف آرڊر کي ختم ڪيو وڃي. ان ڪانپوءِ آئون ڪيس اجازت ڏيندس ته هو بل بابت پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي.

خانبهادر محمد ايوب کهڙو:

جيستائين هن پوائنٽ آف آرڊر جو سوال آهي ته آئون چئي چڪو آهيان ته اهو اڻ لاڳاپيل ۽ اجايو آهي. اسيمبلي قاعدن جو رول نمبر: 62 انهي بابت ٻنهه چٽو آهي،

جنهن ۾ تن ڏينهن جي نوٽيس جو چيل آهي. مخالف ڌر ميمبر پاڻ مڃي چڪو آهي ته ڪيس بل جو نقل ڇنڇر ڏينهن صبح جو مليو ۽ اسان اڄ سومر جي منجهند جو بل جي شروعاتي پڙهڻي بابت ڪارروائي هلائي رهيا آهيون. اڃا به ڪيس يا ايوان کي ڪا خاطري ڪرجي ته آئون انهيءَ لاءِ تيار آهيان. هن بل ۾ ڪجهه ترميمون به آنديون ويون آهن. معزز ميمبر جي ايم سيد ڪجهه خاص ترميمون ڏنيون آهن جيڪي بنهه اهميت جوڳيون آهن ۽ اهي هن بل ۾ شامل ڪيون ويون آهن. ان ڪانسواءِ معزز ميمبر ڏيئل مل پاران به ترميمون آيل آهن، جيڪي پڻ هن بل جو حصو ٿي سگهن ٿيون. آئون ايوان کي اها خاطري ڪرايان ٿو ته آئون هنن ترميمن کي بحث لاءِ چونڊ ڪاميٽيءَ ۾ رکڻ کان نه روڪيندس. ماضيءَ ۾ بلن ۾ ترميمن کي غور واسطي چونڊ ڪاميٽيءَ ۾ موڪلڻ جا ڪئين مثال موجود آهن. هيءَ هڪ اهم قانون آهي ۽ اسان اهو پنجاب ۾ متعارف ٿيڻ کان لڳ ڀڳ 43 سالن ڪانپوءِ هتي آڻي رهيا آهيون. تنهن ڪري آئون ڪنهن ڌر يا فرد کي چُپ ڪرائڻ نٿو چاهيان. سڀني طبقن کي پنهنجي خيالن جي اظهار ۽ لکت ۾ بيان جو ڪليل نموني ڀرپور موقعو ملڻ گهرجي. پڇاڙيءَ ۾ اسان هڪ نمائنده چونڊ ڪاميٽي مقرر ڪنداسين جنهن اڳيان بل ۾ ٿيندڙ سڀني ترميمن تي بحث ڪيو ويندو. سڌي ڳالهه اها آهي ته جنهن نموني هيءَ قانون پيش ڪيو ويو هو ان مان آئون مطمئن نه هئس. لفظ ”ايگريڪلچرسٽ“ جي جيئن وصف ڪئي ويئي، انهيءَ بابت مون کي پنهنجا گمان هئا. ان کان سواءِ ڪجهه ٻيون شيون به هيون جيڪي بحث جون گهرجائو هيون. ان ڪري آئون ايوان آڏو مڪمل نقشو آڻڻ چاهيان ٿو ته جيئن چونڊ ڪاميٽيءَ ۾ چٽو بحث ٿي سگهي. سڀ کان اڳ عوامي راءِ لاءِ بل کي سرڪيوليٽ ڪرڻ جي رٿ آندي ويندي. ان ڪانپوءِ ٻن مهينن ڪانپوءِ چونڊ ڪاميٽيءَ لاءِ رٿ آڻبي.

اسپيڪر: ٺيڪ آهي، هاڻي معزز وزير صاحب بل جي پهرين پڙهڻي بابت شروعات ڪري ۽ ان جي منظوريءَ ڪانپوءِ ڪيس عوامي راءِ لاءِ بل کي سرڪيوليٽ ڪرڻ جي رٿ آڻڻ گهرجي.

خانبهادر محمد ايوب کهڙو: پهرين پڙهڻيءَ جي منظوريءَ ڪانپوءِ آئون هڪ رٿ آڻيندس، جيئن اڄ هڪ ٻئي بل واري مامري ۾ ڪيو اٿم. ته جيئن اهو عوامي راءِ جاڻڻ لاءِ سرڪيوليٽ ٿي سگهي. ان ڪانپوءِ اجلاس ملتوي ٿي سگهي ٿو پوءِ اسان ٻه مهينا گذرڻ بعد هن بل کي ايوان ۾ آڻينداسين.

نهچلداس وزيراڻي: آئون معزز وزير صاحب جي ڳالهه صحيح نموني سمجهي نه سگهيس جڏهن هن بل جي نڪتن بابت پئي ڳالهايو. البت هن مون کي وڏيڪ شڪ ۾ وجهي ڇڏيو. هڪ خيال اهو به آهي ته ڇا بل جي دائره ڪار يا ان جي وڌيڪ سڌاري بابت ڪنهن به ترميم لاءِ رٿ آڻي سگهجي ٿي؟ جيئن محترم وزير صاحب چيو ته هو لفظ ”ايگريڪلچرسٽ“ جي وصف مان مطمئن ڪونهي، ته ڇا اهو ممڪن آهي ته محترم وزير صاحب جي اطمينان لاءِ انهي لفظ ۾ اهڙي تبديلي ڪئي وڃي جو انهيءَ جي حيثيت اڃا به مشڪوڪ ٿي وڃي. سڀ کان اڳ انهيءَ کي چٽو ڪيو وڃي. هن بل ۾ وڌل تاريخ 1937ع آهي جنهن مطابق 1937ع کان زمين جو قبضو رکندڙ کي آبادگار يا زميندار جي نالي سان سڏيو ويندو. فرض ڪجي ته جيڪڏهن ڪير به هڪ اهڙي ترميم آڻي جنهن ۾ چوي ته تاريخ 1901ع واري هجي، ته پوءِ ڇا بل جو دائره ڪار وڌائي سگهجي ٿو؟ مون کي سمجهڻ لاءِ جيڪو اصل بل ڏنو ويو انهيءَ ۾ سال 1901ع جا ڏاڪا هو توهان کي ڪجهه ٻيو ڏيکاريو ويو آهي. هڪ ترميم آندي ويئي آهي جنهن ۾ لفظ ”ايگريڪلچرسٽ“ جي وضاحت شامل آهي ته ڇا هو زميندار جيان زمين جو قبضو رکي ٿو يا نه؟ يا ڇا سندس بنيادي ۽ اهم ڪرت زميندار آهي يا نه؟ ڇا اهڙي قسم جي ترميم آڻي سگهجي ٿي؟ آئون محترم روينيو وزير جي بيان مان مطمئن ناهيان.

پير الاهي بخش: ڇا هي ٻيو پوائنٽ آف آرڊر آهي؟

خانبهادر محمد ايوب کهڙو: آئون معزز ميمبر پاران آڏي پڇا ۾ وجهڻ نٿو چاهيان.

نهچلداس وزيراڻي: توهان پلي آڏي پڇا ۾ نه وجو. آئون معزز اسپيڪر اڳيان بيان رڪارڊ ڪرائي رهيو آهيان. اهو مٿس ڇڏيل آهي ته هو مون کي ٻڌي ٿو يا نه. محترم روينيو وزير پلي اهو چوي ته آئون هن قسم جي قانون مان مطمئن ناهيان. پر آئون اڳتي وڌڻ ۽ بل جي دائره ڪار کي وڌائڻ گهران ٿو. ڇا اهو سندس رايو آهي ته بنا ڪنهن نوٽيس جي بل متعارف ڪرائڻ گهرجي ۽ چونڊ ڪاميٽيءَ ۾ موڪلڻ گهرجي؟ اسان کي خطرو آهي ته ايئن ڪرڻ سان بل اڃا ئين بدتر بڻجي ويندو.

(هلندڙ)

# ٻولين جي اهميت ۽ ذميواريون

رياض حسين مسڻ

ٻولين جي اهميت کان انڪار ان ڪري بہ ناهي جو هر ثقافت هر ڪلچر هر طبقو پنهنجي پنهنجي ٻولي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. جيڪو ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائيندو اهو ئي سڃاڻيندو يا ان مان خبر پوندي تہ هي ڪير آ. ان ڪري پنهنجي ٻولي کي پروموٽ ڪرڻ ۽ پنهنجي ٻولي کي اهميت ڏيڻ پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ معني پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ آ. جيڪو جيڪا ٻولي ڳالهائيندو اهو ان جو مالڪ سڏبو. جنهن ماءُ جي جهولي ۾ هو پليو نپنيو جنهن ماءُ جو هن کير پيتو پوءِ لازم آ تہ اهو پهريائين پنهنجي ماءُ واري ٻولي ڳالهائي، ان ۾ لکي، پڙهي، جي نہ تہ پوءِ ماڻهو پنهنجي ٻولي ڳالهائيندو يا پنهنجي ٻولي کي عزت نہ ڏيندو تہ پوءِ ڪير ڏيندو” معني پنهنجي ٻولي کي اهو ئي پروموٽ ڪندو جيڪو ڳالهائيندو ٻي صورت ۾ اهي ٻوليون مرنديون وينديون جن جي ڳالهائڻ وارا نہ هوندا. چاڪاڻ تہ جيستائين ٻولي ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ وارا زنده آهن تيستائين انهن جي ٻولي زنده آهي پر جي ٻولي ڳالهائڻ وارو هڪ ئي زنده آهي ۽ ان جي ٻولي سمجهڻ وارو يا ٻڌڻ وارو يا جواب ڏيڻ وارو ڪير ڪونهي تو پوءِ اها ٻولي مري ٿي وڃي. دنيا ۾ 6500 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون پر انهن مان 3982 ٻوليون اهڙيون آهن جن کي پنهنجا اسڪرپٽ آهن يا اهي ٻين ٻولين جي اسڪرپٽ ۾ لکيون ۽ پڙهيون وڃن ٿيون جيئن سنڌي ٻولي عربي رسم الخط ۾ لکي وڃي ٿي يا اردو فارسي لپي ۾ لکي وڃي ٿي، پر پاڪستان ۾ 74 ٻوليون اهڙيون آهن جيڪي ديسي آهن ۽ اهي لکيون ۽ پڙهيون وڃن ٿيون جن مان 66 ديسي آهن ۽ 8 ٻوليون اهڙيون آهن جيڪي ٻاهريون آهن جن جون لپيون ۽ گروپ هتان جا ناهن. مثال سنسڪرت ٻولي جي گروپ ۾ هندوستان جون تقريبن ٻوليون اچن ٿيون وري پشتو ۽ بلوچي سنسڪرت جي گروپ ۾ نہ ٿي اچي پر انهن ٻولين کي ڪهڙي بہ لپي ۾ لکي پڙهي سگهجي ٿو. اسان وٽ فارسي لپي اهڙي آهي جنهن ۾ پنجاب جي مٿئين علائقن جي ٻولين کي لکيو يا پڙهيو وڃي ٿو. اهڙي طرح پشتو يا هندڪو بلتي يا گلگتي اهڙيون ٻوليون آهن جن جا





سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ وزيراعليٰ هائوس ۾ ڪرسمس جي موقع تي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو گورنر ڪامران ٽسوري ۽ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ مزار قائد تي ميڊيا سان ڳالھ ٻولھ ڪندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ دفاع وارو وفاقي وزير خواجا آصف پنهنجي لاڳاپيل ٽيم سان
ڪانفرنس رومز ۾ ملاقات دوران توانائيءَ جي تحفظ بابت اپائن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيا آهن.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزيراعليٰ هائوس ۾ عطاءُ الله چانڊيو کي ڊي آءِ جي آف پوليس، BPS-20 جو رينڪ پارائيندي.



اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ کاتي جو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ
پاڪستان جي پهرين اليڪٽرڪ بس سروس جي ڪراچيءَ ۾ پهرين روٽ جو افتتاح ڪندي،
ساڻس گڏ صوبائي وزير سعيد غني ۽ سيد ناصر حسين شاه پڻ موجود آهن.



اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ کاتي جو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ
پاڪستان جي پهرين اليڪٽرڪ بس سروس جي ڪراچيءَ ۾ پهرين روٽ جو افتتاح ڪرڻ بعد بس ۾ سفر ڪندي،
ساڻس گڏ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاه پڻ موجود آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه منڇر ڍنڍ جي هڪ ڳوٺ ۾ ٻوڏ سبب متاثر ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو آهي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه هاڪس بي ڪراچيءَ ۾ ڪي اليڪٽرڪ جي 500 ڪي وي KANUPP انٽرچينج گرڊ جو
پيڙهه جو پٿر رکڻ جي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي.

نصابي ڪتاب ناهن.

اسان وٽ هاڻي سرڪاري ٻولي تہ انگريزي آ معني جيڪي بہ ليٽر، خط ۽ ڪتاب يا لک پڙهہ ٿئي ٿي اها تہ انگريزي آ، اردو بہ ان سان گڏ شامل آهي. ڊاڪٽر عبدالسلام (جنهن کي فزڪس ۾ نوبل انعام مليو هو) تنهن تڏهن اها گهر ڪئي هئي تہ پنجابي کي تدريسي زبان بڻايو وڃي ڇو تہ 38 سيڪڙو ٻولي ڳالهائڻ وارا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجن ٻارن کي تہ پنهنجي مادري ٻولي ۾ تعليم ڏين. ڇو تہ اردو ڳالهائڻ وارا سڄي ملڪ جو 7 سيڪڙو بہ ناهن. اهو بہ وقت هيو جڏهن پنجابي ٻولي جا جڳ مشهور شاعر بہ هيا پر آزاديءَ کانپوءِ جيڪي بہ پنجابي شاعر اڀريا انهن پنهنجي ٻولي ۾ شاعري نہ ڪئي ۽ نہ ئي پنهنجي ٻولي ۾ پڙهائڻ تي زور رکيو. ان جاءِ تي اسان جي ماڻهن پاڻ ملهايو آ جو اسان جا وڏا شاعر پنهنجي ٻولي ۾ شاعري ڪندا رهيا انهن ڏاري ٻولي ۾ شاعري نہ ڪئي اسان وٽ سچل سرمست جو مثال اهڙو آ جنهن کي هفت زبان وارو شاعر سڏجي ٿو باقي اهڙا شاعر گهٽ آهن يا بنہ نہ هوندا جن پنهنجي ٻولي کي ڇڏي ڏاري ٻولي ۾ شاعري ڪري پذيرائي حاصل ڪئي هجي، ساڳي ڳالهہ اسان وٽ درسي ڪتابن جي بہ آهي تہ اسان وٽ ٻولي جو ضابطي لاءِ بورڊ بہ آهي ۽ اسان وٽ يونيورسٽين ۾ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ بہ پنهنجي ٻولي ۾ آ.

ٻولي جي جاڳرتا واري ڏينهن هزارين لکين ماڻهن روڊن تي نڪري ان ڳالهہ جو ثبوت ڏنو تہ اهي پنهنجي ٻولي سان پيار ڪن ٿا، خاص اسان جي ملڪ ۾ جتي آزادي کان پهرين اسان جا قومي شاعر ٿي گذريا آهن جن ۾ پشتو جا مشهور شاعر خوشحال خان خٽڪ (1613 کان 1689) نازو ٽوڪي (عورت شاعر، 1651 کان 1717) رحمان بابا 1653 کان 1711) وري ڪجهہ ٻيا شاعر جيڪي پڻ انهن دورن جا همعصر شاعر ٿي گذريا آهن عبدالحامد بابا (1732)، حسين هوتڪ (1738) ۽ افضل خان خٽڪ (1770)، ائين ئي پنجابي ٻولي جا مشهور شاعر جيئن وارث شاهہ (1722 کان 1798) بلي شاهہ (1680 کان 1757) وغيره وغيره، پر ڳالهہ رڳو شاعرن جي ناهي پر اهي اهڙا ماڻهو هيا جن پنهنجي ٻوليءَ ۾ شاعري ۽ نثر وسيلي علم ادب جي خزاني سان مالا مال ڪري ٻولي ۽ قوم کي زنده رکيو. ساڳي جاڳرتا هاڻي انهن خطن ۾ بہ ڏسڻ ۾ ٿي اچي جيڪي پنهنجي ٻولي کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڏينهن رات جدوجهد ڪن ٿا پيا، جيڪي پنهنجي ٻولي کي تياڳڻ کان هاڻي پرهيز ٿا ڪن.

1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 251 تحت هر صوبو پابند هيو (۽ آهي) تہ اهي پنهنجي ٻولي کي قومي قرار ڏيندا جنهن تي ڪجهہ ماڻهن کي وڏي چڙ لڳي هئي جو چئي وينا هئا تہ "اردو ڪا جنازا هي ذرا دهوم سي نڪلي" پر ان ڳالهہ تي اسان تہ اجان تائين زور لايون وينا آهيون تہ اسان جي ٻولي قومي ٻولي ٿئي (۽ آهي) پر ٻين صوبن جي ٻولين کي پڻ قومي ٻولين جو درجو ملڻ گهرجي ۽ انهن کي واڌ ويجهہ ملڻ گهرجي. هتي اسڪرپٽ سان فرق نہ ٿو پوي پر هر ٻولي جي پنهنجي ساخت آ





جيڪا متاثر نہ ٿي ٿئي بنيادي طور جيڪي بہ رسم الخط هجن ٿيون اهي ئي ٻولين جي سڃاڻپ بڻجن ٿيون. جيئن اسان عربي لپي ۾ لکون پڙهون، اسان وٽ ڪمپيوٽر جي ونڊوز بہ سنڌي ۾ آ، معني 2008 ۾ ڪمپيوٽر جي ٻولي بہ سنڌي ڏني وئي اسان تہ اخبارون، ٽي وي چينل، ريڊيو جا چينل بين الاقوامي رابطا تنظيمون ۽ جيڪا بہ لهوچڙ رکون سا تہ پنهنجي ٻولي ۾ رکون. ان سان گڏ بين الاقوامي سطح جي علمن پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي انگريزي ۽ ٻيون ٻوليون سکڻ گهرجن.

# رابندرناٿ ٽئگور ۽ شانتي نڪيتن

هدايت الله سومرو

بنگالي زبان جي عظيم شاعر، فلسفي ۽ تعليمدان رابندرناٿ ٽئگور 7 مئي 1861ع تي ڪلڪتي (هندوستان) ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ ديوندر ناٿ ٽئگور، برهمو سماج جي ٻن ڏڙن مان هڪ ڌڙي جو رهنما هو. لفظ 'ٽئگور'، ٺاڪر جي بگڙيل صورت آهي. ٽئگور جو تعلق جيتوڻيڪ برهمڻ ڪٽنب سانهو پر سندس خاندان وٽ علم ۽ دانش جي هڪ ڊگهي روايت موجود رهي آهي. کيس گهرو ماحول ئي اهڙو مليو، جنهن ۾ هن جو ذهن اعليٰ قدرن واري سماج ڏانهن راغب ٿيو ۽ سندس سوچ اعليٰ شعور جي روپ ۾ اُسري. مغربي دنيا ۾ ٽئگور فلسفيءَ کان وڌيڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. ٽئگور بنگالي ادب ۾ ڪلاسيڪي سنسڪرت بجاءِ عوامي ٻولي بنگاليءَ جو استعمال ڪيو ۽ هندستاني معاشري جي ڪن خاص پهلوئن کي مغرب سان متعارف ڪرايو. ٽئگور جو فڪر مذهب ۽ فلسفي جي ميلاپ مان وجود ۾ آيل آهي. سندس ادبي سرمائي ۾ شاعريءَ جو وڏو حصو آهي، جيڪو لڳ ڀڳ ٻن هزارن کان مٿي گيتن تي مشتمل آهي ۽ سندس گيتن کي بنگالي ادب ۾ خاص مرتبو ڏنو ويو ۽ انهن گيتن کي 'رابندر سنگيت' جو نالو ڏنو ويو. هن ناول، افسانا، سفرناما، ڊراما ۽ ٻيا ڪوڙ مضمون پڻ لکيا آهن. رابندر ناٿ ٽئگور جو ڏاڏو دوارڪا عربي ۽ فارسي دانيءَ ۾ پنهنجي وقت ۾ ڏاڍو مشهور هو. سندس خاندان ۾ سنسڪرت ۾ لکيل قديم ڌرمي ڪتابن سان گڏ اسلامي روايتن ۽ فارسي ادب سان گهري دلچسپي قائم رهندي آئي. اهوئي سبب آهي، جو ٽئگور جي لکڻين ۾ نندي کنڊ جي مختلف ڌرمن ۽ تمدني روايتن جون جهلڪيون چٽيون نظر اچن ٿيون. سندس نثر ۾ سماجي سوالَ، سياسي خيال ۽ تعليمي تصورن سان گڏ عالمي ڀائيچاري جي جهلڪ ملي ٿي، جڏهن ته سندس شاعريءَ ۾ مذهب ۽ روحانيت سان گڏوگڏ فطرت ۽ زندگي جي سُرور جو عڪس موجود آهي. سندس شاعريءَ جون جڙون حب الوطني ۽ عالمي ڀائيچاري ۾ کتل نظر اچن ٿيون. ادبي تاريخ ۾ ٽئگور جي اهميت جو اندازو ان حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو ته هندوستان ۽ بنگلاديش ٻنهي ملڪن سندس گيتن کي پنهنجي قومي تراني ۾ شامل ڪيو آهي. کيس 1913ع ۾ سندس شاعري جي ڪتاب "گيتانجلي" جي انگريزي ترجمي تي نوبل انعام ڏنو ويو هو. هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو پاڻ ڪيو هئائين. سندس ڪارنامن ۾ هڪ وشوا ڀارتي (Vishva_ Bharti) يونيورسٽيءَ جو قيام ۽ ٻيو اولهه بنگال ۾ "شانتي نڪيتن" آشرم جو قيام آهي، جيڪو ادب، سنگيت، مصوريءَ ۽ سنگتراشيءَ جي علم جو وڏو مرڪز رهيو آهي. شانتي نڪيتن جهڙي درسگاهه جي قيام ۾ سندس پيءُ جو ساڻس وڏو ساٿ رهيو جو هن پنهنجي



رابندرناٿ ٽئگور

وسيع جاگير مان زرعي زمين جو ڪافي حصو هن اداري لاءِ وقف ڪيو. هن اداري جي شاگردن مان 1922ع جي آسڪر اوارڊ يافته فلم ساز ستيه جيت راءِ 1998ع ۾ نوبل انعام حاصل ڪندڙ امرتا سين ۽ اڳوڻي هندوستاني وزيراعظم اندرا گانڌيءَ کان سواءِ سنڌ جو مشهور سياستدان ۽ دانشور سوبو گيانچنداڻي شامل آهن. 1913ع ۾ نوبل انعام ۽ 1915ع ۾ ڪيس "سر" جو خطاب مليو. جيڪو هن 1919ع ۾ جليانوالا قتل عام تي احتجاج طور انگريزن کي موٽائي ڏنو. سندس ڪتابن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي. جنهن مان ڪي ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا: ڪبي ڪهني (1878) (2) سنڌيا سنگيت (1882ع)، (3) پربات سنگيت (1883ع)، (4) راجشاهي (1887ع)، (5) راجا اوراني (1889ع)، (6) وسرگان (1890ع)، (7) مناسي (نظم: 1890ع)، (8) چترن لگدا (ڊراما: 1892ع)، (9) يورپ جاتر ڊائري (1891_93ع)، (10) والميڪي پرتيا (1893)، (11) سونارتاري شاعري 1894ع)، (12) ڪٿا (1900ع)، (13) ڪلپنا (1900ع)، (14) نئه وديا (1901ع)، (15) نشتنير (تتل آڪيرو_1901ع)، (16) شرڻ (1902ع)، (17) چوچر بالي (اک سور: 1905ع)، (18) گورا (ناول: 09_1907ع)، (19) گال پگوچا (ڪهاڻيون: 1912ع)، (20) چناپترا (1912ع)، (21) گيتانجلي (نثري نظم: 1912ع)، (22) جبان سمرتي (1912ع)، (23) ڊاڪ گهر (1912ع)، (24) The Crescent Moon (1913)، (25) Glimpses of Bengali Life (1913)، (26) The Hungry stones and other stories (1913)، (27) چترا (1914ع)، (28) سڏنا (1914ع)، (29) چترنگا (1916ع)، (30) Stories from Tagore، (31) جپان جاتري (1919ع)، (32) Greater India (1921)، (33) Letters from Abroad (1924)، (34) Broken ties & other stories (1925)، (35) Rabindranath Tagore: 22 poems (1925)، (36) ناتر پوجا (1926ع)، (37) Letters to a friend (1928)، (38) شيشر ڪويتا (1929ع)، (39) جاتري (1929ع)، (40) ياگا يوگ (1929ع)، (41) The religion of man (1940)، (42) Mahatmahi and Depressed Humanity (1932)، (43) The Golden Boat (1932)، (44) چار اڌيايه (1934ع)، (45) شيش سپتڪ (1935ع)، (46) پترا پُوٽ (1936ع)، (47) Collected Poems and Plays (1936)، (48) سيمجوتي (1938ع)، (49) پرانتڪ (1938ع)، (50) سياما (1939ع)، (51) آڪاس پرديپ (1939ع)، (52) نباجاتڪ (1940ع)، (53) جنم دني (1941ع)، (54) Last Poems (1941)، (55) Crisis in Civilization (1950)، (56) More Stories form Tagore (1951)، (57) A Tagores' Tastement (1955)، (58) Wings of Death (1960)، (59) On Art and Aesthetics (1961)، (60) رابندر رچنا بلي (27 جلد: 37_1934ع)، (61) Rabindranath Tagore: Selected Poems (1985)، (62) Rabindranath Tagore Selecte Short Stories (1991). رابندرناٿ جو سمورو شعري ذخيرو، ڪيترا ناول ۽ ڪهاڻيون ورهاڱي کان اڳ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪيون هيون. ٽئگور جا شعري مجموعا "گيتانجلي" ۽ "پريت جا گيت" منگهارام ملڪاڻيءَ جهڙي ناميارى اديب منظوم سنڌي ترجمو ڪيا هئا، جيڪي 41_1940ع ۾ ڇپيا. سندس ڪيترا ناول جن ۾ 'گورا' ۽ 'اک' سور شامل آهن، نه رڳو ورهاڱي کان اڳ پر پوءِ به سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپيا آهن. 'اک سور' ته ساهتيه اڪادمي دهليءَ ڇپايو آهي. سنڌيءَ جي وڏي شاعر ڪشنچند بيوس ٽئگور جي شاعريءَ جي اڀياس لاءِ انگريزي سِکي ۽ ڪيترن سالن تائين لاڙڪاڻي ۾ ٽئگور ڪلاس هلايا. ٽئگور جي شعر ۽ نثر جو سنڌي ادب تي وڏو اثر آهي.

بنگالي ادب جي هزار سالا تاريخ ۾ ٽئگور جهڙو قدآور شخص نظر ڪونه ٿو اچي. سندس گيتن کي اڄ به لکين بنگالي جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن. مارچ 1913ع ۾ گيتانجليءَ جو انگريزي ترجمو لنڊن مان ڇپيو هو. ساڳئي سال جي نومبر ۾ ان کي انعام جو مستحق قرار ڏنو ويو. انهي وچ ۾ ان جا ڏهه ڇاپا ڇپجي چڪا هئا. ٽئگور وٽ ماڻهن جي آزاد زندگيءَ ويچارن کي وڏي اهميت رهي آهي. هن 17 آگسٽ 1941ع تي ڪلڪتي ۾ وفات ڪئي.

ڏٺو وڃي ته ٽئگور جو سڀ کان وڏو ڪارنامو "شانتي نڪيتن" تعليمي ادارو قائم ڪرڻ هو جنهن ۾ هن تعليم جو هڪ نئون ۽ منفرد طريقو ۽ نصاب متعارف ڪرايو. جنهن جا اڳتي هلي نهايت بهتر ۽ اثرائتا نتيجا سامهون آيا. ٽئگور پنهنجي تعليمي اداري جو تعارف ڪرائيندي هڪ ڊگهو مضمون لکيو جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

جڏهن منهنجي ڄمار لڳ ڀڳ چاليهه ورهيه هئي ته مون بنگال ۾ هڪ اسڪول شروع ڪيو هو. حقيقت هيءَ آهي ته مون جهڙي ماڻهوءَ مان اِها توقع هرگز نه پئي ڪئي وئي جنهن جي زندگيءَ جو گهڻو حصو لکندي پڙهندي، خاص طور شاعري ڪندي

گذريو هجي. تنهن ڪري ماڻهن جو قدرتي طور تي اهو خيال هو ته هيءَ مڪتب تمام مٿانهين درجي جو ڪٽي نه به هوندو پر جدت سان ضرور سينگاريل هوندو. منهنجو خيال آهي ته هُو شايد منهنجي ناتجربي ڪاريءَ سبب ائين سوچيندا هوندا. گهڻن سببن مان هڪ سبب اهو پڻ آهي جو اڪثر ماڻهو مون ڪان پڇندا آهن ته ڪهڙو خيال ۽ تصور ذهن ۾ رکندي مون پنهنجي اسڪول جو بنياد رکيو؟

اهو سوال مون لاءِ ڏاڍي مونجهاري جو سبب آهي ڇاڪاڻ ته مان انهن سوالن جو رسمي جواب نٿو ڏيئي سگهان. تنهن هوندي به ڪنهن جدت پسند لالچ ۾ اچي جواب ڏيڻ بدران سچائيءَ تي ئي قناعت ڪندس.

سچ ڪان اڳ ته مان هن ڳالهه جو اقرار ٿو ڪريان ته مون لاءِ هن ڳالهه جو جواب ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته منهنجي اسڪول جو بنياد ڪهڙي تصور تي رکيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته تصور ڪو نوس، اٽل يا طئي ٿيل بنياد ڪونهي جنهن تي هڪ عمارت اڏبي آهي، اهو هڪ ٻج وانگر آهي جنهن ڪي آڏو رکي ان جي واڌ ويجهه جي عمل جي نشاندهي نٿي ڪري سگهجي.

مان ڄاڻان ٿو ته هن مڪتب (اسڪول) جي شروعات ڪٿان ٿي. ان جي پويان ڪو جديد تعليمي نظريو ڪارفرما نه هيو پر منهنجي اسڪول جي ڏهاڙن جون يادون هيون.

اسڪولن وارن ڏينهن ۾ منهنجي خوش نه هجڻ جو سبب منهنجي طبيعت يا اسڪول جي ڪا خامي نه هئي البته ائين هيو ته جيڪڏهن مان گهڻو حساس نه هجان ها ته مان دباءَ جو هوريان هوريان عادي بڻجي وڃان ها ۽ يونيورسٽيءَ مان ڊگري وٺڻ تائين جيئن تيئن جيئرو رهان ها. پر اسڪول ته اسڪول ئي هوندا آهن جيتوڻيڪ پنهنجي پنهنجي معيار جي حوالي سان سٺا يا خراب ٿي سگهن ٿا.

ڪير پياڪ ٻار جي غذا لاءِ ماءُ جي ٿڃ جو بندوبست آهي- انهن ٻارن ڪي هڪ ئي وقت ۾ ڪير ۽ ماءُ ٻئي ميسر هوندا آهن. جسم ۽ روح ٻئي ان جي واڌ ويجهه جو پورو بندوبست ڪندا آهن. اها هڪ مجيل سچائي آهي ته انسان جو هن دنيا سان پهريون تعارف ڪنهن سبب اسباب جي ميڪانيڪي اصول پٽاندڙ ناهي پر اهو Personal Love تحت ٿيندو آهي.

اهڙيءَ ريت هن دنيا سان انسان جي سڃاڻپ پڻ سادن لفظن ۾ ان جي پڇاڙيءَ (آخرت) واري حقيقت سان ٿيندي آهي. انسان اهڙي دنيا ۾ پيدا ٿيندو آهي جيڪا سندس خيال ۾ زندگيءَ سان ڀرپور هوندي آهي ۽ جڏهن هو هڪ فرد هجڻ جي حوالي سان پنهنجي ماحول جو ڌيان حاصل ڪندو آهي، ان ڪان پوءِ انسان وڏو ٿيڻ جي عمل ۾ پنهنجي حقيقت جي ذاتي ۽ عميق پاسي ڪي شڪ جي نظر سان ڏسڻ شروع ڪندو آهي. هُو شين جي پيچيدگين ۾ الجهي پوندو آهي، پنهنجي ماحول ڪان پنهنجن مخالف جذبن سبب ڪڏهن ڪڏهن ته ڪٽجي پڻ ويندو آهي پر حقيقت جي هيڪڙائيءَ جو وکرجڻ، ٻاهرين دنيا ۽ ذات وچ ۾ ڇتي جنگ، ڪڏهن به پنهنجو اخروي مقصد ناموافقت جي صورت ۾ نٿي ماٽي سگهي. تنهن ڪري پنهنجي زندگيءَ جو صحيح نتيجو ڳولڻ لاءِ انسان ڪي شڪ جي انڪاري ڪيفيت ڪان موٽي سادي ۽ مڪمل حقيقت ۽ محبت جي اڻٽٽ وحدت واري رشتي ڏانهن موٽڻو پوندو آهي. ان ڪري اسان جي ننڍپڻ ڪي حياتيءَ جو مڪمل ڏڪ (Life's drught) ميسر ٿيڻ گهرجي جنهن جي اسان جي ننڍپڻ ڪي ڪڏهن نه متجندڙ اڃ رهندي آهي. دفتري انتظام خدا جي تخليق جي حوالي سان موزون نه آهن ڇاڪاڻ ته ٻار خدا جي پنهنجي تخليق هوندا آهن.

اسان هن دنيا ڪي قبول ڪرڻ آيا آهيون رڳو ان بابت ڄاڻڻ لاءِ پيدا ناهيون ٿيا. اسان علم سبب سگهارا ته ٿي سگهون ٿا پر اسان جي تڪميل دردمندي ۽ غم خواريءَ سان ٿيندي آهي. سڀ ڪان اعليٰ تعليم اُها ناهي جيڪا اسان ڪي ڄاڻ مهيا ڪري پر اُها آهي جيڪا اسان جي زندگيءَ ڪي سڀني موجودات سان هم آهنگي ڪري، پر اسين ڏسون ٿا ته غم خواريءَ جي اها تعليم اسان جي اسڪولن جي نصاب ۾ نه رڳو نظر انداز ڪئي ويندي آهي پر شدت سان ڇپياتي ويندي آهي- اسان ڪي ننڍپڻ ڪان ئي اهڙين عادتن ۽ طور طريقن جو عادي بنايو ويندو آهي ۽ علم اهڙي طريقي سان مهيا ڪيو ويندو آهي جيڪو اسان جي زندگيءَ ڪي فطرت ڪان ائين ڏور وٺي ويندو آهي جيئن ڪنهن ڪير پياڪ ٻار ڪان ٿڃ ڇڏائي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت شروعات ڪان وٺي اسان جو ذهن ۽ هيءَ دنيا هڪٻئي جي مقابلي ۾ لهي پوندا آهن ۽ هڪٻئي جي مخالفت شروع ڪندا آهن. تنهن ڪري سڀ ڪان اعليٰ تعليم جنهن لاءِ اسان تيار ٿي آيا هئاسين نظرانداز ڪئي ويندي آهي ۽ اسان پنهنجي دنيا وڃائي رڳو ڄاڻ سان ڀريل ٿيلهو ئي حاصل ڪري سگهندا آهيون. اسان ٻار ڪان سندس ڌرتي کسي ڪيس جاگرافي ڏئي ڇڏيندا آهيون. ٻار انساني دنيا ۾ پيدا ٿيندو آهي پر اسان ڪيس پنهنجي جهالت جو ڪفارو ادا ڪرڻ لاءِ ساهه ڪٽندڙ گراموفونز جي دنيا ۾


رابندر ناٿ ٽئگور جو قائم ڪيل تعليمي ادارو شانتي نڪيتن

ڏکي ڇڏيندا آهيون. ٻار جي فطرت ان اوچتي آفت تي پنهنجي پريشانيءَ جي سچي سگهه کي گڏ ڪندي تمام گهڻو احتجاج ڪندي آهي پر ڪيس آخرڪار سزا جي ذريعي ماٺ ڪرائي ويندي آهي.

اسين سڀ ڄاڻون ٿا ته ٻار مٽيءَ سان محبت ڪندا آهن. گلن وانگر سندن ذهن ۽ بدن سج جي ڪرڻن جي پياس محسوس ڪندو آهي، پنهنجي پنهنجي حِسن ذريعي ڪائنات طرفان ڳالهه ٻولهه لاءِ لڳاتار ايندڙ دعوت ڪي هي ٻار ڪڏهن به نڪرائڻ جي موڊ ۾ نه هوندا آهن.

پر بدقسمتيءَ سان ٻارن جا پيءُ ماءُ ٻارن جي مستقبل جي حوالي سان پنهنجي سماجي روايتن جي مِدِنظر پنهنجي عادتن جي بلڪل عجيب دنيا ۾ رهندا آهن. گهڻا ته ائين ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهندا آهن ڇاڪاڻ ته انسان ڪي پنهنجي حالتن ۽ واقعن ۽ سماجي ضرورتن جي حوالي سان ڪنهن نه ڪنهن ميدان ۾ ماهر بڻجڻو هوندو آهي.

پر نندپڻ جو دور اهڙو دور هوندو آهي جڏهن اسان ڪي وڌيڪ آزادي هوندي آهي يا هئڻ گهرجي. سماجي ۽ پيشيور رسمن ۽ رواجن جي ماهرانا ضرورتن جي قيد مان آزادي هجڻ گهرجي.

مونکي تجربيڪار هيڊ ماستر (جيڪو نظم ۽ ضبط جي معاملي ۾ نهايت ڪامياب ۽ مشهور هو) جو واقعو اڃا تائين به ياد آهي جڏهن هُن اسڪول جي هڪ ٻار کي پڙهڻ لاءِ وڻ تي چڙهي ڪنهن مناسب شاخ جي چونڊ ڪندي سخت حيراني ۽ ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو هو. مونکي ان حوالي سان چوڻو پيو ته نندپڻ ئي هڪ اهڙو دور هوندو آهي جڏهن تهذيب يافتا انسان پڙهڻ لاءِ وڻ يا ڊرائنگ روم مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪري سگهي ٿو. ته ڇا مان ٻار کي ان سهولت کان محروم ڪري ڇڏيان ڇاڪاڻ ته مان وڏو آهيان ۽ منهنجي لاءِ اهڙي چونڊ ڪرڻ ناممڪن آهي؟ پر حيران ڪندڙ ڳالهه هيءَ آهي ته اهوئي هيڊ ماستر نباتات جي حوالي سان ساڳئي ٻار جي هينئر تمام گهڻي ساراهه ڪري ٿو. ان ٻار جو فقط وڻ جي بابت ڄاڻ، جيڪا سائنس آهي، سان اتفاق آهي. پر سندس وڻ جي ذاتي تجربي سان اتفاق ناهي. تجربي جي اوسر جبلت جي جوڙجڪ ڪندي آهي جيڪا فطرت جي پنهنجي تعليم جي طريقي جو نتيجو آهي. منهنجي اسڪول جي ٻارن وڻ جي طبعي شڪل بابت فطري علم حاصل ڪيو آهي. ٿورڙو ڇُهڻ سان ڪين خبر پئجي ويندي آهي ته ڪهڙي شاخ تي ڪيئن پير رکڻو آهي. ڪين اُها خبر آهي ته شاخن تي ڪين ڪيتري آزادي ميسر آهي. هُو ڄاڻن ٿا ته مختلف شاخن تي پنهنجي وزن کي ڪيئن ورهائجي ته جيئن هڪ ئي شاخ تي سڄو وزن

نہ پوي، ميوا پٽڻ، آرام ڪرڻ ۽ اٿوٽندڙ ماڻهن کان جان ڇڏائڻ جي معاملي ۾ منهنجي اسڪول جا ٻار وڻ جو ممڪن حد تائين صحيح استعمال ڪن ٿا.

خود منهنجي شهر جي هڪ مهذب گهر ۾ پرورش ٿي ۽ جيستائين منهنجي رويي جو تعلق آهي تہ مان سڄي زندگيءَ ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ تي مجبور رهيو آهيان، جهڙوڪ مان اهڙي دنيا ۾ پيدا ٿيو آهيان جتي ڪو وڻ ئي ڪونهي. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو تہ هي تعليم جو هڪ حصو آهي تہ منهنجي اسڪول جا ٻار پنهنجو پاڻ کي اهڙي نظام ۾ محفوظ ڪن جتي وڻ فقط ڪلوروفل پيدا نہ ٿا ڪن، هوا مان ڪاربن جذب نہ ٿا ڪن پر هُو هڪ زندهہ ۽ نوس حقيقت آهن.

قدرتي طور تي اسان جي پيرن جي تِرين جي بناوت اهڙي آهي جو اُهي زمين تي بيهڻ ۽ هلڻ لاءِ سڀ کان بهتر اوزار آهن. جنهن ڏينهن کان اسان جُتي پائڻ شروع ڪئي آهي، اَسان ان ڏينهن کان پيرن جي مقصد ۾ گهٽتائي ڪئي آهي. اُن جي ذميداريءَ ۾ گهٽتائي ٿيڻ سان سندن عظمت ۾ پُڻ گهٽتائي ٿي آهي ۽ اسان پنهنجا پير جورابن، سليپرن ۽ قيمتي قيمتي ۽ مختلف شڪلين جي جُتين ۾ ويڙهي پنهنجون عادتون خراب ڪري چڪا آهيون. اَسان شايد ائين ڪري خدا سان شڪايت ڪريون ٿا تہ هُن اسان کي ڪُر ڏيڻ بدران ايترا خوبصورت ۽ حساس پير ڇو ڏنا آهن.

مان انسان جي استعمال مان جوتو مڪمل طور ڪيڏڻ نہ ٿو گهران. پر مان اهو چوڻ ۾ بہ هٻڪ محسوس نہ ٿو ڪريان تہ ٻارن جي پيرن جون تِريون قدرت کين مُفت تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ عطا ڪيون آهن اُهي انهن کان نہ کسڻ گهرجن. اَسان جي سيني عضون مان پير زمين کي فقط ڇُهڻ سان ئي ان بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جوڳا هوندا آهن. زمين جي بناوت تمام نرم هوندي آهي. زمين فقط پنهنجي چاهيندڙن يعني پيرن کي چُمڻ جي دعوت ڏي ٿي.

هتي مونکي ٻيهر اهو ٻڌائڻ کپي تہ منهنجي پرورش هڪ معزز گهراڻي ۾ ٿي ۽ ننڍپڻ ۾ منهنجي پيرن کي گپ ڪچري کان بچايو ويو. تنهن ڪري جڏهن بہ مان اسڪول جي ٻارن وانگر پيرين اگهاڙي زمين تي هلندو آهيان تہ پنهنجي پيرن هيٺان اُن کي بي ڪيف محسوس ڪري تمام ڏک ٿيندو آهي. مان هلڻ لاءِ مستقل طور تي ڪنڊن جي چونڊ ڪندو آهيان ۽ پوءِ انهن تي اهڙيءَ ريت هلندو آهيان جن سان کين خوشي ٿئي. منهنجي پيرن ۾ مدافعت ڪونهي. زمين جي سطح ڀلي ڪيتري بہ هموار ڇو نہ هجي پر اُن تي ننڍيون ننڍيون ٽڪريون هونديون آهن جيڪي فقط تعليم يافتہ پيرن جي لاءِ سمجهڻ جوڳيون هونديون آهن. مان سدائين هموار سطحن تي نامعقول ۽ آڏن ٽيڏن رستن کي ڏسي حيران ٿيندو آهيان. هي رستا ڪنهن هڪ فرد جي بدلجندڙ مزاج جو نتيجو نہ هوندا آهن. اِها شئي اجا بہ وڌيڪ حيران ڪندڙ آهي. جيستائين گهٽن ماڻهن جو انهن آڏن ٽيڏن رستن جي حوالي سان ساڳيو عجيب ۽ غريب رويو نہ هجي تيستائين اهڙا ڏکيا رستا نٿا ٺهي سگهن. پر اصل سبب زمين طرفان ايندڙ انهن نرم تجويزن (جن کي اسان جا پير قبول ڪندا آهن.) ۾ لڪل آهي. اُهي ماڻهو جن جي پيرن لاءِ هيءَ ٻولي اجنبي ناهي، بغير ڪنهن رهنمائي يا اشارن جي وڏي تيزيءَ سان پنهنجي پيرن کي زمين جي ان ڪيفيت پٽاندڙ بنائي وٺندا آهن. تنهن ڪري ڪنڊن تي هلڻ باوجود بہ هُو ڪنڊن کان پريشان نہ ٿيندا آهن ۽ تڪليف کان سواءِ ٻجريءَ سان ٺهيل رستي تي پُڻ هلي پوندا آهن. مان ڄاڻان ٿو تہ عملي زندگيءَ ۾ جُتي تہ پاڻئي پوندي، سڙڪون بہ ٺاهيون پونديون ۽ گاڏيون بہ استعمال ٿينديون، پر تعليمي دور ۾ ڇا ٻارن کي اهو موقعو نہ ڏيڻ کپي تہ هُو ڄاڻي سگهن تہ دنيا ڪنهن ڊرائنگ روم وانگر نہ آهي ۽ فطرت پڻ ڪا شئي آهي جنهن کي محسوس ڪرڻ لاءِ وٽن عضوا آهن.

ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ ايتري قدر سادگي جي تعليم ڏئي (جيئن منهنجي اسڪول ۾ آهي) مان غربت جي برڪتن بابت پرچار ڪري رهيو آهيان جيڪا وچين دور ۾ ڇانيل رهي آهي. اُن تي گهٽي بحث لاءِ في الحال منهنجو هيءُ موضوع اجازت نہ ٿو ڏئي پر ڇا اسان کي اهو نہ مڃڻ گهرجي تہ غربت ئي اهو ادارو آهي جتي انسان پنهنجا شروعاتي سبق پڙهيا آهن ۽ جتي سڀ کان سُٺي تربيت حاصل ڪئي آهي؟ ايستائين جو ڪنهن ڪروڙپتيءَ جي ٻار کي پُڻ بيوسي جي ڪيفيت ۾ غريب ئي پيدا ٿيڻو هوندو آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ جو شروعاتي سبق پڙهڻو پوندو آهي. ڪيس پُڻ ڪنهن غريب ٻار وانگر هلڻ سکڻو پوندو آهي حالانڪہ ٽنگن جهڙن عضون کان سواءِ سندس گذارو ٿي سگهي ٿو. غربت زندگيءَ جي ئي وڌيڪ ويجهو هوندي آهي ۽ اميري جي زندگي ڪنهن ٻي شئي جي نمائندهہ زندگي آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي اُها گهٽ حقيقت تي ٻڌل آهي. اميري جي زندگي شايد ڪنهن شخص لاءِ خوشي ۽ وڏائيءَ لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي، تنهن هوندي بہ تعليم لاءِ هيءَ شايد ايتري

فائديمند ناهي. دولت سون جو پيرو آهي جنهن ۾ اميرن جا ٻار ٻناوتي قوتن جي ڪمزوريءَ واري حالت ۾ پرورش وٺندا آهن. تنهن ڪري مون پنهنجي اسڪول ۾ مهانگين عادتن وارن ماڻهن جي ڪاوڙ سبب مون فرنيچر ۽ ٻين شين کي انهن جي قدرتي ۽ عام حالت ۾ ئي رکيو آهي ۽ ان جو سبب غربت ڪونهي، پر اهو آهي ته اهڙي شئي ٻارن جي دنيا جي ذاتي مشاهدي ۽ تجربي لاءِ رهنمائي ڪري ٿي.

منهنجي رٿ آهي ته اڄ جي انسان کي پنهنجي سموري وقت مان ڪجهه وقت قديم انسان جهڙي زندگي گذارڻ لاءِ پُٺ ڪيڻ گهرجي. مهذب ۽ مصروف ماڻهن کي ماءُ جي پيٽ اندر ٻار ۾ ڪنهن قسم جي تبديلي آڻڻ جو موقعو ناهي مليو ماءُ جي پيٽ ۾ جيڪو پهريون درجو آهي، ٻار وٽ واندڪائيءَ سان گذارڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن هوندا آهن. پر جيئن ئي ٻار پيدا ٿيندو آهي ۽ سندس فطرت ٻئي درجي جو تجربو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندي آهي، جيڪا قدرتي زندگي آهي، تهذيب يافتا عادتن ۽ طور طريقن جو سماج مٿس ٺٺي پوندو آهي ۽ ڪائنس ڌرتيءَ جون ڪليل ٻانهون، پاڻي ۽ آسمان، سج جي روشني ۽ ڪليل هوا سڀ ڪجهه کسي وٺندو آهي. پهريائين ته ٻار ان جو مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ روڄ راڙو ڪندو آهي، پر هوريان هوريان خدا جي هِن تخليقي ورثي (جيڪو اُن ٻار لاءِ هو) کي وساري ڇڏيندو آهي، ٻار پنهنجا دروازا بند ڪري ڇڏيندو آهي. پردو اڳيان ڪري بي معنيٰ ڪمن ۾ مصروف ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي دنيا ۽ ايستائين جو روح جي عيوض گڏ ڪيل شين تي فخر محسوس ڪرڻ لڳندو آهي.

مهذب دنيا جا رواج ۽ ان سان لاڳاپيل شيون انساني ترقيءَ جي وچين دور ۾ اڃن ٿيون. اُهي شروعات ۽ پڇاڙيءَ ۾ نظر نه ايندڙيون آهن. اُن پاسي جي تمام گهڻي پيچيدگي ۽ قاعدن ضابطن جا پنهنجا فائدا آهن. پر جڏهن اهو پاسو اَٽل ٿي وڃي ۽ اهڙي نظام جي حيثيت اختيار ڪري وڃي جو دونهين، گوڙ ۽ سينگاريل علائقي کان پري انسان جي زندگيءَ ۾ ڪو سرسبز نشان به نه بچي ته پوءِ ٻارن کي تڪليف ڪرڻي پوندي آهي، نوجوانن ۾ دنيا کان بيزاريءَ جا جذبا پيدا ٿيڻ لڳندا آهن ۽ پوڙها ماڻهو سونهن ۽ امن جي دور ۾ به وڏيڪ عمر پوري نه ڪري سگهندا آهن بلڪ جوانيءَ جي بگڙيل شڪل بڻجي رهجي ويندا آهن جتي هُو چتيون لڳل جمار سبب شرمسار ٿيندا آهن. تنهن هوندي به هيءَ ڳالهه واضح آهي ته ٻار جڏهن پيدا ٿيندا آهن ته اُهي هِن گُهٽيل ۽ پردي پوش دنيا لاءِ ڪا به سوديبازي نه ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪين اها سُٽس پئجي وڃي ته پيدا ٿي ڪين اکيون سج جي روشني ۾ کولڻ بدران تعليمي ڊپارٽمينٽ ۾ کوليندا ۽ جيستائين سندن دماغ جي تازگي سندن هٿن ۾ ختم نه ٿي ويندي هُو اُتان کان نه نڪري سگهندا ته پڪ ڄاڻو ته هُو انسانيت جو پيشو اپنائڻ کي ڪڏهن به ترجيح نه ڏيندا. خدا جي بنايل ترتيب ڪڏهن ايتري بي ادب ۽ عجيب ترتيب نه هوندي آهي. ان جي سياڻي سان سدائين هم آهنگي هوندي آهي ۽ سيني شين سان هڪ اٽٽ سلسلو هوندو آهي. تنهن ڪري جيڪا شئي اسڪول جي زماني ۾ منهنجي لاءِ ڏکيائي جو سبب هئي ان جو سبب اُها حقيقت هئي ته اسڪول دنيا جي مڪمل پُٺي کان خالي هو. اُتي سبق ڏيڻ جي هڪ مخصوص ترتيب هئي. اهو فقط انهن ماڻهن لاءِ مناسب يا بهتر ٿي سگهي ٿو جيڪي وڏا آهن، جيڪي ان قسم جي هنڌن جي ضرورت يا اهميت بابت ڄاڻن ٿا ۽ زندگيءَ کان الڳ ٿيڻ جي قيمت ڏئي سِگهڻ چاهين ٿا. پر ٻار زندگيءَ سان محبت ڪندا آهن ۽ اهو سندن پهريون پيار هوندو آهي. ان جا رنگ ۽ چُر پُر سندن مشتاق ڏيان کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا آهن. ڇا اسان سمجهون ٿا ته اسان جي سچي عقلمندي سندن محبت جو انت آڻڻ ۾ آهي؟ ٻار دنيا کي تياڳيندڙ پيدا ناهن ٿيندا ۽ نه ئي علم حاصل ڪرڻ لاءِ خانقاهي نظم ۽ ضبط لاءِ مناسب هوندا آهن. پهريائين ڪين زندگي سان محبت وسيلي علم گڏ ڪرڻ ڏيڻ گهرجي. بعد ۾ هُو پاڻ ئي علم جي حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ٻيهر عقل سليم سان سينگاريل پنهنجي ڀرپور زندگيءَ ۾ موٽي ايندا.

پر معاشرو پنهنجي مخصوص نموني يا ڍانچي جي حوالي سان انسانن جي ذهنن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي تياري ڪيل هوندو آهي. هي تياريون ۽ ترتيب ايتري قدر ڳنڍيل طريقي سان ٺهيل هوندي آهي جو فطرت جي داخلا لاءِ ڪٿان به ڪا جاءِ نه بچندي آهي. جيڪڏهن ڪو شخص هن نظام جي ڪنهن هڪ ترتيب کان آزادي حاصل ڪرڻ گهري يا ايستائين جو ڪنهن وقت پنهنجي روح کي سلامت رکڻ گهري ته سندس لاءِ مختلف ڏنڊن (جرمانن) جو هڪ سلسلو موجود آهي جيڪو پڇاڙي تائين هلندو آهي، تنهن ڪري رائج نظام جي لهر (جيڪا اوهان جي اُبتڙ پاسي کان هلندي آهي) ۾ سچائي محسوس ڪرڻ هڪ شئي آهي ۽ اُن کي عمل ۾ آڻڻ ٻي شئي. انهيءَ ڪري ئي مونکي پنهنجي پُٽ جي تعليم ۾ ڪافي ڏکيائي ٿي ۽

مان ان مسئلي جو ڪو بہ عملي حل نہ ڪڍي سگهيس. سڀ کان پهريائين تہ مان کيس شهري علائقي کان پري ٻهراڙي ۾ وٺي ويس ۽ کيس موجوده دور جي حوالي سان قديم دور جيتري آزاديءَ سان کيڏڻ جي اجازت ڏنم. اُتي ڳوٺ ۾ هڪ درياءُ هو جيڪو خطرناڪ سمجهيو ويندو هو. منهنجو پٽ وڏن جي پريشانين جي رڪاوٽ نہ هئڻ سبب منجهس ترندو هو ۽ ٻيڙي هلائيندو هو. هُو پنهنجو وقت ٻنين ۾، درياءَ جي ڪنارن تي گذاريندو هو ۽ رات جو دير سان گهر ايندو هو. جتي ڪو بہ کائنس پڇندو ڪو نہ هو. وٽس اُهي سڀ سهولتون جيڪي اڄوڪي ماحول ۾ ڇوڪرن لاءِ مناسب ۽ معمول جون سهولتون سمجهيون وڃن ٿيون، نہ هيون.

تعليم جو مقصد سچائي ۾ هيڪڙائي پيدا ڪرڻ آهي. پهريائين پهريائين جڏهن انسان جي زندگي سادي هئي، تڏهن انسان جا مختلف عنصر مڪمل طور تي هم آهنگ هوندا هئا. پر جڏهن کان ذهانت جي جسم ۽ روح کان علحدگي ٿي آهي، اسڪولي تعليم سچو دٻاءُ انسان جي ذهانت ۽ طبعي صورت تي وجهڻ شروع ڪيو آهي، اسان پنهنجو سچو ڌيان ٻارن کي ڄاڻ مهيا ڪرڻ تي ڏيون ٿا. پر اسان اهو نہ ٿا ڄاڻون تہ اُن دٻاءَ سان ذهانت، مادي ۽ روحاني زندگيءَ ۾ ٿيل ورڇ وڌيڪ نمايان ٿي وڃي ٿي. روحاني دنيا تي منهنجو ڀروسو آهي پر ائين ناهي تہ ڪو هن دنيا کان اُها دنيا جُدا آهي. پر اها هن دنيا جي سچائيءَ اندر آهي. هر ساهہ ۾ اسان کي اهو محسوس ڪرڻ کپي تہ اسان خدا ۾ رهون پيا. جيئن تہ اسان هن دنيا ۾ پيدا ٿيا آهيون جيڪا لامحدود اسرارن واري دنيا آهي. اسان هن دنيا ۾ پنهنجي وجود کي فقط اتفاقي ۽ عارضي پيدا ٿيڻ جي حوالي سان قبول نہ ٿا ڪري سگهون جيڪو مادي جي لهر تي لامحدود منزل ڏانهن هلندو پيو وڃي. اسان پنهنجي زندگين کي اهڙا خواب ڏسندڙن وانگر نہ ٿا ٻڌائي سگهون جيڪي سدائين سُتل هوندا آهن. اسان جي نظر ۾ مادي ۽ سگهہ جي تيستائين ڪا بہ معنيٰ نہ هوندي آهي جيستائين اُن جو لاڳاپو لامحدود ذات سان قائم نہ ڪيو وڃي. اُها لامحدود ذات جنهن جي جهلڪ کي اسان ڪنهن حد تائين انسان جي محبت، چڱائي جي عظمت، ٻهادرن جي قرباني ۽ فطرت جي ڪڏهن نہ ڪتندڙ سونهن ۾ ڏٺو آهي. اُها سونهن جيڪا ڪڏهن بہ طبعي پاسو نہ ٿي ٻڌجي سگهي بلڪ شخصيت جو اظهار آهي.

ٻار ان روحاني دنيا جو تجربو جنهن کي اسان ننڍپڻ کان نظرانداز ڪرڻ سبب وڃائي ويهندا آهيون. ڪنهن ديني هدايت بدران ان ۾ رهي ڪري بہ ڪري سگهن ٿا. پر هاڻوڪي دور ۾ اهو ڪيئن ٿئي، هڪ مسئلو آهي. ڇاڪاڻ تہ اڄ ڪلهہ انسان تمام گهڻو مصروف آهي، ان کي ڄاڻڻ لاءِ ايتري واندڪائي ڪو نہ ٿي ملي جو سندس سرگرميون صرف ڇُرپُر آهن ۽ منجهن سچائي نہ هئڻ برابر آهي. کيس اهو ڄاڻڻ لاءِ واندڪائي ڪانهي تہ سندس روح کي اُن جي گهربل دنيا نہ ملي.

اسان وٽ ٻيلن ۾ وسايل ڪالونين جي عظيم استادن جي يادن سان محبت اڄا بہ آهي. جديد دور جي لحاظ کان اُهي جڳهون ڪي خانقاهون يا اسڪول ناهن. اُهي ڪالونيون اهڙن گهرن تي مشتمل هيون جتي ماڻهو خاندانن جي صورت ۾ رهندا هئا ۽ سندن زندگيءَ جو مقصد هن دنيا کي خدا ۾ ڏسڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ کي خدا جي زندگيءَ ۾ محسوس ڪرڻ هو. حالانڪ هُو سماج کان ٻاهر رهندا هئا پر سماج جي نظر ۾ سندن حيثيت اهڙي هئي جيئن سيارن ۾ سج جي، جتان مرڪز کان هُو پنهنجي زندگي ۾ روشني حاصل ڪندو آهي ۽ ٻار اَبدي زندگيءَ جي گهري تصور کي ساڻ ڪري وڏا ٿيندا هئا ۽ تڏهن وڃي کين گهر ٻار ۾ حصو وٺڻ لاءِ مناسب سمجهيو ويندو هو. تنهن ڪري قديم هندستان ۾ جتي زندگي موجود هوندي هئي اُتي ئي مڪتب هوندو هو. اُتي شاگردن جي پالنا، علم ۽ فضل جو ماحول يا خانقاهيت واري اپاهج زندگي بدران زندهہ آس واري ماحول ۾ ڪئي ويندي هئي. هُو جانورن کي چراگاهن ۾ وٺي ويندا هئا، ساڙڻ لاءِ ڪاٺيون گڏ ڪندا هئا، ميوا گڏ ڪندا هئا، سموري مخلوقات سان مهربانيءَ واري روش سان پيش ايندا هئا ۽ پنهنجي استادن جي روحاني نشو نما سان گڏوگڏ پنهنجي روح جي نشو نما ۾ پرورش وٺندا هئا. اهو ٿيڻ ممڪن هو ڇاڪاڻ تہ انهن جڳهين جو بنيادي مقصد فقط پڙهائڻ نہ هو پر انهن ماڻهن کي جيڪي خدا ۾ پنهنجي زندگي گذاريندا هئا، ڇانوَ مهيا ڪرڻ هو. اهو تہ استاد ۽ شاگرد جو روايتي رشتو ناتو فقط رومانوي افسانو ناهي، کيس اسان جي ديسي تعليمي نظام جي باقيات، جنهن پنهنجي آزاديءَ کي صدين تائين قائم رکيو ۽ جيڪو آخرڪار ٻاهرين آفيسر شاهيءَ جي ڪنٽرول سبب مرڻ جي ويجهو آهي، مان ثابت ٿي وڃي ٿو. اُن "چاتوس پتهيز" (جيڪا يونيورسٽي جو سنسڪرت ۾ ترجمو آهي) ۾ هوئڻ ڪنهن اسڪول جو نالو نشان ڪونهي پر هتي شاگرد پنهنجي استاد جي گهر ۾ ڪنهن قسم جي فيس يا معاوضي بدران سندن گهر جي ٻارن

وانگر رهندا آهن. استاد پنهنجي تعليم جاري رکندو آهي. سادگيءَ جي زندگي گذاريندو آهي ۽ ٻارن کي سندن سبقن جي حوالي سان پيشي جي ضرورت بدران پنهنجي زندگيءَ جو حصو سمجهي سندن مدد ڪندو آهي.

پنهنجي استاد سان گڏ مٿانهين آس ورچي تعليم کي اڳتي وڌائيندڙ آئيڊيل سدائين منهنجي ذهن تي ڇانيل رهيو. مستقبل جي محدود پٽي ۾ معذور موقعن جي گندگيءَ مونکي هن آئيڊيل جي تڪميل ڏانهن وڃڻ تي مجبور ڪيو. ٻين ملڪن ۾ اُهي ماڻهو جن کي مادي امڪانن جون لامحدود توقعات سنئيون لڳن ٿيون. پنهنجي تعليم جي مقصد کي انهن تي مرڪوز ڪري سگهن ٿا. سندن زندگيءَ جون حدون گهٽ وڌ ٿينديون رهن ٿيون. ۽ ايتريون ڪشاديون ضرور آهن جو منجهن پنهنجي صلاحيتن ۾ ترقيءَ جي عمل کي جاري رکي سگهن ٿا. پر اسان جي نظر ۾ اُن عزتِ نفس کي قائم رکڻ لاءِ (جنهن لاءِ اسان پنهنجو پاڻ ۾ پنهنجي خالق جا ٿورائتا آهيون) اسان کي پنهنجي تعليم جو مقصد انسان جي مٿانهين مقصد کي نظر ۾ رکندي ترتيب ڏيڻ گهرجي ۽ اهو مقصد مڪمل نشو نما ۽ روح جي آزادي آهي. دولت جي حقير سوڪڙيءَ لاءِ گوڏن ڀر جهڪي هلڻ نهايت ئي افسوسناڪ عمل آهي. اڃو ته اسان ان زندگيءَ تائين رسائي حاصل ڪريون جيڪا موت کان مٿانهين آهي، جيڪا حالتن کان مٿانهين آهي، اڃو ته پنهنجي خدا کي تلاش ڪريون، اڃو ان آخرت واري صداقت ماڻڻ جي ڪوشش ڪريون جيڪا اسان کي گند ڪچري جي قيد کان نجات ڏياري. دولت جيڪا شين بدران اندرين اولڙي ۾ طاقت بدران محبت جهڙي دولت ڪان.

خوشقسمتيءَ سان مون وٽ هڪ اهڙي جاءِ آهي جتي مان پنهنجي ڪم جي شروعات ڪري پئي سگهيس. منهنجي پيءُ پنهنجي هڪ سفر دوران ان ٽڪري جي چونڊ ڪئي هئي جيڪو سندس خيال ۾ خدا ۽ ساڻس راز ۽ نياز لاءِ تمام مناسب جاءِ هئي. هيءَ جاءِ مستقل طور تي انهن ماڻهن لاءِ وقف هئي جيڪي امن جا ڳولائو هئا ۽ جن کي غور ۽ فڪر ۽ عبادت لاءِ گوشه نشيني گهربل هئي. مون سان گڏ 10 ڇوڪرا هئا جڏهن مون هتي بنا ڪنهن تجربي جي هڪ نئين زندگي جي شروعات ڪئي.

اسان جي هن آشرم جي چوڌاري ڳوٺ پکڙيل آهي جنهن جي سرزمين ڏور آسمان سان ملندي نظر اچي ٿي. ڪٿي ڪٿي ڪجين جا ننڍيا وڻ ۽ ڪِولين جي گهرن ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٻرپ ۽ ٻوٽا نظر اچن ٿا. ميداني سطح کان هيٺ ڪيترين ئي شڪلين جا ڳاڙها ۽ ٻين رنگن جا پٿريلا اڻ ڳهٽيا دڙا ۽ مٽيءَ جا ڍگ ۽ پٿڻ آهن جن ۾ برسات جو پاڻي پنهنجو رستو ناهيندو گذرندو ويندو آهي. ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ ويجهو ڪجين جي وڻن جي قطارن مان چمڪندڙ نيرو پاڻي، جيڪو هڪ هنڌ زمين جي سطح هيٺانهين هجڻ ڪري تلاءُ ٻڌيل رهندو آهي، نظر اچي ٿو. ڳوٺ ۾ هڪ ڪچي سڙڪ (جنهن کي ماڻهو مارڪيٽ ڏانهن اچڻ وڃڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن) ٻنين مان ور وڪڙ ڪائيندي گذرندي آهي. ڳوٺ ڏانهن ايندي مسافر پري کان ميدان جي چوٽيءَ تي عبادت گهر جو مُنارو ۽ عمارت جي چوٽي ڏسي وٺن ٿا جيڪا شانتي نڪيتن آشرم جي نشاني آهي. جنهن جي چوڌاري املڪي (Amalaki) وڻن جا جهڳٽا آهن ۽ جنهن ڏانهن ويندڙ سڙڪ جي ٻنهي طرفن کان سال (Sal) وڻ لڳل آهن.

هن هنڌ اسان جو هي اسڪول جنهن وقت جي ڪيترين ئي تبديلين ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتن جو منهن ڏٺو آهي، گذريل 15 سالن کان هلي رهيو آهي. شاعر جي حوالي سان بدنام هجڻ ڪري مونکي ماڻهن جو اعتماد حاصل ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ نوڪر شاهي جي حوالي سان موجود عام شڪن شبهن کي ختم ڪرڻ ۾ وڏي مشڪلات جو منهن ڏسڻو پيو آهي. انهن مسئلن سان منهن ڏيڻ لاءِ مون ڪڏهن انهن کي حل ڪرڻ بابت اُميدون وابستا نه ڪيون آهن ۽ مان ڪنهن همدرديءَ، امداد يا نصيحت کان سواءِ پنهنجي ڪم تي ڄميل رهيو آهيان. منهنجا وسيلا تمام محدود هئا جيڪي خود قرض جي بار هيٺان دٻيل هئا. پر اُن غربت مونکي آزاديءَ جي قوت سان نوازيو ۽ ان قابل بنايو ته مان مادي بدران سچائيءَ کي تسليم ڪريان.

مونکي اجا تائين ياد آهي ته منهنجي پيءُ جي هڪ پُراڻي شاگرد مونکي چيو هو "مان پنهنجي باري ۾ ائين محسوس ڪريان ٿو ته جهڙوڪر مان هڪ اهڙو سينگاريل شادي هال هجان جتي سڀ تياريون مڪمل هجن پر رڳو گهوٽ موجود نه هجي." مون پڻ غلطي ڪئي ته گهوٽ کي پنهنجو مقصد ٻڌائي ورتو. پر هوريان هوريان منهنجي دل کي اُن جو ٽڪاڻو ملي ويو. منهنجي دل جو مرڪز منهنجي ڪم يا منهنجي ڪنهن خواهش ۾ ناهي پر سچائيءَ ۾ هو. مان شانتي نڪيتن جي عمارت تي اڪيلو ويٺي سال (Sal) جي وڻن جي چوٽين ڏانهن ڏسندو رهندو هوس. مون رٿائن ۽ اندازن ۽ روزانو جي ڪوششن ۾ دل لڳائڻ ڇڏي اُن کي خاموشيءَ سان امن ۽ سڪون ۽ آسمان جي اڪيلي موجودگيءَ سان ناتو جوڙي ورتو. اهڙي ريت

منهنجي دل ڏاڪي بہ ڏاڪي معمور ٿيندي وئي. مون روح جي اڪين سان پنهنجي ان چوڏاري پکڙيل دنيا کي ڏسڻ شروع ڪيو. مونکي وڻ خاموش ڌرتيءَ تان گونجندڙ حمد محسوس ٿيا ۽ مونکي لڳو تہ ٻارن جي ٽهڪن جا آواز شام سان ملي انساني زندگيءَ جي گهراين مان زندهہ جاويد وڻن جي آغاز وانگر اُڀري رهيا آهن. مون پنهنجو پيغام سج جي روشنيءَ ۾ حاصل ڪري ورتو جيڪو منهنجي ذهن جي گهرائيءَ تائين وڃي ٿو ۽ مان آسمان کي معمور ڏٺو جيڪو قديم رشي لفظن ۾ مونکي مخاطب ٿي چئي رهيو هو تہ "جيڪڏهن آڪاش سان محبت معمور نہ هجي تہ ڪير آهي جيڪو ٿوري بہ چُرپُر ڪري سگهي، ڪير آهي جيڪو جدوجهد ڪري سگهي ۽ ڪير آهي جيڪو هن دنيا ۾ زندهہ رهي سگهي." تنهن ڪري جڏهن نتيجن جي حاصلات واري جدوجهد جو رستو ڇڏي ٻين کي فيض پهچائڻ واري مقصد کي ڇڏي، مان پنهنجي باطني ضرورتن کي پورو ڪرڻ واري عمل ڏانهن راغب ٿيس، جڏهن مون محسوس ڪيو تہ پنهنجي زندگيءَ کي حقيقت ۽ سچائيءَ جو سرچشمو بنائڻ ئي ڳُل ڪائنات آهي، تڏهن ظاهري ڪوشش جي بيچيني مان مونکي نجات ملي وئي ۽ تخليقي قوت بنا ڪنهن رڪاوٽ جي شين وچ مان پنهنجي راهہ بنائيندي گذري وڃي ٿي.

ڪٿي ٻين کي سيکارڻ، فيض ڏيڻ ۽ خاص طور تي مذهبي حوالي سان خدمت ڪرڻ جي خواهش يا شوق تمام گهڻو هجي، اُتي فقط معمولي ۽ دوکي گاڏڙ نتيجو ئي نڪري ٿو. لڳاتار مذهبي پرچار جي نتيجي ۾ مذهبي عقيدن ۽ عملن ۾ منافقت ۽ خود فريبي جهڙا عنصر پيدا ٿين ٿا. روحاني تڪميل کان پوءِ ڏيڻ ۽ ونڻ هڪ ئي شئي جا ٻہ نالا ٿي وڃن ٿا. جيئن ڏيئي جي روشني پنهنجي حيثيت ۾ اُها ئي هوندي آهي جيڪا ٻين لاءِ هوندي آهي. جڏهن انسان خدا جي تعليم عام ڪرڻ کي پنهنجو پيشو بنائي وٺي ٿو تہ اهو سچائيءَ جي پرچار بدران طوفان اُٿاري ٿو. مذهبي تعليم ڪڏهن بہ سبقن جي صورت ۾ نٿي ڏئي سگهجي. مذهبي تعليم مذهبي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ ٿيندي آهي. تنهن ڪري اُن دور ۾ بہ خدا کي ڳوليندڙن جو روحاني زندگيءَ جي مڪتب طور ٻيلي واري وسندي (Colony Forest) جو تصور صحتمند بنيادن تي قائم آهي. مذهب اسڪول ۾ سبقن جي روزاني يا هفتيوار ورچ وانگر ڪا عددي شئي ناهي جنهن کي ائين خيرات ڪري سگهجي. مذهب اسان جي مڪمل ذات جي سچائي ۽ لامحدود باطني رشتي جي آگاهي آهي. اهو اسان جي زندگيءَ جي ڪشش جو مرڪز آهي. ننڍپڻ ۾ اسان اُن ڪشش جي مرڪز تائين پهچ حاصل ڪري سگهون ٿا جيڪو روحاني دنيا جي سچائي ۽ ضرورتن جي هجوم (جيڪي مصنوعي اهميت رکن ٿيون) جي ڪري گمنام نہ ٿيندو آهي. جتي زندگي سادي هوندي آهي ۽ پرپور واندڪائي، هوا، ڪشادگي ۽ قدرت جي گهري سڪون جي خوبصورت گهيري ۾ گهيريل هوندي آهي. جتي انسان مڪمل ايمان سان اَبدي زندگي گذاريندو آهي.

هندستانين کان سواءِ ٻين ماڻهن لاءِ لفظ آشرم جهنگ ۾ مقدس هنڌ سان لاڳاپيل انجمن کي محسوس ڪرڻ نهايت ڏکيو آهي. آشرم هندستان ۾ روشن آسمان ۽ ستارن جي رمجهول هيٺان هڪ ڪنول جي ڳُل وانگر ٽڙيل آهي. هندستان جي آبهوا اسان لاءِ آزاد ۽ ڪليل هوا جو پيغام ڪٺي آئي آهي، طاقتور ۽ سنجيدهہ درياهن جي نغمن جي زبان ڪٺي آئي آهي. اسان جي گهرن جي چوڌاري ميدانن جي ڪشادگيءَ ۾ پري تائين هڪ خاموش دنيا پکڙيل آهي، جتي سج، سرسبز ۽ شاداب ڌرتيءَ مان نامعلوم ۽ اڻڏٺل شئي خاطر پنهنجي جان جي قرباني پيش ڪرڻ وانگر اُڀرندو آهي ۽ اَبديت کي فطرت جو سلام پيش ڪرڻ جي شاندار تقريب وانگر ڏينهن جي آخر ۾ اولهہ ۾ لهي ويندو آهي. هندستان ۾ وڻن جو ڇاپو تمام مهربان آهي، هِتان جي مِٽي اسان لاءِ پنهنجون خاڪي ٻانهون پکيڙي بيٺل آهي ۽ هِن ديس جي هوا اسان کي پنهنجي محبت جي گرميءَ جو لباس پارائي ٿي. اُهي اڻ تبديل ٿيندڙ حقيقتون آهن جيڪي اسان لاءِ نُڪتا ۽ خيال آهن. تنهن ڪري اسان محسوس ڪريون ٿا تہ دنيا جو روح ۽ انسان جي روح جي وحدت وسيلي مٿانهين هستيءَ ۾ ان سچائي کي محسوس ڪرڻ هندستان لاءِ هڪ مقصد يا مشن جو درجو رکي ٿي. ان مقصد قديم دور جي جهنگ ۾ قائم ان ٻيلي واري درسگاهہ (Forest Schools)جي شڪل ۾ پنهنجي طبعي صورت اختيار ڪئي آهي. ۽ اهو مقصد اسان کان وڏيڪ گهر ڪري ٿو تہ اسان بصيرت تخليقن جي سيني شڪلين ۾ ڳوليون، محبت جي انساني رشتن ۾ ڳوليون، ان هوا ۾ محسوس ڪريون جنهن ۾ اسين ساهہ کڻون ٿا، ان روشنيءَ ۾ ڏسون جنهن ۾ اسان پنهنجون اکيون کوليون ٿا، ان پاڻيءَ ۾ ان جو عڪس تلاش ڪريون جنهن سان اسان وهنجون ٿا، هن ڌرتيءَ ۾ ڳولهيون جنهن ۾ اسان زندگي گذاريون ٿا ۽ پڇاڙيءَ مري وڃون ٿا. تنهن ڪري مان پنهنجي تجربي جي حوالي سان اهو ڄاڻان ٿو تہ پوءِ استاد ۽ شاگرد، جيڪي گڏجي هن آشرم ۾ آيا آهن، ڪنهن

سکيا جي عمل جا ڀاهرين ضابطي بدران اُن اڻ ڏٺل آرزو جي فضا، جيڪا هن آشرم جي چوڌاري پکڙيل آهي ۽ ان روح جي ياد جنهن هن هنڌ خدا سان راز ۽ نياز ڪرڻ ۾ پنهنجو پاڻ وقف ڪري ڇڏيو هو جي ذريعي پنهنجي ذهنن کي آزاد محسوس ڪري رهيا آهيون ۽ اڻکٽ ادراڪ ڏانهن وڌي رهيا آهيون.

مون کي اميد آهي ته مان ڪافي حد تائين ان شئي کي واضح ڪري چڪو آهيان ته آشرم ۾ ان شعوري مقصد (جنهن پٺاندڙ مون هن اسڪول جو بنياد رکيو هو) کي ڪنهن طرح پنهنجي جدا قائم ڪيل سجاڳ وجاڳڻي پئي ۽ ڪنهن طرح اُن هن هنڌ جي مقصد سان ميلاپ ڪيو. يعني هڪ طرح سان منهنجي ڪم ۾ جان ان وقت پئي جڏهن منهنجي مقصد آشرم جي روح سان ميلاپ ڪيو. پر بيشڪ ان روح جي هڪ ڀاهرين شڪل آهي جيڪا اسڪول جو هڪ پاسو آهي. ۽ ان اسڪول جي تدريسي نظام ۾ سالن کان پنهنجي تعليمي نظريي کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندو آيو آهيان جنهن جو بنياد ٻارن جي ذهنن جي حوالي سان منهنجي تجربن تي ٻيٺل آهي. مونکي يقين آهي ۽ جيئن ته مان پهرين به چئي چڪو آهيان ته ٻارن جو تحت الشعور سندن شعوري ذهانت کان گهڻو وڌيڪ تيز ٿيندو آهي. ان شئي جي مدِنظر اسان کي سڀ کان اهم سبق پڙهايا ويا آهن. انهيءَ شئي کي آڏو رکندي اسان کي اڻ ڳڻيل نسلن جا تجربا ذهن نشين ڪرايا ويا آهن جن سان اسان کي ٿڪاوٽ نه بلڪ خوشي ميسر ٿي آهي. علم جي تحت الشعوري صلاحيت اسان جي زندگيءَ سان لاڳاپيل آهي. اُها ان ڏيئي وانگر نه آهي جنهن کي ٻاهران گهڙي ڏاهي روشن رکي سگهجي. پر ان روشني وانگر آهي جنهن جو مالڪ هڪ تاندڙو آهي، جنهن جي روشني پنهنجي زندگيءَ جي عمل ۾ ئي آهي.

مون وٽ زندگيءَ جي شروعات جو اهو ئي هڪ تجربو هو جنهن اسڪول ويندي وقت منهنجي مدد ڪئي. مونکي پڪ هئي ته پڙهائيءَ جي رسمي طريقي بدران سڀ کان اهم ۽ ضروري پنهنجي ثقافت ۾ ساهه کڻڻ آهي. خوشقسمتيءَ سان ستيش چند راءِ (جيڪو هڪ نهايت قابل شاگرد هو ۽ بي اي جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ تياري ڪري رهيو هو) منهنجي اسڪول ۾ غير معمولي دلچسپي ظاهر ڪئي ۽ هُن منهنجي تصور کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي. سندس جمار مشڪل سان 19 سال هئي پر حيرت انگيز شخصيت جو مالڪ هي نوجوان تصورات جي دنيا ۾ رهندو ۽ قدرت ۽ انساني ذهن جي نظر ۾ سونهن سان ڪنا تار هر شئي جي حوالي سان هر وقت هڪ پرجوش رد عمل جو مظاهرو ڪندو هو. هُو هڪ شاعر هو ۽ مان اِها ڳالهه انتهائي پڪ سان چوان ٿو ته جيڪڏهن هُو جيئرو رهي ها ته سندس مرتبو ادب جي دنيا ۾ سدائين زنده رهڻ وارن ماڻهن ۾ ٿئي ها پر اسان جي اسڪول ۾ هڪ سال جي ٿوري عرصي لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ کان پوءِ هُو ٻهن سالن جي جمار ۾ اسان کان وڇڙي ويو. ستيش جي ڪري ڇوڪرا ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي ڪلاس ۾ قيد محسوس نه ڪندا هئا بلڪ هڪ آزادي محسوس ڪندا هئا. بهار جي مند ۾ ڇوڪرا ساڱس گڏ جهنگ ۾ نڪري ويندا هئا جتي سال جا وڻ پوري جوبن ۾ هوندا هئا. ستيش ٻارن کي وڏي جوش ۽ جذبي سان پنهنجي پسند جا گيت پڙهائيندو هو. هُو ٻارن کي شيڪسپيئر جو براؤننگ پڙهي ٻڌائيندو هو جنهن جو هُو تمام گهڻو مداح هو. هُو انهن جو بنگاليءَ ۾ ترجمو ڪري ڇوڪرن کي ٻڌائيندو هو. ستيش جو اسلوب نهايت جاندار هو. هُن ڪڏهن به اهو نه سوچيو ته ڇوڪرا سندس ڳالهه سمجهڻ جي سگهه نه ٿا رکن. هُو ڇوڪرن سان هر ان شئي جي باري ۾ ڳالهائيندو هو ۽ ڪين اُهي شيون پڙهي ٻڌائيندو هو جن سان ڪيس دلچسپي هوندي هئي. هُو بلڪل ضروري نه سمجهندو هو ته ڇوڪرا سندس ڳالهه جو اکر اکر سمجهن پر سندس نظر ۾ ڇوڪرن جي ذهن جو روشن هجڻ سڀ کان اهم شئي هئي. ان شئي ۾ هُو سدائين ڪامياب ويو. هُو ٻين استادن وانگر رڳو ڪتابن کي ٻارن جي دماغ ۾ پيٽڻ بدران تدريسي طريقي کي پنهنجي ذات جو حصو تصور ڪندو هو. ان کي جاندار شئي جو درجو ڏيندو هو جيڪا نهايت آسانيءَ سان ساهه کڻندي انساني فطرت جو جُزو بڻجي ويندي آهي. سندس ڪاميابيءَ جو اصل راز زندگي، تصورات، هر اُها شئي جيڪا سندس چوڌاري هئي ۽ ڇوڪرا جن سان سندس لاڳاپو هو ۾ سندس ڀرپور دلچسپي هئي. سندس تخليقي تحريڪ يا جوش ۽ جذبي جو بنيادي سبب ڪتاب نه پر اُها ڳالهه ٻولهه هئي جيڪا حساس ذهن هن دنيا سان سڌو سنئون ڪندو آهي. مندن جو مٽس اهو ئي اثر پوندو هو جيڪو ٻوٽن تي پوندو آهي، جيڪي قدرت جي انهن اڻ ڏٺل پيغام ڏيندڙ هنڌ ۾ سفر ڪن ٿا، هوا ۾ پرواز ڪن ٿا، آسمان تي چمڪن ٿا، ڌرتيءَ هيٺان گاهه جي پاڙن ۾ گهمن ٿا، انهن کي هُو پنهنجي رت ۾ محسوس ڪندو هو. هُن جنهن ادب جو مطالعو ڪيو هو اهو لائبريري جو ادب نه هو. سندس ڏسڻ جي سگهه ايتري

گهٽي هئي جو هو تصورات کي پنهنجي آڏو نوس حالت ۾ ڏسندو هو. ايتري ئي ڏسڻ جي سگهه سان جنهن سان هُو پنهنجي دوستن جو پاڻ ۾ واضح فرق ۽ زندگيءَ جي لطافتن جي حوالي سان سڃاڻيندو هو.

خوشقسمتيءَ سان اهو ئي سبب هو جو اسان جي اسڪول جي ٻارن کي ڪتابن بدران هڪ زنده استاد کان سکڻ جو موقعو مليو. ڇا ڪتابن اسان جي ضرورتن وانگر اسان جي ۽ دنيا وچ ۾ رڪاوٽون پيدا ناهن ڪيون؟ اسان ذهن جي درين کي انهن صفحن سان بند ڪرڻ جا عادي ٿي ويا آهيون. اسان پنهنجي ذهن جي خول تي ڪتابي پلستر ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري اسان سچائيءَ جو ڇهاءُ نٿا محسوس ڪري سگهون. ڪتابي سچائين جي دنيا هڪ قلعي وانگر آهي جنهن جي گهيري ۾ اسان پناهه وٺي چڪا آهيون ۽ جتي اسان خدا جي مخلوق سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي سخت پريشاني کان بچي پيا آهيون. بيشڪ ڪتابن کي پنهنجي اهميت ۽ افاديت جي لحاظ کان گهٽ خيال ڪرڻ بيوقوفي ٿيندو پر اسان کي اهو پڻ تسليم ڪرڻ کپي ته ڪتاب جون پنهنجون حدون ۽ خطرا هوندا آهن. ڇا به هجي، شروع ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي دور ۾ ٻارن کي سچائيءَ بابت قدرت جي نظام يعني ماڻهن ۽ شين کان سڌو سنئون سکڻ گهرجي.

ان شئي جو قائل ٿيڻ کان پوءِ مان پنهنجا سمورا وسيلا هن آشرم ۾ اهڙي ماحول (جتي تصورات نهي سگهن) پيدا ڪرڻ تي خرچ ڪيا. هتي گيت جوڙيا ويندا آهن جيڪي خاص طور تي ننڍين ذهنن کي نظر ۾ رکندي ترتيب نه ڏنا ويندا آهن. اُهي اهڙا گيت آهن جيڪي شاعر پنهنجي خوشيءَ لاءِ لکندو آهي. حقيقت ۾ مون پنهنجي شعري مجموعي "گيتان جلي" ۾ شامل نغمن جو گهڻو تعداد انهيءَ هنڌ لکيو آهي. اُهي نغما جڏهن پنهنجي هر دم نئين تازگيءَ سان ٻارن آڏو ڳايا ويندا آهن ته ٻار انهن کي سکڻ لاءِ ٽولن جي صورت ۾ گڏ ٿي ويندا آهن. اُهي انهن نغمن کي واندڪائيءَ جي لمحن ۾، ٽولين ۾ ويهي، چانڊوڪيءَ راتين ۾ ٻاهر کليل آسمان هيٺان ۽ جولاءِ جي مهيني ۾ پوندڙ برساتن جي ڇانوَ ۾ جهونگاريندا آهن. ان کان سواءِ مون پنهنجا آخري سڄا ڊراما هتي ئي لکيا آهن جن جي ريهرسل ۾ انهن ٻارن حصو ورتو آهي. هتي مون ٻارن لاءِ مندوار ڏڻن جي حوالي سان گيتن ڀريا ڊراما پڻ لکيا. ٻار هر وقت ان ڪمري (جتي مان اڪثر استادن کي ڪنهن به موضوع جي حوالي سان ڪيل تازي شاعري يا نثر ٻڌائيندو آهيان) ۾ بنا روڪ ٽوڪ جي اچي ويهي سگهندا آهن. تنهن ڪري هُو ايندي ويندي جو ڪجهه سکندا آهن بغير ڪنهن دٻاءَ جي هُو انهن کي جتي چاهيندا آهن اُتي استعمال ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪين اُن ڪمري ۾ اچڻ جي دعوت نه ڏنم، اهو ڊرامو ٻن شامن جي ويهڪ ۾ مڪمل ٿيو پر ٻي شام پڻ ايترائي ٻار ڊرامو ٻڌڻ لاءِ آيا جيترا پهرين ڏينهن آيا هئا. اُهي ماڻهو جن انهن ٻارن کي ڊرامن ۾ اداڪاري ڪندي ڏٺو آهي اُهي سندن صلاحيتن کان تمام گهڻا حيران ٿيا آهن. ان جو سبب هيءُ آهي ته انهن ٻارن ڪنهن ڊرامائي آرٽ جي تربيت حاصل ناهي ڪئي پر فطري طور تي هُو انهن راندين (جن جي هُو اداڪاري ڪندا آهن) جي روح تائين ۾ لهي ويندا آهن. جيتوڻيڪ اهو تماشو رڳو اسڪول جي ٻارن جو ڊرامو ڪونهي، انهن تماشن لاءِ هڪ خاص دردمندي ۽ اڻ لکي سمجهه جي ضرورت هوندي آهي. هڪ ليکڪ جي پنهنجي ڊرامي جي اداڪاري جي حوالي سان سموري بيچيني ۽ تنقيدي حساسيت کي آڏو رکندي مان ڪڏهن به انهن ٻارن مان مايوس نه ٿيس. مان ڪڏهن به پنهنجي استادن کي ڊرامن جي ڪردارن کي پيش ڪرڻ لاءِ انهن ٻارن جي خيالن ۾ دخل اندازي ڪرڻ جي اجازت نه ڏني. اڪثر ائين ٿيندو آهي ته هي ٻار پاڻ ڊراما لکندا آهن يا سڌو سنئون ڪجهه پيش ڪندا آهن جن کي ڏسڻ لاءِ اسان کي سڏيو ويندو آهي. سندن لٽريري ڪلبن جا اجلاس ٿيندا آهن. اسڪول جا ٽي باتصوير رسالا نڪرندا آهن جن مان سڀ کان دلچسپ سڀ کان ننڍين ٻارن جو رسالو آهي. اسان جي اڪثر ٻارن ۾ مصوري ڪرڻ جي تمام گهڻي صلاحيت آهي. اُها صلاحيت پراڻن گنل پينل مثالن جو نقل ڪرڻ بدران انهن جي پنهنجن لاڙن سبب ۽ انهن فنڪارن (جيڪي پنهنجي ڪم سان انهن ٻارن ۾ هڪ جوش پيدا ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان جي اسڪول ۾ ايندا آهن) سببان آهي.

جڏهن مان سڀ کان پهريائين پنهنجي اسڪول جي شروعات ڪئي ته منهنجي ٻارن کي موسيقيءَ سان ڪا به واضح دلچسپي نه هئي. تنهن ڪري مون شروع ۾ اسڪول ۾ ڪو به موسيقي جو استاد نه رکيو ۽ نه ئي ٻارن کي مجبور ڪيو ته هُو موسيقيءَ بابت پڻ سِکن. پر مان ڪيترائي اهڙا موقعا پيدا ڪيا جتي اسان مان ڪجهه دوست پنهنجي موسيقيءَ جي ثقافت کي ڪنهن نه ڪنهن طرح آڏو آڻيندا هئا. ان مان اهو نتيجو نڪتو ته ٻارن جا ڪن لاشعوري طور تي سُرن کان واقف ٿيندا ويا. ۽ جڏهن آهستي آهستي انهن مان گهڻن موسيقيءَ سان پنهنجي تمام

گهڻي محبت جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ان کي سکڻ لاءِ باقاعدي ڪلاسن ۾ پڙهڻ تي راضپو ظاهر ڪيو تڏهن مون اسڪول لاءِ هڪ موسيقيءَ جي استاد جون خدمتون حاصل ڪيون. اسان جي اسڪول ۾ ٻار صبح سوير بلڪ ڪڏهن ڪڏهن روشني ٿيڻ کان به اڳ اُٿي پوندا آهن. اُٿڻ کان پوءِ وهنجڻ لاءِ هُو ڪوهه مان پاڻي ڪيندا آهن. پنهنجن پنهنجن بسترن کي ويڙهي رکندا آهن، اسان جي اسڪول جا ٻار پنهنجي مدد پاڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ هر اهو ڪم ڪندا آهن جيڪو انهن ۾ مددگار ٿي سگهي.

مان غور فڪر جي لمحن کي تمام ضروري تصور ڪيان ٿو. تنهن ڪري مون صبح ۽ شام ٻنهي وقتن ۾ ان مقصد لاءِ 15-15 منٽ مخصوص ڪيا آهن. مان ٻارن کي ان وقت غور فڪر ڪرڻ تي زور ڏيندو آهيان، پر ان جو اهو مطلب هرگز ڪونهي ته ٻار منافق ٿي وڃن ۽ فقط يقين ڏيارڻ جي حد تائين غور فڪر ڪن. مان ڪين ان وقت خاموش ۽ سُڪون جي حالت ۾ وجڻ جي تلقين ڪندو آهيان ۽ چوندو آهيان ته هُو پنهنجي نفس تي ڪنٽرول جي سگهه کي استعمال ڪن. جيتوڻيڪ ٿي سگهي ٿو ته خدا جي باري ۾ سوچڻ بدران هُوان وقت وٽن تي هيڏانهن هوڏانهن گهمندڙ نوريئڙن کي ڏسندا هجن.

ڪنهن اهڙي اسڪول جي وضاحت ڪرڻ اڻپوري آهي. ان اسڪول جو سڀ کان اهم جز ان جو ماحول آهي جيڪو ڪنهن اهڙي اسڪول جو ناهي جيڪو آمر اسڪول اختياريون ٻارن تي مسلط ڪنديون آهن. مان هر وقت ٻارن کي اهوئي ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهيان ته هي اسڪول سندن پنهنجي دنيا آهي جتي ڪين آزاد طور رهڻ گهرجي. اسڪول انتظاميا ۾ پڻ ٻار پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن. ان کان سواءِ سزا جي معاملن ۾ انهن ڏانهن ئي رجوع ڪيو ويندو آهي.

پنهنجي ڳالهه کي ختم ڪندي مان پڙهندڙن کي خبردار ڪندس ته هُو هن آشرم جي حوالي سان پنهنجي ذهن ۾ ڪا به غلط يا مبالغہ آميز تصوير نه ٺاهين. جڏهن تصورات ۽ خيالن کي ڪاغذ جو سينگار بڻايو ويندو آهي ته اُهي نهايت سادا ۽ مڪمل نظر ايندا آهن. پر جڏهن حقيقت ۾ اُهي مختلف زنده عنصرن وسيلي پنهنجو اظهار ڪندا آهن ته ايترا واضح ۽ مڪمل نه هوندا آهن. انساني فطرت ۾ ۽ ٻاهر جي ماحول ۾ ڪيتريون ئي رڪاوٽون پيش اينديون آهن. اسان مان ڪن ماڻهن جو عقيدو (ته ٻارن جا ذهن زنده جسم هوندا آهن) ڪافي ڪمزور آهي. ان کان سواءِ ڪجهه ماڻهن جو لاڙو ان ريت آهي ته هُو ستو ڪم زور سان ڪندا آهن پر ٻئي پاسي ٻارن جي ڪنهن شئي کي سمجهڻ جا هڪٻئي کان مختلف درجا هوندا آهن ۽ ان حوالي سان ناڪاميءَ جو تناسب وڏيڪ هوندو آهي. غلطيون يا ڏوهه اوچتو اسان جي آڏو پڌرا ٿيندا آهن ۽ اسين شڪ شبهن ۾ مبتلا ٿي ويندا آهيون ته آيا اسان جو تصوراتي مثال ڪارائتو آهي يا نه؟ اسان رد عمل ۾ شڪ شبهي جي اونداهي دور مان گذرندا آهيون. پر اُهي سمورا پاڻ ۾ ٽڪرائيندڙ ۽ تبديل ٿيندڙ تصوراتي نمونا سچائيءَ جا حقيقي پاسا آهن. زنده آئيڊيل گهڙيءَ وانگر نه هوندا آهن جو هر لمحي تي صحيح وقت ڏيکارين ۽ ان جو حساب رکن. اُهي ماڻهو جن کي پنهنجي خيال يا تصور تي ايتري قدر مڪمل ڀروسو آهي ڪين پنهنجي تصور جي سچائيءَ کي ناموافقت ۽ ناڪامين ۾ پرکڻ جي ضرورت آهي ۽ اها ناموافقت ۽ ناڪاميون پڪ سان سندن پراڻا رستا ڇڏرائينديون. پنهنجي طور تي مان ضابطئہ حيات ۽ انسان جي روح تي طريقئہ ڪار (Methods) جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڀروسو رکان ٿو. مون کي يقين آهي ته تعليم جو مقصد ذهن جي آزادي آهي جنهن تائين آزاديءَ جي رستي ئي پهچي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ آزاديءَ لاءِ پڻ زندگيءَ جيترا خطرا ۽ ذميداريون آهن. مون کي هن ڳالهه تي پڪو ڀروسو آهي، جيتوڻيڪ ڪيترائي ماڻهو اهو وساري وينا آهن ته ٻار زنده مخلوق آهن، بلڪ وڏن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ زنده آهن چاڪاڻ ته وڏن پنهنجي چوڌاري عادتن جو گهيرو جوڙي رکيو آهي. تنهن ڪري نهايت ضروري آهي ته ٻارن کي پنهنجي ذهني صحت ۽ نشو نما لاءِ رڳو اسڪول نه پر اهڙي دنيا گهربل آهي جنهن جي رهنمائي باطني محبت آهي. هيءَ دنيا پڪ سان آشرم جي دنيا آهي جتي قدرت جي عطا ڪيل سڪون ۾ زندگيءَ جي اعليٰ مقصد لاءِ انسان گڏ ٿيا آهن، جتي زندگي رڳو سوچ ويچار جو نالو ناهي پر سرگرمي آهي جتي ٻارن جي ذهنن کي مشقون ڪرائي ڪرائي سندن ذهن ۾ اها ڳالهه نقش ناهي ڪئي ويندي ته سڄي قوم لاءِ خود پرستي ئي سڀ کان بهتر تصور آهي، جتي ڪين ٻڌايو ويندو آهي ته هُو انسان جي دنيا کي خدا جي بادشاهت وانگر محسوس ڪن، جنهن جي شهريت اُها آرزو ڪرڻ آهي جتي سج جو اُڀرڻ، سج جو لهڻ ۽ ستارن جو شان نظرانداز نه ڪيو ويندو آهي، جتي ميون ۽ گلن جو فطري جشن انسان کان پنهنجي خوشيءَ پري سڃاڻپ حاصل ڪندا آهن.

# ناميارو شاعر ۽ اديب مختيار ملڪ

عطا حسين " زين سولنگي "

خيرپور جي سهڻي ڌرتيءَ پنهنجي سيني مان ڪيترين ئي املهه شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي محنت، سچائي ۽ ڪمٽمينٽ سان هن سماج ۾ وڏو مقام ماڻيو آهي، انهن شخصيتن مان هڪ ناميارو شاعر، ليکڪ ۽ براڊڪاسٽر مختيار ملڪ به آهي.

شاعر، اديب ۽ براڊڪاسٽر مختيار ملڪ جو جنم خيرپور ميرس ۾ 21 ڊسمبر 1959 ۾ ٿيو. مئٽرڪ ناز پائلٽ اسڪول مان ۽ انٽر سپيريئر سائنس ڪاليج خيرپور مان پاس ڪيائين. شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان آرگينڪ ڪيمسٽري ۾ ماسٽرس ڪرڻ سان گڏ ايم اي جرنلزم ,ايم اي سنڌي ۽ ايل ايل بي تائين تعليم ورتي. ان کانپوءِ پاڻ ريڊيو پاڪستان کي جوائن ڪيائون , جتي مختلف عهدن تي رهيا , اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائرمينٽ ورتائون ۽ براڊ ڪاسٽنگ جي دنيا ۾ پاڻ مڃرايائون , ريڊيو تي ڪيترن ئي فنڪارن کي متعارف ڪرائڻ جو اعزاز رکن ٿا , پاڻ بهترين شاعر پڻ آهن ۽ سندن شاعري مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي آهي. ان کانسواءِ سندن شاعري جا هينيان ڪتاب به ڇپيا آهن: ٿم ٿم ٿانڊاٽا – 1981 جنهن جو مهاڳ محترم محمد ابراهيم جويو صاحب لکيو. سندس ٻيو شعري مجموعو اماس ۾ به سوجهرو – 2001 جنهن جو مهاڳ محترم تنوير عباسي صاحب لکيو. مختيار ملڪ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جا مرڪزي سيڪريٽري جنرل به رهيا آهن ڪيترن ئي پروگرامن ۾ خاص ڪري سچل سرمست جي عرس جي تقريبن ۾ ميوزڪ واري پروگرام جي اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض پڻ سنڀاليندا رهيا آهن. مختيار ملڪ خيرپور ۾ مختلف علمي ادبي فورمن سان سلهاڙيل آهي. مختيار



مختيار ملڪ

ملڪ ڊسمبر 1976ع ۾ ٻارن لاءِ هڪ رسالو "جوت" جي نالي سان شايع ڪيو . ان حوالي سان سنڌس ادب سان گهرو تعلق جڙيو . اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني ۾ معروف اخبار هلال پاڪستان ڪراچي جي سرپرستيءَ ۾ قائم ٿيل تنظيم "گلن جهڙا ٻارڙا سنگت" ۾ سرگرم رهيا , سکر ڊويزن جا آرگنائيزر پڻ رهيا , ادب ۾ لکڻ جي شروعات شعر ۽ ڪهاڻيون لکڻ سان ڪيائون . سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي ڪلاس ڇهين جي ڪتاب ۾ هڪ نظم "پورهئي جو مان" مختيار ملڪ جو لکيل آهي ۽ جڏهن ته گابا پبليڪيشن جي نصابي ڪتاب سنڌي پنجين ۾ هڪ گيت "مور" مختيار ملڪ جو لکيل آهي.

مختيار ملڪ جي شاعريءَ ڪي پڙهندڙ جڏهن مطالعي هيٺ آڻي ٿو ته سنڌس شعرن جي حقيقت پرکڻ بنهه آسان ۽ سنڌس سمجهاڻي سليس آهي، جيئن پڙهندڙ جي دل ۾ سنڌس اها ڳالهه گهر ڪري ويهي رهي. ساڳي ئي طرح مختيار ملڪ جڏهن پنهنجي دردن، پيڙائن، پڇتاون، پوڳنائن ڪي لفظن ۾ سمويو ته ڪائنات جا هڙئي اسرار هن جي آڏو کُلي دنيا جي رازن تان پردو هٽائي حقيقتن کان ڪيس همڪنار ڪن ٿا. جيڪا شاعري عوام جي ڳالهه نٿي ڪري سا شاعري ناهي، اها شاعري جنهن ۾ استحصالي قوتن خلاف نفرت ناهي، سا شاعري ناهي، اها شاعري جنهن ۾ مظلوم جي طرفداري ٿيل ناهي سا شاعري ناهي، اها شاعري جنهن ۾ ڌرتي ڌڻين جي وڪالت ٿيل ناهي، سا شاعري ناهي. شاعري اها هوندي آهي، جيڪا سخت دل ڪي پگهاري ميڻ ڪري سنڌس اندر ڪي قرار بخشي سگهي.

مختيار ملڪ جي شاعري جدت سان ڀرپور جنهن ۾ هن جي احساسن جو پنهنجو رنگ سمايل آهي. اهڙن جذبن ۽ احساسن ڪي سهيڙيندي پنهنجي شعري مجموعي ۾ مختيار ملڪ جي جذبن جي اپٽار ۽ هن جا احساس شامل آهن اهڙائي جذبا هينئين شعر مان ظاهر ٿين ٿا:

ڪي پهر گذاريا هونداسي
۽ ٿڪ لڳايا هونداسي
اڄ ڏور رهون مختيار پيا
ڇا ان لئي جايا هونداسي .

مختيار ملڪ سنڌي ادب ۾ هڪڙو وڏو نانءُ آهي ۽ جنهن جي ڇانوءِ شفقت ۾ ڪيترائي سنڌي ادب جا هن وقت جا وڏانالي وارا اديب , شاعر ۽ صحافي جن ڪي مختيار ملڪ ادب جي دنيا ۾ متعارف ڪرايو ۽ انهن ڪي اڳتي آڻڻ ۾ مختيار ملڪ جو وڏو عمل دخل رهيو آهي. مختيار ملڪ جا احساس ۽ جذبا اهو ٻڌائن ٿا ته هن گهڻو ٽڙو وقت پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ گهاريو آهي چنڊ ڪي ميارون ڏيندي چوي ٿو ته:

مونکي پنهنجي پرين جو اوسيئڙو
چنڊ تون چو آن بيقرار گهڻو

جڏهن ڪي ڪنهن جا احساس ۽ جذبا وجداني ڪيفيت اختيار ڪندا آهن ته پنهنجي آس پاس واريون سڀ شيون ان ئي رنگ ۾ محسوس ڪندو آهي تڏهن چنڊ ڪي به پاڻ جيان بيقرار ٿو محسوس ڪري، اهي ئي ته ڪيفيتون هونديون آهن هڪ حساس دل رکندڙ شاعر جون، جيئن مختيار ملڪ پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪيون آهن.

مختيار ملڪ شاعري جي مڙني صنفن تي لکيو آهي ۽ هن جي شاعري جدت سان ٿمتار آهي جنهن ۾ پنهنجو چس آهي. مختيار ملڪ جا هائيڪا ۽ ترائيل پڙهڻ وٽان آهن هن لکڻ جو پنهنجو منفرد انداز رهيو آهي.

سنڌ جي هن سهڻي شاعر مختيار ملڪ جي غزل جون ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون :

توکان ڪيڏو ڏور ٿياسين ,
صحرائن ۾ چور ٿيا سين.
نهندا ڊهندا رهندا آهيون،
يارو! چڻ ڪو پور ٿياسين.
قيد به ڄاڻون، پيد به ڄاڻون،
ڏاڍي لئه پر سور ٿياسين.
ڳاٽ اسان جا اوچا اوچا،
اسان به اڄ منصور ٿياسين.
لُتجون پيي ٿا، چپ پيي آهيون
ايڏو اڄ مجبور ٿياسين .

يا ٻئي هنڌ ڪيڏو نه خوب چيو اٿائون :

زندگيءَ ۾ خوش گذارجي
درد دل ابدر نه ڏارجي
ڪيترين به اذيتون ملن
هانءُ پر ڪڏهن نه هارجي
پاڻ ۾ وري ملي پئون
رنجشن ڪي ڪجه وسارجي.

مختيار ملڪ ڪي سنڌ جي ماڻهن جون ڪوڙ ساريون محبتون مليون آهن، جن جو هو اڪثر ذڪر پيو ڪندو آهي. سنڌس

تخليقن ۾ حق جي حاصلات جي تاريخي چيخ ۽ پڙاڏو آهي، جنهن سان ستل ضمير گهري ننڊ مان ڇرڪ ڀري اُٿي ڪڙا ٿي پون ٿا. هُو پنهنجي ذات ۾ انمول آهي. سندس اهو بي مثال ڪردار معاشري جو سونهون بڻبو جيڪو فريب، دوکي، دولاب يا ڪوڙ کي ڏڪاري سچائيءَ کي سيني لائي ٿو. سنڌي ادب ۾ بحيثيت براڊڪاسٽر ۽ شاعر مختيار ملڪ جو الڳ مقام آهي، جنهن جي تخليقن سماج جي ذهني نشونما ۽ ترقيءَ لاءِ گهڻي قدر ڪارگر ڪردار ادا ڪيو آهي.

مختيار ملڪ کي ادبي، علمي ۽ پيشيور خدمتن عيوض ڪيترائي ايوارڊ ۽ شيلڊون مليون آهن. پر ڪيس بهترين پروڊيوسر، ريڊيو پاڪستان ريجنل ايڪسيلينس ايوارڊ 1999ع ۽ 2002ع، سچل سرمست لائف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ 2013ع ۽ 2014ع، ٻارن لاءِ بهترين ليکڪ طور انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي ايوارڊ 1980ع ۽ ايم اي سنڌي ادب ۾ پهرين پوزيشن تي وقت جي وزير اعلي هٿان مليل گولڊ ميڊل ذڪر لائق آهن.

مختيار ملڪ جي ادبي خدمتن جو اعتراف عالمي سطح تي درجه بندي جي اداري “ ريڪنگ ڊاٽ ڪام ” جي سروي جي مطابق پاڪستان جي 30 مشهور شاعرن جي فهرست ۾ شمار ڪيو ويو آهي. مختيار ملڪ جي ڇپيل ڪتابن کان علاوه اٺ ڪتاب ڇپجڻ جا منتظر آهن جن ۾ قديم ڪلاسيڪي ادب ۾ عظيم صوفي شاعر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي ۽ بين جو ڪلام ڏنل آهي، مشهور شاعرن شيخ اياز، تنوير عباسي جن تي الڳ الڳ ڪتاب، سنڌ جي معروف افسانا نگار، ڪهاڻيڪار نسيم ڪرل تي اردو ۾ ڪتاب “ نسيم ڪرل شخصيت اور فن ” قابل ذڪر آهن. مختيار ملڪ جن سنڌي ادبي بورڊ ۽ انڊومينٽ فنڊ فار آرٽسٽس جي بورڊ آف گورنرز جو ميمبر قابل تعريف آهن، هن وقت پاڻ سچل يادگار ڪاميٽي جا سيڪريٽري آهن.

مختيار ملڪ جي پياري شخصيت اتساهه بخشيندڙ رهي آهي، ان جا ڪيترائي پهلو ٿي سگهن ٿا انهن مان هڪ هي به پهلو آهي ته هنن پنهنجي ڀائٽي ڊاڪٽر فرخ ملڪ صاحب، پنهنجي پٽ سنگهار ملڪ صاحب جن جي پرورش تي خاص توجه ڏيئي انهن کي سي ايس ايس ڪرائي، انهن نوجوانن به ڪمال جي محنت ڪئي اڄ هو ٻئي نوجوان ايس ايس پي آهن. مختيار سائين انهن نوجوانن کي سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ رول ماڊل بنايو آهي.

مختيار ملڪ هڪ محبتي - محنتي - ايمانتدار - سچو ۽ کرو شخص - هڪ مڃيل ناميارو تخليقڪار - ٻاراڻي ادب جو مانائتو ۽ احترام لائق نالو آهي. پاڻ شاعري، موسيقي جو پارکو آهي. اسان جو محسن علمي، ادبي، سماجي پروگرامن جي سونهن، ڪمال جو تخليقڪار آهي. مختيار ملڪ هڪ زبردست براڊڪاسٽر جو اعزاز پڻ رکن ٿا، هو مختلف ريڊيو اسٽيشنس تي رهيو، خيرپور ريڊيو اسٽيشن تي وڏو عرصو رهيا، ڪيترن ئي نوجوانن کي ريڊيو ڪمپيئر، اناؤنسر طور ته متعارف ڪرايو پر اتي رهڻ دوران مختيار ملڪ پنهنجي براڊڪاسٽنگ واري زندگيءَ ۾ هڪ بهترين ميوزڪ پروڊيوسر ۽ ميزبان رهيو آهي. هن سينگار علي سليم، استاد گلزار علي خان، برڪت علي، غلام علي سنديلي، ممتاز لاشاري، عاشق نظاماڻي، صنم ماروي، حميره چنه، رحمت علي ميرالي، مظهر حسين، حنيف لاشاري، صادق فقير، ثمينه ڪنول، غلام شبير سمون سميت اڻ ڳڻين فنڪارن/ فنڪارائن جي آوازن ۾ معياري شاعري ۽ نين ڌنن تي آڏاريل ڪلامن کي رڪارڊ ڪيو آهي. مختيار ملڪ صاحب ريڊيو اسٽيشن ملتان تي اسٽيشن ڊائريڪٽر رهڻ دوران هنن جي ويجهڙائي سرائڪي، پنجابي، اردو ٻوليءَ جي شاعرن ۽ فنڪارن سان ٿي جيڪا پڻ ساراه جوڳي ڳالهه آهي. هنن جي آڏو هو باصلاحيت هڪ برجستو سنڌ جو شاعر، اديب ۽ براڊڪاسٽر ثابت ٿيو، هُنن به هِن سنڌ ڄائي کي لکين عزتون ڏنيون، جڏهن اتان سرڪاري جاب تان رٽائرمينٽ پئي ورتائون ته هن سنڌ جي محبتي انسان کي سوين گلن جا هار پائي، ڪتابن جا تحفا ڏيئي، شالن ۽ اجرڪن جي تحفن ۽ سڪ جا ٻاڪر پائي رخصت ڪندي اهو چيائون ته اوهان جو يعني سنڌ جو اهو محبت ڀريو صوفياڻو رشتو ملتان واسين سان برقرار رهندو، مونکي اها ڳالهه ڏاڍي وڻي جڏهن اتان جي شاعرن توڙي شاعرائن اهي جملا چيا ته مختيار سائين جي روپ ۾ سنڌ جو علم و ادب ۽ صوفياڻه مزاج وارو رشتو ملتان سان برقرار رهندو ۽ بلڪل برقرار رهڻ گهرجي.


# مولانا غلام محمد گرامي

## سنڌ جو ناميارو عالم ۽ اديب

### سيد شاهد حسين

گرامي صاحب جو جنم دادو ضلعي جي ميهڙ شهر ۾ هڪ مسڪين هاري، جاڙي خان لغاريءَ جي گهر ۾ 30 ڊسمبر 1920ع ۾ ٿيو. سندس نالو غلام محمد رکيو ويو. اُهو غريب جو ٻار اڳتي هلي هڪ عالم، فاضل، اديب، شاعر، دانشور ۽ محقق مولانا غلام محمد گراميءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس وڏن مان خاندان جو پريو مڙس برادي خان اول، 1840ع ۾ شورڻ، چوٽي، ديري غازي خان مان آيو ۽ ميرن جي ڏنل جاگير ڏگهه بالا ضلعي دادوءَ ۾ رهيو ۽ اتي لغارين سان مٽي مائٽي ڪيائين. خانہ جنگيءَ ڪري اهو سمورو خاندان منتشر ٿي ويو ۽ ميهڙ، لاڙڪاڻي، قمبر، جوهي، پٽ گل محمد، ميرو خان جمالي، جُهڏي، ڏرگهہ بالا ۽ حيدرآباد ۾ هن خاندان جا ڪجهہ فرد رهن ٿا. ”گرامي“ صاحب مڪتبن ۾ پڙهيو ۽ پرائمري تعليم سنڌي اسڪول ميهڙ ۾ حاصل ڪيائين. ۽ هن ڪجهہ سنڌي، ڪجهہ عربي، فارسي ۽ ديني تعليم حاصل ڪئي. پر وٽس جيڪا ڄاڻ هئي اها ذاتي مطالعي، مشاهدي، کوجنا، تجسس ۽ تجربي ڪري ٿي. هن عمر جو ڪجهہ حصو ديني رهنمائن سان گڏ گذاريو. ننڍپڻ ۾ گرامي صاحب نهايت سنهڙو ۽ ڪمزور هوندو هو. گرامي صاحب جي همعصر ۽ هم ڪلاسي مولوي نور محمد سنڌيءَ پنهنجي يادگيرين ۾ لکيو آهي تہ گرامي صاحب سنهڙي ۽ ڪمزور هئڻ سبب اسڪول ۾ ان وقت مشهور هو تہ پهريون نمبر غلام محمد سنهڙو آهي ۽ ٻئي نمبر تي (رئيس) عبدالحميد خان جتوئي! ان وقت ڪين ٻاراڻو ڪتاب ماستر محمد صالح مرحوم پڙهائيندو هو ۽ ان دور ۾ اسڪولن جا ساليانہ امتحان تعليم کاتي جو هڪ برجستو آفيسر مرحوم علي خان ابڙو وٺندو هو.

گرامي صاحب ديني تعليم حاصل ڪرڻ بعد ميهڙ ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. ميهڙ جي اسڪول ۾ استاد هئڻ دوران سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر سائين اسحاق ”راهي“ صاحب بہ وٽن پڙهيو. هو 1943ع ۾ پنهنجي استاد حاجي سيد علي اڪبر شاهہ جي چوڻ تي جامعہ عربيہ اسڪول حيدرآباد ۾ استاد ٿي رهيو. ان وقت مٿس مذهبي اثر حد کان وڌيڪ هو. اڳتي هلي جامعہ عربيہ اسڪول جي استادن ۽ مذهبي ٺيڪيدارن سان اختلافن سبب گرامي صاحب جامعہ عربيہ اسڪول کان علحدگي اختيار ڪئي. ان وقت گرامي صاحب کي تلڪ چاڙهي جي مٿان رهائش جي جڳهہ مليل هئي، جيڪو گهر ۽ پيل سامان ڦرائي ويئو. 1951ع کان 1954ع تائين ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ فارسيءَ جو استاد رهيو ۽ علم جي روشنيءَ سان ڪيترن طالب علمن جون دليون منور



ڪيائين. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جي ڪيترن علم جي شائقن جون دليون ۽ ذهن سندس علم ۽ محبت جي خوشبوءِ سان واسيل آهن. ”گرامي“ صاحب جي شادي 1936ع ۾ ميهڙ پرسان ڳوٺ ٻُٽ سرائيءَ جي قريشين مان ٿي. سندس اولاد مان امان الله قريشي اڳ ڄائو فرزند هو. جنهن جي ڇئن سالن جي عمر کان وٽي پرورش ڪيائين، جو سنڌ جو سٺو ليکڪ ۽ صحافي ٿيو. ڪيس ٻيو پٽ محمد شبير/ شبير گرامي ٿيو ۽ بہ نياڻيون رضيہ ۽ ممتاز

اٿس، جي سڀ تعليم يافته آهن. ”گرامي“ صاحب صحافتي زندگيءَ جو آغاز 1943ع کان ”هلال پاڪستان“ اخبار جي افتتاح سان ڪيو. ”عبرت“ جي ٻئي دور ۾ ان جو ڪالم نويس رهيو. ان طرح ”اسان جي دنيا“، ”روح ادب“، ”هاري حقدار“ ۽ ”هلال پاڪستان“ جي ابتدائي توڙي پوئين دور ۾ ڪم ڪيائين. رسالي ”آفتاب“ ڪراچي، ”عرفان لطيف“ حيدرآباد، ”پاسبان“ هالا، ”ترجمان“ ميرپورخاص، ”الزمان“ هالا ۽ ”شاعر“ هالا جو ايڊيٽر رهيو. 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ آيو ۽ رسالي ٽماهي ”مهراڻ“ جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿيو ۽ 1958ع کان 1976ع تائين ٽماهي مهراڻ رسالي جو ايڊيٽر رهيو. گرامي صاحب محمد ابراهيم جويي کان پوءِ ٽماهي ”مهراڻ“ کي ان اوج تي پهچايو جتي سندس پنهنجو ادبي ۽ عالمانه مقام هو. هن ”مهراڻ“ وسيلي نوجوان ليکڪن جي تمام گهڻي همت افزائي ڪئي. ”مهراڻ“ جا ايڊيٽوريل گرامي صاحب جي فڪر، سوچ، ساڃاهه ۽ سنڌ دوستيءَ جو چٽو ثبوت آهن. انهن مان گرامي صاحب جي ادبي مقام، ٻوليءَ جي ڄاڻ، سنڌي زبان ۽ ادب، ثقافت سان بيپناهه پيار ۽ محبت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هنن ايڊيٽوريلن ۾ گرامي صاحب ادب، زندگي ۽ ثقافت جي جديد تقاضائن ۽ انسان ذات جي فلاح ۽ بهبود کي نظر ۾ رکي عالمانه بحث ڪيو آهي.

گرامي صاحب ڪيترن ئي ادبي تنظيمن ۽ اشاعتي ادارن جو ميمبر ۽ سرگرم ڪارڪن رهيو. جن ۾ بزم صوفياءِ سنڌ، سنڌي ادبي انجمن، بزم طالب المولىٰ سنڌ، سنڌي ادبي سنگت، سنڌي زبان سوسائٽي، پاڪستان رائيٽرس ڪلب وغيره اهم آهن ۽ ڀاڻ لنواري شريف جي عرس جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو بنياد وڌائين. گرامي صاحب کي لکڻ سان چاهه ننڍي هوندي کان ئي هو ۽ گهڻو وقت مطالعي ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ گذاريندو هو. گرامي صاحب لکڻ جي شروعات اٽڪل 1937ع واري ڏهاڪي ۾ ڪئي، ان وقت هندو ايڊيٽرن جي اخبارن ”سنسار سماچار“ ۽ ”هندو“ ۾ ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن ان سنڌ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي تعليمي ۽ علمي سڌارن جي خلاف ايڊيٽوريل ڇپيا هئا. ٻنهي اخبارن جي مطالعي کانپوءِ گرامي صاحب 4 راتيون جاڳي هڪ مضمون لکيو ۽ ان وقت ”الوحيد“ اخبار ۾ ڇپيو نه رڳو مضمون ڇپيو پر ”الوحيد“ جي ايڊيٽر پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ به ان مضمون جو ذڪر ڪيو. ان مضمون گرامي صاحب کي تمام وڏي شهرت ڏياري. ”الوحيد“ اخبار ۾ ڇپيل اهو مضمون پڙهي، سندن استاد ۽ رهنما سيد حاجي علي اڪبر شاهه جن تمام گهڻي خوشيءَ مان کين ”گرامي“ جو لقب ڏنو. جنهن کان پوءِ پاڻ ادبي دنيا ۾ مولانا غلام محمد ”گرامي“ جي نالي سان ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا.

هن سڄي عمر سنڌي ادب، ثقافت، صحافت، تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندي گذاري. وٽس لفظن جا اڻ کٽ خزانا هئا ۽ لفظ سندس مرضيءَ مطابق استعمال ٿيندا هئا. کيس سنڌ، سنڌين، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب سان اٿاهه عشق هو. هن دل جان ۽ اڻٿڪ ڪوشش سان، سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي. جنهن ۾ زندگيءَ جون آخري ساعتون پڻ صرف ڪيائين. مولانا غلام محمد ”گرامي“ سنڌ جو برک عالم، اديب، محقق، دانشور، نقاد ۽ شاعر هو جنهن پنهنجي سڄي زندگي سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، ثقافت جي خدمت ڪندي گذاري. گرامي صاحب سنڌي ادب جي اهڙي مايه ناز شخصيت آهي، جنهن جي نالي ۽ خدمتن جي ذڪر کان سواءِ سنڌ جي ادبي تاريخ ڪڏهن به مڪمل ٿي نه ٿي سگهي. گرامي صاحب هڪ تاريخ، هڪ دور، هڪ تحريڪ ۽ علم ادب جو درياءُ هو. سندس گهڻ پاسائين شخصيت ۽ خدمتن تي مون کان وڌيڪ اهي شخصيتون اظهار ڪري سگهن ٿيون، جن هن سان گڏ گذاريو. ادبي تحريڪن ۾ ساڻس گڏ رهيا ۽ جن سندس جدوجهد ۽ ڪم کي ويجهي کان ڏٺو.

گرامي صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ نوجوانن لاءِ اتساهه ڏيندڙ ۽ هڪ آدرشي انسان هو. سنڌي ٻولي جي ترقي، سڌاري لاءِ هن پنهنجي حياتي ۾ پاڻ پتوڙيو پر الائي ڇو هن اهم علمي، ادبي شخصيت کي وساريو ۽ نظرانداز ڪيو ويو آهي. گرامي صاحب ”مهراڻ“ جي ايڊيٽريءَ دوران جديد سنڌي ادب جي ڦهلاءُ ۾ وڏو ۽ مثالي ڪردار ادا ڪيو. هونئن به ٽه ماهي ”مهراڻ“ شروع کان ترقي پسند ۽ سنڌ دوست اديبن، محققن ۽ شاعرن جو ترجمان رهيو آهي. گرامي صاحب جي ”مهراڻ“ کي وڌ کان وڌ معياري ۽ جديد ادب جو ترجمان رسالو بنائڻ ۾ ڪيل ڪوشش کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي. 60 ۽ 70ع وارا ڏهاڪا سنڌ تي ڏکيا ڏينهن ڪٽي آيا جهڙوڪ ون يونٽ، مارشل لا، سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ وارا منصوبا، پر اهڙي ڏکئي دور ۽ ڏکين حالتن ۾ سائين محمد ابراهيم جويي کان پوءِ گرامي صاحب ئي اهو واحد اديب هو. جنهن ”مهراڻ“ رسالي ۾ کُلي نموني سنڌ دوستي جي پرچار ۽ سنڌ سان وفا جي وچن کي ورجايو. سندس اهڙن ڪارنامن سان پوري تاريخ ڀري پئي آهي، جنهن ڪري گرامي صاحب کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو

سگهجي. گرامي صاحب تہ ماهي ”مهراڻ“ رستي نون اديبن ۽ شاعرن جي وڏ ۾ وڏ رهنمائي ڪئي. هن ”مهراڻ“ وسيلي نوجوان ليکڪن جي هڪ وڏي کيپ تيار ڪئي. برک ڪهاڻيڪار امر جليل ”مهراڻ“ گرامي نمبر ۾ پنهنجي هڪ ڪالم ”نئين ٿهيءَ جو سونهون“ ۾ لکي ٿو ”شروعات ۾ ڪوبہ ايڊيٽر مون کي قبول نہ ڪندو هو، اهو الائي ڪهڙو ڏينهن هو...... سائين گرامي صاحب جن سان ملاقات ٿي هئي چيو هئائون تہ مونکي افسانا ڏي تہ مان ”مهراڻ“ ۾ شايع ڪندس، گرامي صاحب جن مونکي ”مهراڻ“ ۾ لکڻ لاءِ چيو، مون جيڪي ڪجھ لکيو سائينءَ ”مهراڻ“ جهڙي معتبر رسالي ۾ شايع ڪري ڇڏيو، مايوسي اميد ۾ بدلجي وئي، شوق جنون جي صورت اختيار ڪئي، اهو دور ”مهراڻ“ رسالي جو ٿيون دور هو. سائين گرامي صاحب سنڌي ادب لاءِ افسانا نگارن جي نئين ٿهيءَ جي پرورش ڪئي، جنهن ۾ علي بابا، نسيم کرل، عبدالحق عالماڻي، عبدالقادر جوڻيجو، غلام نبي مغل، قمر شهباز، طارق اشرف، حميد سنڌي، شوڪت شورو، آغا سليم، ماڻڪ ۽ مان شامل هئاسين.“ ناميارو دانشور ظفر حسن پنهنجي مضمون ”گرامي سائين“ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ”مونکي لکڻ تي مائل ڪرڻ لاءِ، جتي آءُ سڄو الزام طارق اشرف تي هڻندو آهيان ، جنهن مونکان زوريءَ ڪهاڻي لکرائي، اتي آءُ سائين گراميءَ کي بہ ان الزام کان آجو قرار نہ ٿو ڏيئي سگهان، جنهن مون کي پهريون جملو چيو هو ”اڳتي تون بہ ڪجھ لکي ڪڻي اچجانءِ!“ ۽ ان جملي جي پڙاڏي ۾ آءٌ لکندو رهيس ۽ ڪاغذ ڦاڙيندو رهيس، جڏهن بہ ملندو هو تہ پڇندو هو ”شاھ! ڪجھ لکيئي؟“ سائين گراميءَ جا اهي همٿائيندڙ لفظ، رڳو منهنجي لاءِ نہ هئا، پر هر ان نوجوان کي جنهن ۾ لکڻ پڙهڻ جو شوق هو، جي ساڻس گڏبا هئا، ان لاءِ انهن ئي خيالن جو اظهار ڪندو هو. ”مهراڻ“ رسالي جا فائيل ان ڳالھ جا شاهد آهن تہ گهڻن نوجوان لکندڙن کي سائين گراميءَ ادبي کيتر ۾ آندو“. نئين نسل جي تربيت ۾ گرامي صاحب جو مثالي ڪردار رهيو. سنڌ جا هاڻوڪي دور جا برک شاعر، اديب ۽ دانشور ڊاڪٽر تنوير عباسي، استاد بخاري، امداد حسيني، ظفر حسن، تاج بلوچ، نفيس احمد ناشاد، محمد حسين ڪاشف، اسحاق راهي، شهيد سومرو ۽ ٻيا ڪيترائي وڏا نالا گرامي صاحب سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرايا ۽ سندن رهبري ۽ رهنمائي ڪئي ۽ سنڌيءَ ادب ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو.

سنڌ جي برک دانشور ڏاهي، سراج الحق ميمڻ پنهنجي ڪالم رتيءَ جي رهاڻ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ : ”گرامي ۽ مون گهڻو وقت گڏ گذاريو آهي، ان وقت کان جڏهن ادب ۾ اجان ٻاٻڙا پائيندو هوس ۽ گرامي اڳ ئي قدآور شخصيت هو، پر هن ڪڏهن بہ اهو محسوس ٿيڻ نہ ڏنو تہ هو ڪو ايڏو وڏو قدآور آهي ۽ آءُ ايڏو پتڪڙو، جڏهن بہ حيدرآباد ويندو هوس تہ پهريون سلام گرامي صاحب جو پربو هو، هن جي صحبت ۾ ماڻهو چار ڳالهيون سکي ايندو، وڃائيندو ڪڏهن بہ نہ.“ گرامي صاحب سنگيت وديا جو پڻ ڄاڻو هو. رنڊي، نيم ڪلاسيڪي توڙي ۽ ڪلاسيڪل راڳن جي سيني گُرن جي ڄاڻ هئس، پاڻ جنهن نموني راڳ تي راءِ ڏيندو هو تہ ان مان ائين محسوس ٿيندو هو تہ راڳ سندس روح ۾ رچيل آهي. سنگيت جي علمي ڄاڻ کان سواءِ ”گرامي“ صاحب موسيقيءَ جي فن بابت مضمون لکيا. گرامي صاحب سنڌ جي سٺن فنڪارن سان پيار ڪندو هو، پر استاد منظور علي خان سندس پسنديده فنڪار هو. گرامي صاحب ڪهنہ مشق شاعر بہ هو. سندس شعر ۾ ميناج ۽ پختگي ان ڪري آهي، جو هو سنگيت جو ڄاڻو هو، ان ڪري هن کي ترنم يا لئي، آهنگ يا سر تار جي پدن ۽ لفظن کي تورڻ تڪڻ جو ڏانءُ هو. سندس ڪلام ۾ فلسفيانہ نظريات سان گڏ تصوف جي چاشني ۽ بلند آهنگيءَ جون گڏيل تصويرون سمايل آهن. سندس شعرن ۾ شگفتگي، خوش اسلوبي ۽ پاڪيزگيءَ سان گڏوگڏ انسانيت جو سبق، تصوف جي ڪيفيت، سهڻي اخلاق جا مظاهرا ۽ ترقي پسنديءَ جي سرهاڻ ايندي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ زندگي آهي ۽ زندگي سان گڏ وٽس زندگيءَ جي دلفريبي بہ آهي. هن ڪافي، نظم، رُباعي، غزل، سهري، نعت، حمد کان سواءِ آزاد نظم بہ لکيو. هن آزاد نظم تي وڏي محنت ڪئي ۽ آزا نظم جي رمزن کان واقف ٿي، هن آزاد نظم لکيو. مواد ۽ هيئت جي اعتبار کان سندس آزاد نظم بهترين آهي.

جديد علم ۽ ادب جي تقاضائن جو وسيع مطالعي هئڻ ڪري هن روايتي شاعريءَ کان هٽي جديد سنڌي شاعريءَ تي فني تجربا ڪيا ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾ پڻ شهرت حاصل ڪئي. برک شاعر امداد حسيني جي لفظن ۾ ”گرامي صاحب کي نئين نسل جي ليکڪن ۾ اَتوٽُ ويساھ هو. ۽ هو نئين نسل کي شاھ، سچل ۽ سامي جو حقيقي وارث سڏيندو هو. هن پنهنجي قيمتي زندگيءَ جو وڏو حصو راتين جون راتيون، ريمن جا ريم ڪاغذ ڪارا ڪري نئين نسل جي جنهن بهادريءَ ۽ دليريءَ سان رهبري ڪئي، اها هڪ مثالي حيثيت رکي ٿي. هو نہ رڳو پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن سان

پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي جيءَ ۾ جاڳرتا جي جوت جلائيندو رهيو ۽ ڪين جدوجهد لاءِ اتساهيندو رهيو پر هو ادب ۽ ٻوليءَ جي مسئلي تي، بنا ڪنهن رک رکاءَ ۽ ڊپ ڊاءَ جي، عملي طور تي ويڙهه به ڪندو رهيو. ادب جهڙي ڏکي ۽ ذڪئي محاذ تي، جتي ليڪي جي هن پاسي کان، بهتانن ۽ فتوائن جي پٿرن جا وسڪارا هئا، ۽ ليڪي جي هُن پاسي به گهٽيون ٽٽيون رڳو هُشيون هيون، اهو گرامي صاحب ئي هو. جيڪو پوري سچائيءَ ۽ سورهيائيءَ سان نوجوان ساٿارين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، ڪنڊن جا موڙ سرتي سجائي، صليبن ڏانهن سفر ڪندو رهيو. هر حال ۾ حق جي ڳالهه چوندو رهيو. مڙڻ ۽ موٽڻ هُن لاءِ مِهڻو هو. هن سيني کي رات کي رات چوڻ جو ساهس بخشيو هو". گرامي صاحب حق گوئي ۽ حق پرستيءَ جي وڏي علامت ۽ وڏو روشن مينار هو.

گرامي صاحب سڄي حياتي ترقي پسند ادب جي آبياري ڪئي ۽ ترقي پسند شاعرن ۽ اديبن جي رهنمائي ڪئي. گرامي صاحب سنڌي شاعريءَ جو وڏو پارکو هو. گرامي صاحب نئين ادب جي بانين ۽ پرچارڪن مان هڪ هو. نئين ادب ۽ ان جي سرجڻهارن تي جڏهن به، ڪٿان به، ڪا به جُلهه ٿيندي هئي ته پاڻ سيني تيرن آڏو پنهنجو سينو تاڻي بيهي رهندو هو. 1964ع ۾ جڏهن سنڌ جي مٿان ون يونٽ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا، سنڌ دوستيءَ جو دم ڀرڻ ۽ حب الوطنيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ سرڪار جي حڪم نامي موجب ڏوهه هو. ان وقت سرڪار سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي ڪتاب "ڀونر ڀري آڪاس" تي بندش وڌي، جن ڳالهين جي ڪري ڪتاب تي بندش پيئي، انهن ڳالهين کي علمي طور رد ڪرڻ لاءِ "گرامي" صاحب جو قلم پنهنجي پوري جاهه ۽ جلال سان جاڳي اٿيو. ۽ سنڌي شاعريءَ جي نون لاڙن تي ٽي سئو صفحن جو هڪ تحقيقي مقالو "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" لکيائين. جنهن ۾ عربي، فارسي ۽ اردوءَ جي قديم ۽ جديد شاعري ۽ ادب جي مثالن ڏيڻ کان سواءِ هن شعر جي صنفن، فڪر ۽ فلسفي تي سمورو "عربي ،فارسي،اردو" ادب آڻي گڏ ڪيو. گرامي صاحب واحد ماڻهو هو جنهن ان دور ۾ شيخ اياز، ترقي پسند شاعري ۽ ترقي پسند ادب جو عملي طور دفاع ڪيو ۽ رجعت پسند ڌرين خلاف قلمي جهاد ڪندي شاندار ۽ شاهڪار مقالو لکيو جنهن ۾ ادب توڙي جديد شاعريءَ جي موضوعن، مضمونن، اسلوبن ۽ هيئت وغيره جو جيڪو ناقدانه ۽ فنڪارانه جائزو ورتو اٿس. تنهن ان دستاويز کي هڪ لاجواب بي مثال شاهڪار جو درجو ڏئي ڇڏيو. گرامي صاحب مقالي کان پوءِ ملنڊڙ گارين، فتوائن ۽ جاهلن جي جلهن کي ٻڌندو، ڏسندو ۽ مرڪندو رهيو. گرامي صاحب شاهه لطيف ۽ حضرت سچل سرمست جو شيدائي ۽ عقيدتمند هو. جڏهن به شاهه سائينءَ ۽ سچل سائينءَ جي فڪر، فلسفي، فن ۽ ڪلام تي ڳالهائيندو هو ته ٻڌندڙن تي مستي طاري ٿي ويندي هئي ۽ سڄي محفل وجد جي ڪيفيت اختيار ڪندي هئي. گرامي صاحب پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ بيحد دلچسپ ماڻهو هو. خوش مزاج، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ مجلس جو مور هوندو هو. سندس عام زندگي پڻ فقيرانه هئي. سندس رهڻي ڪهڻي نهايت سادي ۽ سلوڻي هئي. اجائي ڏيک ۽ مصنوعي نٽ نانگر کان پري قلندر قسم جو ماڻهو هو. جنهن به مجلس يا ڪچهريءَ ۾ هوندو هو اتي رنگ لايو ويندو هوندو هو. سندس طبيعت جي خلاف ڪا ڳالهه هوندي هئي. ته ڪوشش ڪندو هو ته ان کي کل خوشيءَ ۾ درگذر ڪري ڇڏجي. هن جي شخصيت ۾ عجيب محبوبيت هئي، جنهن به ساڻس هڪ ڀيرو ڪچهري ڪئي، اهو سندس قرب ۾ ڪڙجي ويندو هو. سندس دوستن، مداحن ۽ شاگردن جو وڏو حلقو ڦهليل هوندو هو. ڊاڪٽرن، عالمن، اديبن، شاعرن، سياستدانن، دانشورن ۽ ڳاڻن کان ويندي عام ماڻهن تائين، ان ۾ هر طبقي جا ماڻهو شامل هئا. پاڻ ڪنهن به موضوع تي في البديهه ڪلاڪن جا ڪلاڪ پرمغز ۽ معنيٰ خيز گفتگو ڪندو هو. سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ گرامي صاحب جيڪي ڪوششون ورتيون يا سنڌي ادب لاءِ جيڪو عملي تحقيقي ڪم ڪيو ان جي اعتراف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. گرامي صاحب سنڌ جي تاريخ تي لکيو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ لکيو ۽ آخري وقت تائين لکندو رهيو. سچ ته گرامي صاحب جي شخصيت ۽ علميت تي جيترو لکجي ٿورو آهي. سندس علمي، ادبي، ثقافتي ۽ صحافتي خدمتن کي جيترو ساراهجي، اهو گهٽ آهي. سندس صحبت ۽ بلند اخلاقيءَ جو جيترو بيان ڪجي، اهو به اٿورو آهي. آخر سنڌ جي هن عظيم انسان، عالم، اديب، شاعر، دانشور، محقق، نقاد، تعليمي ماهر مولانا غلام محمد گرامي 15 سيپٽمبر 1976ع اربع ڏينهن منجهند جو ٻين وڳي 21 رمضان المبارڪ 1397هه جي بابرڪت ۽ پلاري مهيني ۾ حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. سندس مزار حيدرآباد ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي ۽ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي مزار ڀرسان آهي.

# يڪتاري ۽ چپڙي جي بي تاج بادشاهه

## جلال چانڊيو جون ساروڻيون

حبيب الرحمان چنو

موهن جو دڙو ۽ هڙپا جي قديمي آثارن مان پتو پئي ٿو ته جهڙي ريت پنج هزار سال کان وڌيڪ قديم تهذيب رکندڙ سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو تڏهن به سموري دنيا ۾ جديد دور واري زندگي گذاريندا هئا. اهڙي طريقي سان هميشه پيار، محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏيندڙ صوفين، درويشن ۽ اوليائن جي ڌرتيءَ جي ماڻهن جو موسيقيءَ سان لڳاءُ به ايترو ئي پراڻو آهي. اڄ کان 5 هزار سال اڳ سنڌ ۾ جيئن هنر ۽ فن جي ٻين شعبن ۾ ترقي ٿي، تيئن راڳ ۽ رقص جو فن پڻ اوج تي هوندو هو انهن کي فن جو ايترو ته ذوق ۽ شوق هوندو هو جو راڳ ۽ رقص ڪندڙن جا مجسما ناهيائون. موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي قديم آثارن جي کوٽائيءَ مان جتي روز مرهه جي زندگيءَ سان جڙيل ڪيترين ئي شين مليون، اتي فن سان واڳيل ماڻهن جا مجسما به هٿ آيا. انهن شاهدين مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جي ماڻهن کي هميشه فن ۽ موسيقيءَ سان لڳاءُ رهيو آهي. هتان جا ماڻهو فنڪارن جو قدر ڪندڙ آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته سنڌوءَ جي وهڪرن جيان فني دنيا ۾ اٿل پٿل رهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ثقافت کي نقصان پهچائڻ لاءِ ماضي جي مختلف دورن ۾ ڌارين جون ڪاهون رهيون. پر سنڌ ڌرتي ذرخيز هئڻ ڪري وري وري هزارين فنڪارن ۽ تخليقڪارن کي جنم ڏنو. اهڙن ئي فنڪارن مان هڪ يڪتاري ۽ چپڙيءَ جو بي تاج بادشاهه جلال چانڊيو پڻ آهي. جنهن هميشه پنهنجي فن ذريعي سنڌ واسين جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪئي ۽ چئن ڏهاڪن تائين موسيقيءَ جي دنيا تي راڄ ڪيو.

سنڌ جي سريلي راڳي جلال چانڊيو 10 آگسٽ 1944ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ڦل شهر ۾ جنم ورتو سندس والد حاجي فيض محمد چانڊيو چوپائي مال جو واپار ڪندو هو جلال چانڊيو کي ٻاروتڻ ۾ اسڪول موڪليو ويو پر تعليم سان سندس لڳاءُ تمام گهٽ هو جنهن ڪري والد کيس پرواري شهر نوان جتوئي ۾ درزڪو ڪم سکڻ لاءِ ڇڏيو پر موسيقيءَ جو ڀوت سوار هئڻ ڪري انهيءَ ڪم سان به سندس دل نه لڳي ۽ اتان ڇڏي واپس گهر موٽي آيو. جلال چانڊيو جي گهر جو ماحول مالوند ماڻهن وارو هو تنهن ڪري ٻڪريون چارڻ دوران ڪاٺيون ۽ ٺڪريون ڪٽي وڄائيندو وتندو هو ۽ سندس ڳائڻ وڄائڻ وارو شوق وڌي ويو. جلال چانڊيو ٻهريون پيرو ڳوٺ پرسان مزار تي ميلي جي موقعي تي هڪ پروگرام ۾ ڳايو ته ماڻهن کي سندس ڳائڻ وارو انداز تمام گهڻو پسند آيو ميلي مان سندس گهر واپسيءَ بعد ڳوٺ جي ڪيترن ئي ماڻهن سندس والد سان جلال جي پرفارمنس جي ساراهه ڪئي، سندس سنگيت سان جنون کي ڏسندي مائٽن به کيس ڳائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. جلال چانڊيو شروعاتي طور تي سائينداد چانڊيو کان تربيت حاصل ڪئي، ان کانپوءِ فقير احسان علي ۽ بعد ۾ باقاعدگيءَ سان سکيا فقير علي گل مهر کان حاصل ڪئي. جيڪو



صوفي ڳائڻو هو يڪتارو ۽ چپڙي وڄائيندو هو. جلال چانڊيو فقير علي گل کان ڳائڻ سان گڏوگڏ يڪتاري ۽ چپڙي جو فن به سکيو. يڪتارو هڪ تار وارو ساز آهي. جيڪو ساڄي هٿ ۾ جهلي هڪ آڱر سان وڄايو ويندو آهي ۽ چپڙي ۾ ڪاٺيءَ جا به ٽڪر هوندا آهن. جن سان گهينگهرا ٻڌل هجن ٿا، اها کاٻي هٿ سان وڄائي ويندي آهي. جلال چانڊيو هميشه يڪتاري ۽ چپڙي سان ڳائيندو هو جنهن ڪري ڳائڻ دوران موسيقيءَ جي سرن جيان سندس سموري جان رقص ڪندي نظر ايندي هئي. يڪتارو وڄائڻ واري کي يڪتاري پوتو به چوندا آهن. ڳائڻ جو اهو انداز صوفي آستانن ۽ مزارن تائين محدود هو پر

جلال چانڊيو ان کي جهر جنگ تائين مشهور ڪري ڇڏيو.

جلال چانڊيي جو نه ڪنهن گلوڪار گهراڻي سان تعلق هو ۽ نه ئي هُن ڪڏهن ڪنهن ڪلاسيڪل راڳي کان سکيا حاصل ڪئي، انهيءَ دور ۾ ميلي جي موقعي تي ٿيٽر ڪرڻ واري روايت هوندي هئي، ماڻهو ٽڪيٽ حاصل ڪري محفل ۾ شرڪت ڪندا هئا. سنڌ ۾ پنجاب جا گلوڪار عنايت حسين ڀٽي ۽ عالم لوهار اڪثر ميلن ۾ اچي ڳائيندا هئا پر جلد ئي جلال شهرت ماڻي ورتي، ٿيٽر ڪمپنين لاءِ پنهنجو پروگرام ڪامياب بڻائڻ لاءِ جلال چانڊيو جون خدمتون حاصل ڪرڻ مجبوري بڻجي ويو. هڪ پيري جي روايت آهي ته خيرپور ناٿن شاهه ۾ جڙيل شاهه جي ميلي ۾ پهريان اناؤنسر ببر شير جي نالي سان مشهور گلوڪار عنايت حسين ڀٽي کي اسٽيج تي گهرايو. بعد ۾ جلال جو وارو آيو ته اناؤنسر اعلان ڪيو ته سنڌ جو ببر شير هي اٿئي ته سيني ماڻهن اٿي بيهي سندس استقبال ڪيو. انهيءَ زماني ۾ اڃا ڪيسٽن جو دور نه آيو هو، ماڻهو هوٽلن ۾ گرامو فون تي ڪلام ٻڌندا هئا. جيڪو هر ڪنهن ماڻهوءَ جي پهچ تائين نه هو. ستر واري ڏهاڪي ۾ آڊيو ڪيسٽس عام ٿيون ته جلال چانڊيو جي مقبوليت به جهر جهنگ تائين عام ٿي وئي. جلال چانڊيو جي مقبوليت عروج تي هئڻ ڪري ڪيسٽس رڪارڊز بزنس ڪرڻ شروع ڪيو ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انهيءَ ڪاروبار کي بي پناهه هٿي ملي. سنڌ ۾ پهريان پنجاب جي فنڪارن سان گڏ پارٽي گلوڪارن لتا منگيشڪر، ڪشور ڪمار ۽ ٻين کي مقبوليت حاصل هئي جلال چانڊيو ايندي ئي سنڌ جي ماڻهن انهن سيني کي ٻڏڻ ڇڏي ڏنو ۽ هو مقبول براند بڻجي ويو. جنهن کي هر هنڌ ٻڌو ويندو هو. ڪيسٽن جي دنيا ۾ مقبوليت ڪانپوءِ ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيلي ويزن تي جلال چانڊيو کي گهرايو ويندو هو، جتي ڪيترائي ڀيرا هن انٽرويو به ڏنا.

جلال چانڊيو سنڌي سان گڏوگڏ سرائڪي، براهوي، بلوچي، اردو ۽ پنجابي ٻولين ۾ به ڪيترائي گيت ڳايا. جلال چانڊيو جتي ڪيترن ئي غير معروف شاعرن کي سڃاڻپ ڏني، اتي هُن شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، صوفي صادق حسين سميت ٻين صوفي شاعرن کي به ڳايو. جلال چانڊيو سموري دنيا ۾ مقبول فنڪار بڻجي ويو ۽ هن ڪيترن ئي ملڪن جا دورا پڻ ڪيا. جلال چانڊيو وٽ اڻ پڙهيل هئڻ ڪري ڪلاسيڪل راڳين ۽ ڳائڻ جيان ڊائري نه هوندي هئي، سندس خاصيت اها هئي ته ڪيس هزارين ڪلام زباني ياد هوندا هئا. جلال چانڊيو اصطلاحن ۽ محاورن ۾ استعمال ٿيندڙ چلي، ٽوپي، رومال ۽ هارن جهڙين شين تي عام شاعري ڳائي، هن حسن ۽ محبت جي اظهار کي آسان لفظن ۾ بيان ڪيو. مطلب ته جلال چانڊيو گهڻي ڀاڱي عام ماڻهن جي شاعري کي ڳايو ۽ عام ماڻهن جي ئي احساسن ۽ جذبن جي ترجماني ڪئي. هن ٽريڪٽر ٽرالي ڊرائيورن تي هڪ گيت ڳايو جيڪو ٽريڪٽر وارا پنهنجي زماني ۾ وڏي شوق ۽ ذوق سان وڏي آواز ۾ ٻڌندا هئا. وقت گذرڻ سان گڏ جلال چانڊيو نوجوانن جي دلين جي ڌڙڪن بڻجي ويو ۽ اهڙا قصا به ٻڌڻ لاءِ ڪوڙ ملن ٿا ته ڪنهن رڳو انهيءَ ڪري شادي جي حامي ڀري ته جلال چانڊيو کي سندس شاديءَ ۾ گهرايو ويندو. شادين جي سيزن ۾ جلال چانڊيو وٽ ماڻهن جي رش لڳل هوندي هئي، هُو جنهن تاريخ جي پڪ ڏيندو هو اها ئي تاريخ شاديءَ لاءِ مقرر ڪئي ويندي هئي. جلال چانڊيو جنهن شاديءَ تي ويندو هو ته اتي دعوت کان به ماڻهن جو انگ تمام گهڻو وڌي ويندو هو، جنهن ڪري ميزبان لاءِ صورتحال مشڪل بڻجي ويندي هئي.

سنڌ اندر جلال چانڊيو جي مقبوليت جي عروج وارو دور جنرل ضياءَ الحق جي آمريت وارو دور هو، سياسي جدوجهد، گرفتارين ۽ ڪوڙن وارين سزائون عام هيون. انهيءَ دور ۾ جلال چانڊيو پاڻ کي مزاحمتي ڪلچر کان ڌار نه ڪيو، سندس ڪيسٽن ۾ سنڌ سان محبت جا گيت شامل ٿيندا هئا، مطلب ته سندس مقبوليت گهڻ رخي هئي. جلال چانڊيو پنهنجي ننڍپڻ مالوند گهراڻي ۾ گذاري هئي، ان ڪري هن وٽ اتم نسل جون مينهون، گهوڙا ۽ ڪڪڙ هوندا هئا. جلال چانڊيو سنڌ جو پهرين ۽ آخري فنڪار آهي، جنهن تي فلم ٺاهي وئي، جنهن ۾ هن اداڪاري ڪئي، ان سان گڏ فلم ۾ مصطفيٰ قريشي، مشتاق چنگيزي ۽ ٻيا فنڪار ڪاسٽ ٿيا، هن فلم ۾ پنج جي لڳ ڀڳ سندس ڳايل ڪلام به شامل هئا، اها فلم سپر هٽ ٿي. جلال چانڊيو پنهنجي زندگيءَ ۾ ٽَي شاديون ڪيون، آخري ڏينهن ۾ گڙدن جي تڪليف ۾ مبتلا ٿي ويو، پهريان ڪيس حيدرآباد ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ داخل ڪيو ويو. سنڌ جو هي سريلو راڳي 10 جنوري 2001ع تي هميشه لاءِ اسان کان وڇڙي ويو، سندس آخري ديدار لاءِ هزارين ماڻهو پهتا. جلال چانڊيو کانپوءِ روبينا حيدري ۽ تاج مستاني سميت ڪيترن ئي فنڪارن يڪتارو ۽ چپڙي وڄائي گلوڪاري ڪئي پر سندس جهڙو براند ٻيو پيدا نه ٿيو جنهن سنڌ کي فن ۽ فنڪاريءَ کي هڪ ڀيرو ٻيهر عروج بخشي ڇڏيو. جلال چانڊيو جي نالي سان منسوب ننڍو جلال، آخري جلال، گرم جلال، جگر جلال سميت ڪيترائي ڳائڻا سامهون آيا آهن، جن ۾ سندس پٽ دلبر جلال به شامل آهي پر شايد جلال چانڊيو جو خال موسيقيءَ جي دنيا ۾ ڪڏهن به پُرجي نه سگهي.

# قومن جي عروج ۽ زوال جا سبب

نعمت الله سومرو

هن دنيا کي ان جي جوڙيندڙ مختلف علائقن ۽ خطن ۾ ورهايو آهي. انهن علائقن، پرڳڻن ۽ خطن جي رهاڪن کي قدرت طرفان مختلف مندون، آبهوا، جبل، نديون، چشما، معدنيات ۽ ٻيون نعمتون عطا ڪيون ويون آهن، جيڪي ڪين هڪ ٻئي کان ڌار رهي گذر سفر ڪري اڳتي وڌڻ جو سبب بڻجن ٿيون. قدرت هر خطي کي پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ ثقافت پڻ عطا ڪئي آهي جيڪا ڪيس ٻين کان منفرد ۽ ممتاز بڻائي ٿي. قدرت جي اهڙي ورڇ جي بنياد تي هڪ خطي جي رهاڪن کي "قوم" سڏيو وڃي ٿو جيڪي قومون دنيا جي اندر قدرت جي قانون تي عمل ڪرڻ سبب دنيا اندر علم توڙي عمل، مال دولت توڙي معاشرت، تهذيب ۽ تمدن جي حوالي سان عزت ۽ آبرو ماڻين ٿيون اهي عروج تي پهتل قرار ڏنيون وڃن ٿيون ۽ انهن نعمتن کان محروم قومون زوال ۽ پستيءَ مائل قرار ڏجن ٿيون. قومن جي عروج ۽ زوال جي سببن تي مختلف ڏاهن ۽ فلسفين پنهنجي پنهنجي سمجهه، علم، تجربي ۽ مشاهدي آڌار ڪي نتيجا ڪڍيا آهن ۽ انهن تي نهايت تفصيل سان لکيو آهي انهن ۾ ابن خلدون، ويچو، ڪانٽ، هيگل، ڪارل مارڪس، شپنگلر، ٽائن بي خاص طور ذڪر جوڳا آهن.

1_ابن خلدون: عظيم فيلسوف ۽ تاريخدان ابن خلدون (1332ع_1406ع) قومن جي عروج، سالميت ۽ ڪاميابيءَ جو بنياد "عصبيت" تي رکيو آهي. عصبيت مان ابن خلدون جي مراد اها سگهه آهي جيڪا ڪنهن گروهه يا قوم ۾ محبت، ٻڌي ۽ يڪجهتيءَ جا شديد احساس پيدا ڪري ان کي منظم ڪندي آهي ۽ ان سگهه جي کوٽ سبب قوم ۾ انتشار پيدا ٿيندو آهي، جيڪو ان جي زوال جو سبب بڻبو آهي. عصبيت کي قائم رکڻ ۾ مذهب ۽ ٻيا فڪري ۽ تهذيبي عنصر اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. ابن خلدون جو چوڻ آهي ته جڏهن ڪنهن قوم جو اقتدار تي قابض گروهه ملڪ جي اڪثر وسيلن تي قبضو ڪري وٺي ٿو ته ٻين طبقن ۾ بي چيني پيدا ٿيندي آهي ۽ اهي حڪمران گروهه سان ٽڪراءُ ۾ ايندا آهن، جنهن ڪري مجموعي طور قوم جي عصبيت ۽ سالميت کي ڌڪ لڳندو آهي جنهن جو نتيجو قوم جي شڪست ۽ زوال جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. ابن خلدون جي نظر ۾ جيئن انسان ننڍپڻ، جواني ۽ پيريءَ جي مرحلن مان گذرندو آهي اهڙيءَ طرح قومون پڻ انهن مرحلن مان لنگهنديون آهن ۽ اهي مرحلا ٽن پيڙهين ۾ طئي ٿيندا آهن. قومن جي عروج کان پوءِ قومن جي ضعيفي ۽ زوال لازمي آهي ان جو سبب ذهني انتشار به ٿي سگهي ٿو ته معاشي چڪتاڻ پڻ.

2_ويچو: اٽليءَ ۾ پيدا ٿيندڙ مفڪر ويچو(1668ع_1744ع) جو چوڻ آهي ته قومون مختلف مرحلن مان گذرن ٿيون. ڪا قوم پهرين مرحلي ۾ حيوانيت جي سطح تي هوندي آهي. سندس عقل ۽ شعور جانورن کان ٿورو بهتر هوندو آهي. ٻئي درجي ۾ اها قوم مافوق الفطرت عنصرن يا ديوتائن جي خوف جي اثر هيٺ هوندي آهي. ان ڪانپوءِ بااثر قبيلن جا سردار گروهه بنديون ڪندا آهن ته جيئن اندرين ۽ ٻاهرين خطرن جو مقابلو ڪري سگهجي. هن مرحلي ۾ قوم مٿئين ۽ هيٺئين طبقي ۾ ورهائجي ويندي آهي. هيٺئين طبقي جا ماڻهو محسوس ڪندا آهن ته مٿئين طبقي جا فرد سندن استحصال ڪري رهيا آهن. ان طبقاتي چڪتاڻ جي نتيجي ۾ آخرڪار هيٺئين طبقي جي ماڻهن کي ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي ۽ اهڙيءَ ريت "عام ماڻهن جو دور" ايندو آهي. هن دور ۾ قوم جي سيني فردن کي لڳ ڀڳ هڪجهڙا حق حاصل ٿي ويندا آهن. اهو قوم جو عروج وارو دور هوندو آهي. ان ڪانپوءِ قوم ۾ بدديانتي پيدا ٿي پوندي آهي جنهن ڪري قوم انتشار جو شڪار ٿي ويندي آهي ۽ وري زوال ۽ حيوانيت جي سطح تي ايندي آهي.

3_ڪانٽ: ايمينوئل ڪانٽ (1724ع_1804ع) اهو نظريو پيش ڪيو ته تاريخ هوريان هوريان ظلم ۽ استحصال کان عدل ۽ برابريءَ ڏانهن وڌي رهي آهي. انسان ۾ ڪجهه لڪل صلاحيتون موجود آهن جيڪي هوريان هوريان ظاهر ٿي رهيون آهن. انسان کي عدل ۽ انصاف جي ضرورت جو احساس ٿي رهيو آهي. سڀ انسان ذهني طور برابر ناهن

پر هر انسان کي سندس صلاحيتن کي نشونما ڏيڻ جو موقعو ملڻ گهرجي.

4ـ هيگل: هيگل (1770عـ 1830ع) جي تاريخ بابت فلسفي ۾ "جدليات" کي خاص اهميت حاصل آهي. ان مطابق اهو هڪ پراڻو نظريو آهي ته هر شئي پنهنجي ضد سان سڃاتي ويندي آهي، روشنيءَ جو تصور تڏهن ئي سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو جڏهن اونده جو تصور ڪجي. جيڪڏهن ڏک جو وجود نه هجي ها ته خوشيءَ جو تصور نه ڪري سگهجي ها. محبت جو تصور نفرت جي مدد سان سمجهه ۾ اچي ٿو. هيگل چوي ٿو ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته هر تصور محدود يا اڻپورو آهي. جيئن اونده کانسواءِ روشنيءَ جو تصور نٿو ڪري سگهجي تنهن ڪري روشنيءَ جو تصور محدود يا اڻپورو ٿيو. ان مان نتيجو اهو نڪتو ته ڪو به تصور تڏهن ئي مڪمل ٿئي ٿو جڏهن ان جو ضد پڻ موجود هجي. ٻي اهم ڳالهه اِها ته هر تصور هڪ حد کان لنگهي پنهنجي نفي ڪري ٿو ۽ پنهنجو ضد پيدا ڪري ٿو. روشني هڪ حد کان وڌي اونده جي مترادف بڻجي پوي ٿي، چاڪاڻ ته حد کان وڌيڪ روشني ڏڪوئيندڙ ٿي پوندي آهي. سُور حد کان وڌيڪ دوا بڻجي پوندو آهي، حقن جي حفاظت هر انسان جو فرض آهي پر جڏهن اهو حد کان وڌي ويندو آهي ته اهو خودغرضي بڻجي پوندو آهي. اهڙيءَ ريت پنهنجي حقن جي حفاظت جو حد کان وڌيل تصور ٻين جي حقن کسڻ جي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي. اهڙيءَ ريت آزادي حد کان وڌي ٻين لاءِ پريشانيءَ جو سبب ۽ اها خير بدران شر بڻجي پوندي آهي. جڏهن مثبت تصور منفي بڻجي پوندو آهي ته ان کانپوءِ هڪ ٽين منزل ايندي آهي جنهن کي عمل (Thesis)۽ ردعمل (Anti Thesis)جو ميلاپ (Synthesis)چوندا آهن. ان عمل کي مثالن وسيلي ڪنهن حد تائين سمجهي سگهجي ٿو. ٻن متضاد شين يا قوتن جي ملڻ سان هڪ ٽين شئي جو وجود ۾ اچڻ جنهن ۾ پهرين ٻن شين جون خوبيون پڻ موجود هجن هڪ عام مشاهدي جي شئي آهي. بجليءَ جو مثبت وهڪرو ۽ منفي وهڪرو گڏجي بجلي ٺاهيندا آهن جنهن ۾ مثبت ۽ منفي ٻئي خوبيون هونديون آهن.

هيگل جو چوڻ آهي ته انساني تاريخ پڻ واقعن جي عمل ۽ ردعمل جي ميلاپ جو نالو آهي. اهڙي ريت شخصيتون ۽ انقلاب پڻ تاريخي عمل ۽ ردعمل تي ٻڌل واقعن ۽ حالتن جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيندا آهن. اهڙيءَ ريت ڪا به شيءِ، ڪو به تصور ۽ ڪو به واقعو هڪ هنڌ بيٺل يا جامد نه هوندو آهي. هر شئي چرپر ۽ حرڪت ۾ هوندي آهي. هر تاريخي واقعو هڪ گذريل واقعي جو نتيجو هوندو آهي ۽ ايندڙ واقعي جو پيش خيمو پڻ. ڪا به شئي آخري نه هوندي آهي، نه ڪنهن قوم جو عروج سدائين رهندو ۽ نه زوال سدائين رهندو. پر هيگل جي نظر ۾ ان جو نتيجو اهو ڪونهي ته انسان يا ڪا به قوم عروج ۽ زوال جي باري ۾ مجبور آهي. سندس چوڻ آهي ته انسان آزاد آهي پر سندس آزادي تڏهن ئي نتيجه خيز ٿي سگهي ٿي جڏهن هُو ڏکيائين ۽ ناسازگار حالتن جو مقابلو ڪرڻ جي قابل هجي ۽ جڏهن هُو رڪاوٽن کي دور ڪري سگهي. هيگل جي نظر ۾ تاريخ جو عمل ۽ قوم جي زندگي تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن جديد قديم جي جاءِ وٺندو آهي. هڪ تصور يا واقعو ارتقا ڪري پنهنجي نفي ڪري ۽ ان نفيءَ کانپوءِ ٻيو مثبت تصور يا واقعو ظاهر ٿئي. اهڙيءَ ريت عمل ۽ ردعمل جو سلسلو جاري رهي. جتي ايئن نٿو ٿئي اتي تاريخ جي چرپر ۽ حرڪت رڪجي ويندي آهي. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته جيڪي قومون تاريخ جي ان چرپر ۽ حرڪت ۾ حصو نه وٺنديون آهن انهن کي تاريخ نظرانداز ڪري اڳتي وڌي ويندي آهي.

5ـ ڪارل مارڪس: ڪارل مارڪس (1818عـ1883ع) انسان ذات جي بنيادي ضرورتن بابت بحث ڪري ٿو. سندس مطابق انسان جي هڪ بنيادي ضرورت هيءَ آهي ته هُو پاڻ زنده رهي، ٻي ضرورت هيءَ آهي ته سندس نسل زنده رهي. پوءِ سندس روحاني، جذباتي ۽ تهذيبي ضرورتون پڻ اهم آهن پر سڀ کان وڌيڪ بنيادي ضرورت ته هيءَ آهي ته هُو پاڻ زنده رهي. جيڪڏهن هُو زنده نه رهندو ته سندس نسل، روحاني عرفان ۽ تهذيبي ترقي وغيره جي نوبت ڪيئن ايندي. زنده رهڻ لاءِ غذا ۽ ڪاڏي جي ضرورت آهي. قديم دور ۾ غذا فقط ڪاڏي تائين محدود هئي جديد دور ۾ ٻيون مادي ضرورتون پڻ غذا جيترين ئي اهم بڻجي ويون آهن. مسئلو هيءُ آهي ته جيڪي ماڻهو مادي ضرورتن جي پئداوار عمل ۾ آڻين ٿا انهن کي سندن پيدا ڪيل شين جي نفعي مان ملي چا ٿو؟ ڪين جيڪو ڪجهه ملي ٿو ان کانسواءِ وارو واڌو نفعو سرمائي جي صورت اختيار ڪري وٺي ٿو جيڪو اهڙن ماڻهن وٽ پهچي ٿو جيڪي ان جي پيدا ڪرڻ جي عمل ۾ ڪو به حصو نٿا وٺن پوءِ به هُو ان مان لاڀ ماڻيندا رهن ٿا. ڪين اهو حق حاصل آهي يا نه؟ انهيءَ صورتحال سان ٽڪراءَ ۽ اڻ برابري پيدا ٿئي ٿي.

(هلندڙ)

# اٺون اياز ميلو

## هڪ اهم علمي ادبي ثقافتي سرگرمي

**علي محمد سومرو**

سال جو آخري مهينو ڊسمبر، ياد ڏياريندو آهي ڌرتيءَ جي ان مهان ڪوي شيخ اياز جي، جيڪو ماضيءَ وانگر اڄ به نوجوانن جي اتساهه جو وڏو وسيلو ۽ ايندڙ دور جو اڳواڻ شاعر آهي. شيخ اياز جيڪو اڄ کان پنجويهه سال اڳ 28 ڊسمبر 1997 ع تي پنهنجي پيارن کان وڇڙي ويو پر هن جي پيارن ڪڏهن به ڪيس پنهنجي دل کان ڌار نه ڪيو آهي.

هونئن ته سندس ورسيءَ جي ڏهاڙي تي سندس اباڻي شهر شڪارپور سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ميڙاڪا ۽ تقريبون ڪونائي ڌرتيءَ جي هن دادليَ شاعر کي پيٽا پيش ڪئي ويندي آهي پر گذريل اٺن سالن کان حيدرآباد ميوزم جي آڏو جوڙايل عورتن جي ادبي پليٽ فارم ” خانه بدوش رائيٽرز ڪيفي“ پاران 23 ڊسمبر کان 25 ڊسمبر تائين، 3 ڏينهن مهان ڪوي شيخ اياز جي نالي سان ميلو مچايو ويندو آهي ۽ هن سال به اهو ساڳي ريت ٽي ڏهاڙا جاري رکيو ويو.


هر سال جيان هن سال به ميلي جو افتتاح ثقافت کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه هٿان ٿيو جڏهن ته ان موقعي تي اوقاف کاتي جو سيڪريٽري منور علي مهيسر، نامياري صحافڻ عاصما شيرازي، خانه بدوش رائيٽرز ڪيفي جون منتظمين عرفانا ملاح، امر سنڌو ۽ ٻيا سرڪاري ڪامورا، اديب ۽ شاعر موجود هئا. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه سنڌ يونيورسٽي جي آرٽ اينڊ ڊزائين شعبي جي پروفيسر نعمت الله خلجي ۽ سعيد منگي سان گڏجي سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين پاران شيخ اياز جي تصويري نمائش جو پڻ افتتاح ڪيو.



تقريب جي شروعاتي سيشن ۾ پلوڙ ليڪڪ، شاعر ۽ صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه، ڊراما نويس، ليکڪا نورالهديٰ شاهه، برک صحافڻ عاصما شيرازي، دانشور جامي چانڊيو، عرفانا ملاح ۽ ٻين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ اياز ميلي جي اهميت ۽ افاديت تي پنهنجا پنهنجا ويچار ونڊيا . ان موقعي تي ڳالهائيندي سردار علي شاهه جو چوڻ هو ته اڻون اياز ميلو منعقد ڪرڻ ان ڳالهه جو دليل آهي ته اسان جو معاشرو هاڻي ڪنهن به انتها پسندي ۽ رجعت پسندي کي سختي سان رد ڪري ٿو ۽ هي ماڻهو هاڻي قوم جي اڏيندڙن، علم ۽ ادب کي عام ڪندڙن کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏين پيا ۽ هنن ميلن ۾ شرڪت ڪري انهن کي پنهنجي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪن ٿا ۽ معاشري ۾ محبت، پيار ۽ امن جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ هو نڪري پيا آهن .

عاصما شيرازي جو چوڻ هو ته اها اسان جي بدقسمتي آهي جو شيخ اياز کي سنڌ کان سواءِ پنجاب سميت ڪنهن به ٻئي صوبي ۾ ايترو پڙهيو يا سڃاتو نه ٿو وڃي، پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شيخ اياز کي سنڌي سميت ٻين ٻولين ۾ به عام ڪيو وڃي ته جيئن ٻين صوبن جا ماڻهو به کيس پڙهي ۽ سمجهي سگهن.

منور مهيسر جو چوڻ هو ته گهٽ ٻوسٽ ۽ مايوسين واري ماحولَ ۾، خاص ڪري سياسي ۽ ادبي گهٽ ٻوسٽ ۾ اياز ميلي جهڙا ميلا اتساهه جو وڏو سبب آهن . جن جي ذريعي ماڻهو هڪ جاءِ تي گڏ ٿين ٿا، ۽ ادبي ماحول کان مانوس ٿين ٿا، هتي کين ڪتابن جي دنيا به ملي ٿي ته سرن جي صورت ۾ راڳ رهاڻ جون محفلون به کين سڪون بخشن ٿيون .



اياز ميلي ۾ علي عابد سومرو ۽ ناميارو سنڌي اديب ادل سومرو

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ نامياري اديب تاج جويو جو چوڻ هو ته شيخ اياز سنڌ جي ماضي، حال، مستقبل ۽ مستقبل جي مستقبل جو به شاعر آهي. اياز سنڌ جي اها ساڃاهه آهي جنهن موهن جي دڙي جي تهذيب کان جنم ورتو.

23 ڊسمبر تي شروع ٿيندڙ اياز ميلو 25 ڊسمبر 2022 تائين جاري رهيو. خانه بدوش ڪيفي جي ٻاهران سجايل پِنڊال ۽ ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ ٽئي ڏهاڙا شيخ اياز جي شخصيت، شاعري ۽ ان جي همعصرن بابت مختلف سيشن ڪرايا ويا، ان موقعي تي آيل نوَن ڪتابن جو مهورت پڻ ڪيو ويو. جڏهن ته امداد حسيني جي حوالي سان به هڪ سيشن ڪرايو ويو جنهن ۾ سحر امداد سميت نصير مرزا ۽ ٻين کيس ڀيٽا پيش ڪئي . ميلي ۾ مادري ٻولين بابت به هڪ سيشن ڪوٺايو ويو جنهن جو ماڊريٽر ممتاز بخاري هو. ميلي جي آخري ڏينهن تي مشاعرو به ڪرايو ويو جنهن ۾ به سنڌ جي ناليوارن شاعرن پنهنجي شاعري پڙهي داد ورتو.

ٽئي ڏينهن، ميلي جو خاص سيشن

موسيقي ٿي رهيو جنهن ۾ پهرين ڏينهن تي سريلي راڳي مانجهي فقير، نزاڪت فقير، ديبا سحر، عباس فقير ۽ ٻين پنهنجي سرن جي ورڪا سان ويٺلن کي جهومائي ڇڏيو. ٻئي ۽ ٽئين ڏينهن تي رجب فقير، شفيع فقير، سيف سميجو، ذوالفقار علي، مظهر حسين شيخ اياز جا نوان ۽ پراڻا گيت ڳائي محفل کي گرمائي ڇڏيو جڏهن ته ترڪان آيل هڪ نينگري اياز گل جو گيت ”توڪان ٿيندي ڏار“ ڳائي محفل ۾ ويٺلن کي روئاري ڇڏيو.

ان موقعي تي ميلي ۾ علم ۽ ادب سان چاهه رکندڙن لاءِ سڀ کان وڌو تحفو ڪتابن جي صورت ۾ موجود هو. جيڪي مختلف پبلشرز پاران لڳايل اسٽالن تي رکيا ويا هئا جن ۾ شيخ اياز جي سنڌي ۽ اردو ڪتابن سان گڏ شيخ اياز جي شاعري ۽ سندس شخصيت بابت ٻين اديبن، محققن، شاعرن ۽ ليکڪن جا ڪتاب به موجود هئا. ان کان سواءِ ميلي جي موقعي تي شايع ٿيل نوان ڪتاب ۽ مختلف موضوعن تي سنڌي،اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ۾ پڻ ڪتاب موجود هئا. ڪتابن جا اسٽال لڳائيندڙ پبلشرز جو چوڻ هو ته اياز ميلي جي موقعي تي ڪتابن جو رڪارڊ وڪرو ٿئي ٿو جنهن مان اهو اندازو لڳائڻ آسان آهي ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ٻولي، علم ۽ ادب سان ڪيترو پيار ڪن ٿا ۽ انهن جي پنهنجي ادب سان ڪيتري وابستگي آهي.

ٽن ڏهاڙن واري هن اياز ميلي جي موقعي تي سنڌ ميوزيم جي هڪ پاسي کان شيخ اياز جي تصويرن جي هڪ نمائش پڻ لڳائي وئي هئي جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين جي شاگردن، شاگردياڻين ۽ پروفيسر سعيد منگي پاران ٺاهيل شيخ اياز جون تصويرون ماڻهن جي ڌيان جو مرڪز رهيون. ميلي ۾ آيل نوجوان ۽ نارين اياز جي تصويرن سان بيهي سيلفي وٺڻ ۾ رڌل رهيون.

ان موقعي تي هٿ جي هنر، تري لباس، مختلف قسم جي جنڊي،ڪاٺ ۽ مٽيءَ




جي ٿانون ۽ شين جا اسٽال پڻ لڳايا ويا هئا هتي ڪجهه اهڙا اسٽال به هئا جتي ڪاريگر عورتون ۽ مرد پرت، ڪپڙي اٽڻ، سبڻ ۽ مختلف شيون ٺاهڻ جي ڪم ۾ رڌل پئي نظر آيا،انهن جي سامهون ئي اسٽيج تي سنڌ جي لوڪ راڳ ۽ سازن ۽ سرن جو سنگم به جاري هو. ان موقعي تي شهيد الله بخش يونيورسٽي آف آرٽ اينڊ هيريٽيج ۽ سنڌ يونيورسٽي جي آرٽ ڊپارٽمينٽ جي شاگردن پاران به پينٽنگس جي صورت ۾ پنهنجو ڪم نماءُ لاءِ رکيو ويو هو جنهن کي به آيلن پاران وڏي موٽ ملي رهي هئي.

ميلي ۾ ايندڙ ماڻهن جي ڪاڌ پيئڻ لاءِ به انتظاميا پاران اسٽال لڳرايا ويا هئا. جتي برياني، برگر، چاٽ، منرل واٽر، چانهه،ڪافي، بوتل، جوس به هر وقت دستياب هوجنهن ڪري هتي آيل ماڻهن کي کنهن به قسم جي ڪا پريشاني ڪونه هئي. ميلي جي انتظاميا پاران نظم ۽ ضبط کي برقرار رکڻ لاءِ به جوڳا انتظام ڪيا ويا هئا ۽ وڪ وڪ تي بيٺل والنٽيئر آيل مهمانن جي رهنمائي ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي بدانتظامي جا ڪجهه اڻ وڻندڙ واقعا به پيش آيا جيڪي عام طور اهڙن ميلن جو حصو هوندا آهن. ان کان سواءِ ڪجهه مبصرن جي راءِ هئي ته ”اياز ميلي“ ۾ فقط تعريفي تقريرون ڪرڻ بدران اياز جي فن ۽ فڪر تي اڳوات تحقيقي مقالا لکرائي پڙهيا وڃن ها ته بهتر ٿئي ها. ان باوجود مجموعي طور سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز جي شخصيت ۽ فڪر جي ياد ۾ مچايل هيءَ ميڙاڪو پنهنجي مقصد جي حوالي سان هڪ ڀرپور اثرائتو پروگرام هيو.

# سمارٽ فون

(ڪهاڻي)

محمد علي پناڻ

اڌ رات جو عورتاڻي آواز جي ڪيهاٽَ تي اک کُلي وئي. تڙ تڪڙ ۾ بسترو ڇڏي ٻاهر نڪتس. اسٽريٽ لائيٽ جي روشنيءَ ۾ ڏهن ٻارهن مختلف عمرين جي پاڙيسري مردن جي چهرن تي افسوس جو تاثر نمايان هو.

"ڇا ٿيو آ؟" ڪاڪي گلڻ کان پڇيم.

"ناصر جي گهر واريءَ پاڻ تي پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي آ.."

"ڇو؟"

"ناصر جي ننڍي ڀاءُ نصير ڪنهن طرف جلديءَ ۾ ويندي فقط ايترو ٻڌايو ته ناصر جيئن سومهڻيءَ مهل پنهنجي پان ٻيڙيءَ جي مانڊڻي بند ڪري گهر موٽيو ته جوڻس سمارٽ فون وٺي ڏيڻ جو مطالبو ورجايو. جنهن تي ناصر چيس، ته وٽس ڏوڪڙ ناهن. سندس ويم جو قرض لاهي ته پوءِ موبائل وٺي ڏيڻ جي وصيت ۾ ايندو. پر مائيءَ اهو نه مڃيو ۽ ڪيس وڏي آواز ۾ ڪوڙو ڪوڙو چئي، ايمرجنسيءَ ۾ موٽر سائيڪل لاءِ ورتل پيٽرول جي بوتل پاڻ تي هاري تيلي ڏئي ڇڏيائين ۽ هاڻي ڦٿڪي پئي.. "

"اَئي.. "ڏک وچان ايترو مس چيم ته هڪ رڪشا اچي ناصر جي گهر اڳيان بيٺو. جنهن مان نصير لهي گهر اندر ويو ۽ ٽڏي تي بئي پائر دانهون ڪوڪون ڪندڙ سڙيل عورت کي ٻاهر ڪڍي رڪشا ۾ ويهاري، پاڻ ٻه ان سان گڏ شايد اسپتال روانا ٿي ويا.



انهن جي وڃڻ بعد ڪاڪي گلڻ مون ڏانهن مُنهن ڪندي چيو"هن موبائل معاشري ۾ وڏو ڪِنُ ڪيو آ. آهي ناهي، هرڪو چئي ٿو هر صورت ۾ اها هُجي ئي هجي. نه ته زندگي حيرت جي حد تائين ڪُٿَلَ ڪُٿَلَ محسوس ٿو ڪري. واهه ڙي زمانا، واهه الائي ڪاٿئون اها بلا آندئي ۽ هي ڏينهن اچي ڏيکاريئي.. "

"صحيح ٿو چوين ڪاڪا.." ائين چئي گهر موٽيس.

ڏٺم ته گهرواري ۽ ڇهن سالن جو سارنگ ۽ اٺن سالن جي ساران ننڊ مان جاڳي کٽن تي ويٺل هئا، باقي ٻن سالن جي سپاڳي ننڊ پيل هئي.

"اِهي رڙيون زينا جون هُيون نه؟"

گهرواريءَ جي ان سوال تي ڪنڌ لوڏي" هائو" ڪيم، ته سبب پڇيائين.

جنهن جي موٽ ۾ سمارٽ فون جي ان جي مطالبي ۽ پاڻ ساڙڻ جي سربستي ڳاله ٻڌائي مانس، ته اوچتو ساران چيو"بابا، مونکي ٻه اها ٿَڃ موبائل نه وٺي ڏيندين نه، ته مان ٻه آنٽي زينا وانگر پاڻ ساڙي ڏيکاريندي مان ۽..!"




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ ثقافت کاتي پاران سڏايل
موسمياتي تبديليءَ سبب سنڌ جي ورثي کي پيش ايندڙ نون چئلنجز جي موضوع تي ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ثقافت واري وزير سيد سردار شاهه سان گڏ آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ موهن جي دڙي جي
کوٽائيءَ جي صد ساله تقريبن جي موقعي تي مجسمه سازي ۽ مصوريءَ جي نمائش جو افتتاح ڪرڻ جي لاءِ ربن ڪٽي رهيو آهي.

Monthly PAIGHAM Karachi

JANUARY - 2023



## انساني حقن جو عالمي منشور ۽ اسان جون ذميواريون

(خاص ليک اندر پڙهندا)

انسان آزاد ڄائو آهي ۽ اَزل کان ئي آزاد رهيو آهي. آزاد رهڻ سندس فطري ۽ بنيادي حق آهي. هر باشعور انسان شخصي توڙي قومي سطح تي آزادي جو حامي ۽ متوالو هوندو آهي، هن جي نظر ۾ غلامي کان وڌيک ٻي کا لعنت نہ هوندي آهي. غلاميءَ خلاف جنگ جوٽڻ ۽ پنهنجا غضب ٿيل حق حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو جذبو ۽ آزادي سان جيئڻ جي خواهش، آس، اُميد، عزم ۽ ارادو هر شهري ۽ ذميدار انسان جو وڙ هوندو آهي. انساني حق اُهي حق آهن جيڪي سماج جي هر فرد مرد توڙي عورت، ڇوڪرو توڙي ڇوڪري ۽ ننڍڙي ٻار توڙي ٻڍڙي پيرسن سيني کي حاصل هوندا آهن صرف ۽ صرف انهيءَ بنياد تي تہ اُهي انسان آهن، انساني حقن جي حيثيت ڏاڍي وسيع ۽ ڪشادي هوندي آهي. انسانن جا بنيادي حق ڪنهن جا بخشش ڪيل، عطا ڪيل، بطور انعام ڏنل، امداد يا خيرات ڪيل يا نوازيل نہ هوندا آهن پر اِهي انسان جو پيدائشي حق آهن ۽ پيدا ٿيندي ئي اِهي حق ڪيس حاصل ٿيو وڃن ۽ انسان ڄمندي ئي انهن جو دعويدار ٿيو وڃي ۽ جيستائين توهان انسان آهيو اِهي حق وڃائي نٿا سگهو ۽ ڪير بہ توهان کان اِهي حق ڦري ۽ ڦٻائي نٿو سگهي.

Information Department
Government of Sindh